
اگهاڙپ جو فلسفو
(ڪهاڻيون)
ڪرشن چندر
سنڌيڪار: پوَن سنڌي

# اگھاڙپ جو فلسفو

(پرڏيهي ڪھاڻيون)

ڪرشن چندر

يوَن سنڌي

**نئون نياپو اڪيڊمي**

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

**حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ:**

ڪتاب جو نالو: اگهاڙپ جو فلسفو

موضوع: پرڏيهي ڪهاڻيون

ليکڪ: ڪرشن چندر

سنڌيڪار: پون سنڌي

تعداد: هڪ هزار

ڇاپو پهريون: اپريل 2019

پاران: نئون نياپو اڪيڊمي

C_4 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ
Ph # 021- 34690389 Cell # 0333-32115821

مُلهه : 200/=

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”اگهاڙپ جو فلسفو“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب **ڪرشن چندر** جي 12 ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن جو سنڌيڪار ناميارو شاعر، ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **پَون سنڌي** آهي.

مهاڳ ۾ نصير سومرو لکي ٿو:

”ڪرشن جون ڪهاڻيون تلخ حقيقتن جي عڪاسي ۽ طنز سان ٽمٽار هوندي به شائستہ اسلوب جو ويس پهريل آهن. هي ڪهاڻيون پوَن سنڌي ترجمو ڪري ادب ۾ اضافو ڪيو آهي. ڪرشن چندر جي هنن ڪهاڻين، يا افسانن جنهن جا ڪردار انساني آهي ۽ انهن جا تڪرار ۽ انتشار بہ انسانن جي وچ ۾ آهن جيڪي پيدا بہ انسانن خود ڪيا آهن ۽ انهن جو نبيرو بہ ڪين ئي ڪرڻو آهي ۽ هي علاج گهايل دلين کي ڪيتريقدر سرت ۽ سگهہ ڏيندڙ آهي سو تہ ڪرشن کي پڙهڻ ڪانپوءِ ئي پتو پوندو ۽ بس.“

هي ڪتاب **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي** پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پون سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ارپنا

نندي ڪند جي،
آرٽ ۽ ادب جي نانءَ-
جنهنجي سرهاڻ ڪي،
سرحدن تي،
روڪي نٿو سگهجي.

# سٽاءُ

مهاڳ: نصير سومرو/7
سنڌيڪار پاران: پوَن سنڌي/10

## ڪهاڻيون


1. گل جي هيڪلائپ/15
2. روح جون رولاڪيون/21
3. اُگھاڙپ جو فلسفو/30
4. لک پتي بڻجڻ جو نسخو/36
5. جواڻ جماڻ جذبا/43
6. شاعر، فلسفي ۽ ڪلارڪ/51
7. نئون خزانو/57
8. بي نام رشتا/65
9. جر مٿي جوين/73
10. آدم ڪان اڳي ۽ آدم ڪانپوءِ/77
11. عورت جو عطر/81
12. صاحب/88

# مهاڳ

**سنڌي** ٻوليءَ ۾، ٿورڙي عرصي ۾ چڱا ناول ۽ افسانا، ڏيهي توڙي پرڏيهي ڇپجي پڌرا ٿيا آهن ۽ انهن کي ڇاپيندڙ ادارن مان، "نئون نياپو" وڏيڪ جس لهڻي ٿو. هي ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جو ڳٽڪو "اُگهاڙپ جو فلسفو" بہ ذڪر ڪيل پبلشر طرفان ڇپائيءَ هيٺ آهي، جنهن جو مهاڳ لکڻ لاءَ مونکي چيو ويو آهي. ڏينهن ٻن کان وڏيڪ وٿي ملي ها تہ هوُند "مهاڳ ڇا آهي؟"، تِنهن بابت بہ اکر لکجن ها، جو سنڌي ڪتابن جي مهاڳن جي اجا تائين مُلهہ ـ ڪَٿَ ٿي ئي نہ آهي.

ورهاڱي کان اڳ وارو هندستان ڪيئن هو سو ٻڌائيندڙ ترقي پسند تحريڪ جي فڪري لڏي مان، ڪرشن چندر پلوڙ ليکڪ بہ هو تہ پلوڙ سياءَ وارو شخص بہ هو. جنهن افسانن ۽ ناولن ۾ پرچار جي بدران نج فني پهچ/ artistic approach کي اُتم رکيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو سندس تخليق کي، تڏهوڪي مانَ مرتبي وانگر اڄ بہ مانُ ڏنو وڃي ٿو. هن ورهاڱي کانپوءِ جي هندستان جي حالتن کي بہ، نہ رڳو ڏٺو پر هتان جي سماجي، سياسي ۽ تهذيبي معاملن تي دلسوزيءَ سان ويچاريو بہ. ڪارج ۽ اَڪارج جي وچ ۾ سَنڌو ڪيدي پنهنجي تخيلاتي آرٽ کي انسان دوستيءَ سان جوڙي رکيو.

ڪرشن ڪمال جو ليکڪ آهي ۽ ڪمال مٿان ڪمال اهو تہ هُو سماجي سائنسدان جي حيثيت ۾ ماڻهپي جي آفاقي قدرن جي تال ميل ۾ زندگي کي لاحق مُونجهارن جو حل بہ ٻڌائي ٿو. پڙهندڙ ساڻس سهمت ٿين، يا اَسهمت _ سندن استحقاق آهي، پر ڪرشن چندر پنهنجي اظهار ۾ پِيسجندڙ طبقي جي ڏر ٻڌجي ساڻن گڏ بيٺو آهي. هن جي تخليق جو اپياس، گڏيل انساني جذبن ۽ احساسن جو اپياس آهي ۽ انهيءَ ڪري سندس افسانا ۽ ناول ٻين ڪيترين ئي ٻولين وانگر سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ٿي رهيا آهن. "اگهاڙپ جو فلسفو" اهڙين ئي ڪهاڻين جو مجموعو آهي جنهن ۾ انساني جذبن ۽ احساسن جي ويا ڪيا افسانوي انداز ۾ رومانويت ۽ حقيقت پسنديءَ جي آس پاس ڦرندي رهي ٿي. طرزِ تفڪر، يا رويي جو رخ ترقي پسنداڻو اٿس جيڪو سماج کي اڳتي وٺي ويندڙ آهي. ان ادب جي سنڌ کي گهڻي ضرورت آهي. سو چئبو تہ ڪرشن چندر جو افسانوي ادب سنڌيءَ ۾ الٿو ٿيڻ، نہ رڳو ڪارائتو وڪر آهي پر وقتائتو بہ آهي. هڪ ٻيو پهلو هي تہ ناول، يا افساني ۾ جنسي معاملا زير بحث آڻڻ ڪانسواءِ تخليق بيوهہ جي ٻسن ڪنن وانگر رس چس کان وانجهيل شماربي آهي ۽ اهو بہ تہ جيئن نسائي نفسيات جون باريڪيون اردو افسانن ۽ ناولن ۾ عورت ليکڪائن قلمبند ڪيون آهن تيئن سنڌيءَ ۾ مثال گهٽ، يا بنهہ ناپيد آهي. ڪرشن جون ڪهاڻيون تلخ حقيقتن جي عڪاسي ۽ طنز سان ٿمٿار هوندي بہ شائستہ اسلوب جو ويس پهريل آهن.

هي ڪهاڻيون پوَن سنڌي ترجمو ڪري ادب ۾ اضافو ڪيو آهي. منهنجي ساڻن ملاقات نہ آهي پر هي پورهيو_ ڪهاڻين جو ترجمو "اگهاڙپ جو فلسفو" سندن علمي سڃاڻپ ئي اصل ملاقات آهي. سنڌيڪار جي ڄاڻ موجب، ڪرشن چندر جا 20 ناول ۽ هن جي ڪهاڻين تي مشتمل 30 مجموعا مارڪيٽ ۾ آيا، پر " ہندستانی ادب کے معمار " جي سلسلي جي ڪتاب "ڪرشن چندر" ۾

مرتب: جيلاني بانوءَ ناولن ۽ افسانن جي مجموعن جا انگ اکر قدري مختلف ڏنا آهن. ساهتيه اڪادمي نئين دهليءَ طرفان ڇپيل ڪتاب ۾ ڏنل وچور آهر ناولن جو تعداد 47 آهي جنهن مان به ٽائيٽل "فلمی قاعده" ۽ "اور گوالیار کا حجام" ناول نه آهن. جڏهن ته افسانن جا مجموعا 32 ٻڌايا ويا آهن ۽ ترتيبوار هر مجموعي جو نالو ڏنل آهي. پهريون افسانن جو مجموعو "طلسمِ خیال" سن 1939 ۾ مڪتبه اردو لاهور طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هن جي ڊرامن جا مجموعا 6 ڇپيل آهن ۽ رپورتاز. ٻارن جي ادب جا 11 ڪتاب ۽ ٻيا متفرقه ڪتاب 3 اٽس جنهن مان نئے زاویے ٻن جلدن تي مشتمل آهي.

ڪتاب "اگهاڙپ جو فلسفو" جي سڀني ٻارنهن ڪهاڻين تائين ڦهليل آهي.

ٽائيٽل ڪهاڻيءَ مان ٽڪرو آهي:

*"سونهن ٻن قسمن جي هوندي آهي. هڪ اُها جيڪا خدا پيدا ڪري ٿو ۽ ٻي اُها جيڪا درزي عطا ڪري ٿو. ماڻهوءَ جي ناشڪري ڏسو جو خدا طرفان مليل حسن کي ڇڏي درزيءَ طرفان مليل مصنوعي حسن جي پويان لڳو پيو آهي."*

*هڪ ٻيو ٽڪرو:*

*"ذرا سوچيو اوهين برهمڻ دور جا شيدائي آهيو. اوهان جي دماغ تي اهو دور ئي ڇانيل آهي. برهمڻ دور جو بنياد ئي فائدي تي ٻڌل آهي. توهان جي نظر ۾ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ ۾ فائدو آهي ته اُها سٺي، نه ته خراب. هتي ڪارخانو هلايو وڃي ٿو فائدي لاءِ، خيرات ڪئي تي وڃي ته جيئن نالو ٿئي، اخبارن ۾ شهرت ملي، ساک ٺهي ۽ انهيءَ ساک مان وري ڪاروبار ۾ فائدو ٿئي. توهان ته هر شيءِ کي فائدي جي ڪسوٽي تي توريو ٿا. توهان پڪ ڄاڻو ته اگهاڙپ پسندن جي جماعت جي ڪاميابي ٿي ته اها سڀ کان پهريون ڪم اهو ڪندي ته هُو لفظ فائدي کي لغت مان هميشه لاءِ ڪڍي ڇڏيندي."*

متئين ٽڪري ۾ "فائدي" جي طرف اشارو انقلابي فڪر جو اولڙو ۽ سماج اندر مروج ناڪاري ۽ پرماري روين ۽ لاڙن کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش آهي. ساڳي طرح جي روبي جو صاحب جيڪو پڻ ويچارڪ ۽ تخليقي صلاحيت رکندڙ هجي، اهو ئي اهڙو ترجمو ڪري سگهي ٿو. پوَن سنڌي پاڻ پروفيسر هئڻ ناتي ايرندڙ ٿهيءَ کي جانڪاريءَ جي جوت پهچائيندو رهيو آهي ۽ ترجمي سان گڏ تخليقي ڪهاڻيون، شاعري ۽ ڪالم تيزيءَ سان ان ڪري سنڌن ڪريڊٽ تي آهن جو هاڻ درس ۽ تدريس جي ذميدارين کان آجو آهي. هُوَنِ ءَ به فڪري ۽ فني پورهيو ڪرڻ لاءِ رٽائرمينٽ کان پوءِ وقت دستياب هوندو آهي. پوَن صاحب جا ڪالم ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ وقتن بوقتن ڇپجندا رهندا آهن. جنهن ڪري به سنڌن نالو اڻ ٻڌو يا اوپرو بنهه نه آهي. پرڏيهي ڪهاڻين جو ڪتاب، "گوري، گهاگهر ۽ گوندر" ترجمو ڪيائين جيڪو سال 1985 ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ ان جو ٻيو ايڊيشن سال 2015 ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سال 2015 جي نومبر ۾، سال 1986 ۾ سندس شاعريءَ جو ڪتاب "سندري سپنا ۽ صليب" مارڪيٽ ۾ آيو. 2015 ۾ به پرڏيهي

ڪهاڻين جا ڪتاب "درد ٻڌيو دلربا"، ۽ "ستارن پويان ٻوڙندڙ شخص" شايع ٿي پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهتا. سال 2016 ۾ پرڏيهي ڪهاڻين جي ترجمي جو ڪتاب "محبت ماريا ماڻهو" شايع ٿيو ۽ ايندڙ ڪجهه ڪتاب جن ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو ٻائريءَ جا ورق، مختلف شخصيتن تي خاڪا ۽ پرڏيهي ترجمن تي ٻڌل ڪتاب شامل آهن.

ڪرشن چندر جي هنن ڪهاڻين، يا افسانن جنهن جا ڪردار انساني آهي ۽ انهن جا تڪرار ۽ انتشار به انسانن جي وچ ۾ آهن جيڪي پيدا به انسانن خود ڪيا آهن ۽ انهن جو نبيرو به ڪين ئي ڪرڻو آهي ۽ هي علاج گهايل دلين کي ڪيتريقدر سرت ۽ سگهه ڏيندڙ آهي سو ته ڪرشن کي پڙهڻ ڪانپوءِ ئي پتو پوندو ۽ بس.

**_نصير سومرو**

ڪراچي
2018/12/12

# سنڌيڪار جو نوٽ

## ڦلڻ مڻ...

**ڪرشن** چندر کي ننڍي هوندي کان پڙهيو اٿم. سندس لکڻين ۾ هڪ جادو آهي. هنجا ڪردار بنهه سادا، بنا ميڪ اپ جي زندگي جي عام رستن تي گهمندي ڦرندي نظر ايندا. ۽ هن جي ڪردارن جي وڏي خوبي اها آهي ته هن جي ڪردارن ۾ پڙهندڙ کي پنهنجو اولڙو پيو محسوس ٿيندو. اُنهن جي دردن، خوشين، خواهشن، جذبن، ارادن، منزلن، مقصدن ۽ آدرشن ۾ پڙهندڙ کي پنهنجو وجود محسوس ٿئي ٿو پڙهڻ ويلي ايئن پيو لڳندو ته جڻ اُهو هو پاڻ ئي هجي. وڏي ڳالهه ته فڪر ۽ فلسفو سادن لفظن ۾ عام ڪردارن جي ذريعي سمجهائڻ جو ڏانءُ جيڪو ڪرشن چندر وٽ آهي، اُهو دنيا جي تمام ٿورڙن اديبن وٽ هوندو.

ننڍي ڪنڊ جي هن عظيم ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار 23 نومبر 1914 ۾ پرت پور شهر راجستان (انڊيا) ۾ جنم ورتو. هن جو ننڍپڻ پونچ شهر (جموں ڪشمير) ۾ گذريو جتي هن جو پيءُ گوري شنڪر چوپڙا مهاراجا پونچ جو فيملي فزيشن هو. هن پنهنجي ننڍپڻ جي يادن تي هڪ ناول "مٹی کی صنم" لکيو. اُردو ادب ۾ ٻال پٽي جي ساروڻين تي هي هڪ شاهڪار ناول شمار ڪيو وڃي ٿو.

ڪن اديبن ۽ مورخن جو خيال آهي ته ڪرشن چندر جو جنم وزير آباد ضلعي گوجرانوالا (پاڪستان) ۾ ٿيو ۽ هن جو ننڍپڻ لاهور ۾ گذريو ۽ FC ڪاليج لاهور ۾ به پڙهيو ان جي تصديق لاءِ هوا هو حوالو ڏين ٿا ته ڪرشن چندر اڪثر محفلن ۾ پاڻ کي لاهوري چوائيندي فخر محسوس ڪندو هو.

ڪرشن چندر جي پهرين شادي ودياوتيءَ سان ٿي ۽ ٻي شادي لکنوءَ جي ماهر تعليم پروفيسر راشد احمد صديقيءَ جي ڌيءَ ۽ اُردو ادب جي مشهور ليکڪا سلميٰ صديقيءَ سان ٿي، جنهن جون ناول "سڪندر نامه" ۽ ٻيون پڻ ڪوڙ ساريون تخليقون لکيل آهن. هن جوڙي جي شاديءَ جو به هڪ دلچسپ پس منظر آهي. ٿيو ايئن جو هڪ دفعي شيام سندر پرواز پنهنجي رسالي، جنهن ۾ سلميٰ صديقي سب ايڊيٽر هئي، جي ڪاپي کڻي ڪرشن چندر وٽ ويو ۽ ڪائنس رسالي لاءِ ڪهاڻي جي گهر ڪيائين. ڪرشن چندر رسالي ۾ سلميٰ صديقي جي تصوير ڏسي چيو "ڇا هوءَ لکندي به آهي؟" ڪرشن چندر کيس پنهنجي ڪهاڻي ڏيندي چيو "هو جڏهن لکنوءَ ايندو ته ساڻس هن جي ملاقات ضرور ڪرائجانءِ...!"

پر اُن کان اڳ ئي ٽائون هال علي ڳڙهه ۾ ڪرشن چندر جي سلميٰ صديقيءَ سان ملاقات ٿي وئي. ٿيو ايئن جو ڪرشن چندر جي قلمي پورهئي تي مجتبا ڏيڻ لاءِ سلميٰ صديقي کي سڏيو ويو. سلميٰ صديقيءَ جو ڪرشن چندر پسنديده ليکڪ هو ۽ هوءَ کيس چوڏهن ورهين جي عمر کان پڙهندي پئي آئي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ علي سردار جعفري سلميٰ صديقيءَ کي فون ڪري ٻڌايو ته "تو اسٽيج

تي الائجي ڇا ڳالهايو آهي جو ڪرشن چندر توکان ڏاڍو متاثر ٿيو آهي.“

سلميٰ صديقي وراڻيو ”مون تہ فقط سنڌس تخليقي پورهئي ڪي صحيح معنيٰ ۾ پيٽا ڏني آهي، جيڪو هو لهڻي ٿو.“

ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪرشن چندر سلميٰ صديقيءَ کي پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي شاديءَ جي ڪوٽ ڏيئي گهرايو. سلميٰ صديقيءَ ڪائنس سنڌس لکيل هڪ ڪتاب جي گهر ڪئي جيڪو مارڪيٽ ۾ ڪونہ ٿي مليو. تنهن تي ڪرشن چندر وراڻيو: ”تون اُن کي ڇا ڪنديئين؟ منهنجا ڪتاب مون کان مختلف آهن ڇا؟“

سلمي صديقيءَ وراڻيو ”مون کي پوءِ بہ تنهنجي ان ڪتاب جو اوسيئڙو رهندو.“

ڪرشن چندر وراڻيو ””۽ هڪ ڏينهن ايندو جڏهن تون منهنجو انتظار ڪنديئين۔!“

سلميٰ صديقي ان مامري بابت ٻڌائي ٿي تہ آئون اُن وقت ڪرشن چندر جي لفظن کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهي نہ سگهي هيس ۽ مون کيس وراڻيو: ”هائو! پر جي تون پاڻ سان گڏ پنهنجا ڪتاب آڻيندين.“

۽ پوءِ 1957ع ۾ اسان جي نيني تال ۾ شادي ٿي ويئي.

سلميٰ صديقي ڪرشن چندر جون سارو ٽيون سهيڙينديِ لکي ٿي تہ هو هميشہ پنهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن ۾ گم ٿي ويندو هو. هڪ لڳاں سنڌس چهري تي نفرت ۽ ڌڪار جا اولڙا پسي مون کان تہ بنهہ ڇرڪ نڪري ويو. تڏهن هو ”آدھی گھنٹے کا خدا“ ڪهاڻي لکي رهيو هو.

ڪرشن چوندو هو تہ ”منهنجي هر تخليق جو هر ڪردار مون منجهان اُپري نڪري ٿو.“

سلميٰ صديقي پنهنجي ور کي ”ڪرشن جي“ ڪري مخاطب ٿيندي هئي. هوءَ وڌيڪ ٻڌائي ٿي تہ ”ڪرشن چندر کي اسٽيج تي ڳالهائڻ ۾ هميشہ هٻڪ محسوس ٿيندي هئي. هو جهڙيءَ ريت روانيءَ سان لکي سگهندو تنهن ريت ڳالهائي نہ سگهندو هو.“ مون جڏهن ساڻس اُن جو ذڪر ڪيو تہ هن وراڻيو ”پر مان جڏهن توسان ڳالهائيندو آهيان تہ بنهہ پريشان نہ ٿيندو آهيان ۽ منهنجي اُهائي ڪهاڻي سرجڻ واري ڏارا برقرار رهندي آهي.“

ڪرشن چندر 1930ع ۾ ڪرسچن ڪاليج جنهن ۾ هن اَوائلي تعليم ورتي هئي اُن پاران نڪتل مئگزين جو انگريزي سيڪشن بہ ايڊٽ ڪيو. هن جي پهرين ڪهاڻي ”ساڌو“ 1932ع ۾ شايع ٿي. ڪرشن چندر ڪل 20 ناول لکيا ۽ هن جي ڪهاڻين تي ٻڌل 30 ڳُٽڪا مارڪيٽ ۾ آيا. ان کان سواءِ هن ڪوڙ سارا ريڊيو پلي ۽ فلمن لاءِ اسڪرپٽ پڻ لکيا. هن نہ صرف اُردو پر هندي ۽ انگريزي ٻولي ۾ پڻ ادب تخليق ڪيو. ڪرشن چندر جي ناولن ۽ ڪهاڻين تي ڪافي فلمون ٺهيون جن عوام ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. 1946ع ۾ ڪرشن چندر جي ڪهاڻي ”ان داتا“ تي خواجہ احمد عباس ”دھرتی کے لال“ نالي سان فلم ٺاهي. اُن کان علاوه هن جي مختلف ڪهاڻين ۽ ناولن تي ٺهيل فلمن مان آندولن (1951)، ایک دو تین (1953)، فرار (1955)، دو پھول (1958)، شرافت (1970)، دو چور (1972)، فیملی (1973)، رام بھروسی (1977)، مان بھوی (1979)، سئنيما گهرن ۾ ڌوم مچائي ڇڏي.

ڪرشن چندر جو ناول "ایک گدھے کی سر گزشت" جنهن جي لکڻ جو هڪ ڪارڻ ڪيس سرڪار نامدار طرفان پاسپورٽ جاري نہ ٿيڻ بہ هو جيڪو 16 هندستاني ٻولين ڪان علاوه انگريزي ۾ پڻ ترجمو ٿيو. هن جي ناول "غدار" جو ڳاڻيٽو اردو ادب جي شاهڪار ناولن ۾ ٿئي ٿو. هن جو ناول "شکست" ورهاڱي جي درد ۽ پوڙنائن تي هڪ بي مثال ناول آهي.

"ایک گدھے کی سر گزشت" سياسي خدائن ۽ بيورو ڪرسيءَ جا ڪچا چنا پڌرا ڪري ڇڏيا. ان ناول جي ايڏي تہ واڪاڻ ٿيڻ لڳي جو تڏهوڪو هندستاني وزير اعظم نهرو پريشان ٿيڻ لڳو. ڪرشن چندر کي جڏهن وناش راءِ بچن سان گڏ سويت ليند نهرو ايوارڊ مليو ٿي تہ، اُتي نهرو بہ آيل هو. نهرو بچن فيملي ۽ سلميٰ صديقيءَ سان تہ مليو پر هن ڪرشن چندر کي ڄاڻي واڻي نظرانداز ڪيو. جڏهن ارونا آصف علي، پنڊت جواهر لال نهرو جو ڌيان ڇڪائيندي چيو تہ "ڇا توهان ڪرشن چندر کي ڪو نہ ٿا سڃاڻو؟" تہ هن ڪرشن ڏانهن بنا ڏسڻ جي چيو تہ، "هي اُهو شخص آهي نہ، جنهن اهو گڏهہ پائيءَ وارو قصو لکيو آهي."

سلميٰ صديقيءَ اهو بہ ٻڌايو تہ توڙي جو نهروءَ کي ڪرشن چندر کان "ایک گدھے کی سر گزشت" ناول لکڻ تي چڙ هئي پر پوءِ بہ نهرو بنهہ ذاتي بغض يا دشمنيءَ ۾ ويساهہ نہ رکندو هو ۽ نہ ئي انتقامي سياست هن جو شيوو هو. اهو ئي سبب هو جو هو جڏهن بہ ڪرشن چندر سان ڪنهن گڏجاڻي يا ٻئي ڪنهن هنڌ مليو تہ ساڻس ڏاڍي حب ۽ پنهنجائپ مان ملندو هو.

ڪرشن چندر هڪ سوشلسٽ ۽ سيڪيولر ذهن جو ماڻهو هو. هن هميشہ انسان کي فرقي، نسل، رنگ، ذات پات، ٻولي ۽ مذهب کان اُتاهون سمجهيو. هن جي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ بک، بيروزگاري ۽ مهانگائي جي مسئلن جي ڀرپور نموني نشاندهي ٿيل آهي. هن جي تخليقن ۾ پيڙهيل طبقن، مزدورن ۽ هارين جي غربت، اٽاٽ، ۽ نراسائپ ۽ اميرن جي مزاجن، عياشين، سماجي ۽ رياستي بربريت ۽ غلاميءَ جي عذابن جي چڱي پٽ وائکي ٿيل آهي. ڪرشن چندر جي تحريرن ۾ فطرت جا سڀ رنگ ۽ خوبصورتيون ۽ محبوبن جا ماڻا موجود آهن. سندس تخليقن ۾ آئيندي جي انسان جا خواب، عالمي امن، شانتي، تهذيبن ۽ ثقافتن جا سڀ سانگ ۽ اسلوب پڻ نمايان آهن.

ڪرشن چندر هڪ بيباڪ ليکڪ هو جنهن ڪڏهن بہ، وقت جي حڪمران جي پرواهہ ڪئي ۽ نہ ئي مصلحت کان ڪم ورتو. جڏهن سرڪاري نوڪري هن کي نہ آڙي تہ هن اُن منجهان هٿ ڪڍندي دير ئي نہ ڪئي. ڪرشن چندر پنهنجي هڪ تخليق: جنهن ۾ هو چِٺي ماں نهرو ۽ جناح کي خط لکي ٿو. خط ۾ ورهاڱي جو دردناڪ ذکر سان گڏ ڪرشن چندر جي ان هڪ ڪهاڻي "نهرو اور جناح کے نام ایک طوائف کا خط" ۾ ورهاڱي جي دردناڪ واقعن جو ذڪر ٿو. هن جي ان دردناڪ ۽ پوڙنائن واري ڪهاڻيءَ جا بہ مک ڪردار آهن. هڪ هندستاني ۽ ٻي پاڪستاني ڇوڪري، ڪهاڻي ايترو اثر رکندڙ هئي، جو سرڪار نامدار ان کان اهڙو چِڙي پئي جو اُن وقت جي مهاراشٽر جي وزيراعليٰ مرار جي ڊيسائي (جيڪو پوءِ هندستان جو وزيراعظم بہ ٿيو)، اُن ڪرشن چندر جي بمبئي واري گهر تي پوليس ڇاڙهي موڪلي تہ ڪٿي اهي ٻئي ڇوڪريون اُتي تہ موجود

ناهن.

برصغير جو هن ناليواري اديب 8 مارچ 1977ع تي 62 ورهين جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪيو. سنڌس وفات ڪانپوءِ ڪشميري حڪومت پاران پونڇ جي فائونٽيشن پارڪ جو نالو بدلائي ڪرشن چندر پارڪ رکيو ويو. ڪرشن چندر جي حياتي، توڙي پڄاڻان هن تي ڪيترائي ادبي ميڙاڪا، ڊراما وغيرا ٿيندا رهيا آهن جن ۾ جاويد اختر، گلزار، خواجه احمد عباس، جاويد نقوي، ضيا محي الدين ۽ پاڪستان ۽ هندستان جا ناليوارا اديب، شاعر، محقق، صحافي، سياستدان شريڪ ٿيندا رهيا آهن. نه صرف ايترو پر ٻين ملڪن ۾ ڪيس مڃتا ڏيڻ لاءِ به ميڙاڪا ٿيندا رهن ٿا. سنڌس ادبي پورهيئي جي عيوض ساهيته اڪيڊمي ايوارڊ پڻ سنڌس حصي ۾ آيو. تازو ئي سنڌس سئو سالا جنم ڏڻ پڻ ان سلسلي جي ڪڙي هئي. هن جي ناولن ۽ ڪهاڻين جي مجموعن جا ڪيترائي ايڊيشن ڇپجي وڪرو ٿي چڪا آهن ۽ اڃا به ڇپندا رهن ٿا.

اهو به عجيب اتفاق ڇئبو جو هي مهان ڪلاڪار زندگي کان هميشه لاءِ موڪلائڻ وقت به ٽيبل ڪرسي تي ويٺي پنهنجي ڪهاڻي "ادب بڑی لطف" لکي رهيو هو. اڃا هن ڪهاڻي جي پهرين سٽ مس لکي : "نورانی کو بچپن سے ہے پالتو جانوروں کا شوق تھا، کبوتر، بندر، رنگ برنگی چڑیا۔۔۔" ۽ هن جي ساهه جو سڳو ٽٽي پيو ۽ هو جسماني طور تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. پر پنهنجي ڪلا ۽ ذات وسيلي سدائين صبح جي ٿڌڙي هير ۽ محبوب جي ماڻن وانگر زندگي کي هميشه تازگي ۽ سونهن بخشيندو رهندو.

ڪرشن چندر اڪثر چوندو هو ته، "آئون هڪ اهڙو جانور آهيان جيڪو فقط لکڻ ڄاڻي ٿو. آئون لکڻ ڇڏي ڏيندس ته زنده رهي نه سگهندس." ان ۾ ڪو شڪ به ناهي ته ڪرشن زندگي جي آخري گهڙين تائين لکيو ۽ ان کي موت جيتوڻيڪ جسماني طور تي زندگي کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي پر هن جو تخليقون ۽ تحريرون اڄ به زندگي کي دوام بخشينديون رهن ٿيون.

ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جو ترجمو ڪيل ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. مون ترجمي جي ڏانءُ سان ڪيترو نباهيو آهي. اُن تي ٽيڪا ٽپڻي مون کي نه پر توهان کي ڪرڻي آهي. ڪرشن چندر جي ڪلا تي ڳالهائڻ مون جهڙي جيتامڙي اديب جي وس جي ئي ڳالهه ناهي. ڪرشن چندر تي مون جن به وڏن اديبن کي پڙهيو آهي، اُهو لڳ ڀڳ سنڌس فني بلندين جي ساراهه بابت ئي هوندو آهي. ڪٿي به انهن ناليوارن اديبن ڪرشن چندر جي تخليقن ۾ فني جهول جو اظهار ناهي ڪيو.

ويهين صدي جنهن ۾ ڪرشن چندر موجود هو، ادب جي دنيا ۾ پنهنجي ساک ۽ هاڪ برابر قائم رکي ۽ اُن تي هن جي مسلسل ڇاپ رهي. ڪرشن چندر جي تخليقن جا ڪردار ۽ موضوع هر دور سان ايترا ته هم آهنگ آهن جو اُنهن کي وقت ۽ حالتن جي تبديلي ڪڏهن به موت جي ننڊ سمهاري نٿا سگهن. ايئن جيئن فطرت جي سونهن کي اجل ڳڙڪائي نٿو سگهي تيئن ڪرشن چندر جي تخليقن جي حسن کي ڪڏهن به زوال ناهي اچڻو ۽ هو اُنهن تخليقن جي روپ ۾ ادب جي تارن ڀري آسمان ۾ چنڊ جيان چمڪندو رهندو.

آئون توهان کي ڇا ٻڌايان، بس ڪرشن چندر جي ڪهاڻين کي ترجمو ڪندي، مون کي نه

صرف خوشي محسوس ٿي رهي آهي بلڪ آئون اُن کي پنهنجي لاءِ هڪ اعزاز سمجهان ٿو جو هيڏي وڏي قد ڪاٺ واري ڪلاڪار کي پنهنجي ڌرتي جي ماڻهن تائين پهچائي رهيو آهيان. ان خواهش سان ته اوهان جي اندر ۾ ڪرشن چندر جي تخليقن جو انسان ڀانبڙا پائي اوهان کي جاڳائي. انسان جي ازلي پيڙائن، دردن ۽ پيڙائن جو احساس ڏياري ۽ اُنهن جي چوٽڪاري جا گس ڏسي. اوهان کي زندگي جي انهي خوبصورت شاهراهه تي وٺي اچي، جنهن جي هر طرف فطرت جا دلفريب ۽ عجيب غريب رنگ ۽ نظارا آهن. محبوبن جا ماٽا ۽ حسناڪيون آهن. فضائن ۾ خوشين جا نغما ۽ نرتڪين جا روح پرور رقص آهن. جتي درد ۽ پيڙا جو ڪو به وجود ناهي ۽ چوڏس خوشيون ئي خوشيون ۽ شادمانيون آهن.

بس اها ئي پيتا آهي هن سدا بهار ليکڪ کي اهو ئي خواب هو هن سدا بهار ليکڪ جو عالم جي انسان لاءِ هي ترجمو به ان انسان جي سندر خوابن تائين رسڻ جو هڪ پورهيو آهي. شل قبول پوي.

ڀُونءِ جو ٻندو

ڀوَن سنڌي-

حيدرآباد

Email: bhawansindhi1@gmail.com

# گل جي هيڪلائپ

“**توکي** ڪهڙي قسم جو گهر کپي؟”

مسواڙي گهرن جي دلال مون کان پڇيو. هو مون کي تون ڪري ڪڏهن به نه ڳالهائي ها، جيڪر هن جي نظر منهنجي پراڻي پتلون تي نه پوي ها.

“مون کي اهڙو گهر گهرجي جنهن ۾ ڪمرو ته پلي هڪ هجي پر اهو باٿ روم وارو هجي. اڳيان لان هجي. لان ۾ سائي ڇپر هجي ۽ اُن ڇپر جي پاسن کان گل ٽڙيل هجن...”

“گلن جي وچ ۾ اُس ڪائڻ واري هڪ چٽي هجي ۽ چٽيءَ جي هيٺان هڪ پوپري آهليل هجي؟” دلال تصوير مڪمل ڪري ورتي.

“مسٽر! توکي گهر جي ڳولا نه، پنهنجي عقل جو ويمو ڪرائڻ گهرجي.”

“ماڻهو ته سمجهدار پيو لڳي.” مون دلال کي واکاڻ وارين نظرن سان ڏسندي سوچيو.

دلال منهنجي ويجهو اچي هورڙيان پڇيو: “ڪرايو ڪيترو ڏيندين؟”

“پنجويهه رپيا”

“پنجويهه رپين ۾ ته رڳو گاهه ملي سگهي ٿو، گهر نه...”

مون چيو: “مون توکي گهر ڏيکارڻ لاءِ تي رپيا اڳوات ڏنا آهن. اها ڳالهه توکي ڏوڪڙ وٺڻ کان اڳ ۾ چوڻ گهربي هئي. هاڻي چيڙي ڪري گهر ڏيکار.”

دلال ٽن رپين سان ٻڌل ياڙي جي گهوڙي وانگر هلڻ لڳو مون سوچيو. هر شخص جي ڪنڌ ۾ هڪ رسو هوندي آهي. ٽن رپين وارو يا ٽن سئو رپين وارو، يا ٽن هزارن وارو يا ٽن لکن وارو، پر رسو هر ڪنهن جي ڪنڌ ۾ پيل هوندو آهي. هونءَ ته مون کي به پنهنجي ڳچي لاءِ رسي جي ڳولا هئي، پر پئسن واري نه پر ڦاهي واري! مون مرڻ جو پهه ڪري ورتو هو. هلندي هلندي منهنجي دل مون کان پڇيو.

“جڏهن تو مرڻ جو فيصلو ڪري ئي ڇڏيو آهي ته پوءِ گهر جي ڳولا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟”

مون دل کي چيو. “تون ته ڳالهاءِ ئي نه! تنهنجي ڪري ئي هي ڏينهن ڏسڻا پيا آهن. تنهنجي چوڻ تي مون غلط عورت سان محبت ڪئي. ڪڏا ڪم ۽ ڪاٽيارا دوست ڪيا. سچي چمار غلط رستن تي هليس... گهڻو ٿيو تون منهنجي موت ۽ مون وچ ۾ ڳالهائڻ واري پلا ٿيندي ڪير آهين...؟”

“آئون ڳالهايان ڪٿي پئي؟” دل چيو. “نوڙت سان رڳو اهو پڇڻ پئي گهريم ته جي مرڻو ئي آهي ته پوءِ گهر جي ڳولا ڇو؟ ڇو نه ڪنهن وڻ جي ڳولا ڪجي؟ درياهه، ڍنڍ، ريل بند يا ڪو زهر...!؟”

“تون ته اصل ڪا موڳي آهين!” مون دل کي دڙڪو ڏنو. “تون مون کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهينءَ! پلا مون جهڙو انسان هڪ رواجي موت ڪيئن ٿو مري سگهي؟ مان ته ڪنهن سورهيه جهڙو

من موهيندڙ موت چاهيان ٿو.”

“هڪ خوبصورت ڪمرو. لالٽين جي هڪلي هلڪي روشنيءَ ۾ منهنجي هٿن ۾ ڇُلڪندڙ آخري جام، ڇت جي پکي سان لٽڪيل ريشمي رسيءَ ۾ جهومندڙ منهنجو جسم ۽ دري کان ٻاهر هڪ خوبصورت لان. لان ۾ ڇهڇ سائي ڇٻر، ڇٻر جي پاسن کان ٽڙيل گل. اُس ڪائڻ واري ڇتي ۽ ڇتيءَ هيٺان آهليل هڪ پوپري، پوءِ اُها پلي پاڙيسريءَ جي زال ٿي ڇو نہ هجي!”

“رات جو وري اُس ڪتان ايندي ۽ پوپري رات جي وقت ڪليل ڇتيءَ ۾ ڇو تنهنجي لاءِ سيءَ ۾ ڏڪڻ چاهيندي؟”دل پڇيو.

“تہ پوءِ پلا! آئون ڏينهن ۾ آپگهات ڪندس...” مون دل کي ڇڙٻ ڏيندي چيو: “هاڻي تون ماٺ ٻہ ڪر.” دل چپ ٿي ويئي.

اڳيان هڪ گهر بہ اچي ويو. ناهوڪو گهر هو. وروڪڙ ڪائيندڙ ڏاڪڻ تي چڙهڻ کان پوءِ پهرين ماڙ تي هڪ سهڻو ڪمرو هو. هر پٽ جو رنگ الڳ الڳ هو. پورو، سونهري، نارنگي ۽ ڪرمچي. پٽ سان لڳو لڳ نيري رنگ جو پٽريلو ڪٻٽ، فانوس ۽ اُن سان گڏ هڪ ڪمرو هو.

پٽيون پيليون، گلابي ۽ ڳاڙهسري هيون. ان ڪمري جي هڪ پاسي بار نهيل هئي. اُن سان گڏ ڪمرو هو اُن ۾ بہ الماڙيون ، هڪ منهنجي لاءِ ۽ هڪ منهنجي زال جي لاءِ. پٽ تي وڏا آئينا لڳل هئا. پهريان بہ سال عشق ڪرڻ لاءِ ۽ اُن کان پوءِ سڄي زندگي ويچارا ڪيڻ لاءِ. آئون فرش تي پراڻي جتي گندي پيٽيڪوٽ ۽ ٻار جي ... جو تصور ڪرڻ لڳس.

تصور اهڙو تہ دل ليائيندڙ هو جو جهٽ ڏئي دروازو کولي باٿ ۾ هليو ويس.

باٿ روم صاف سٿرو هو. فرش تي سفيد ٽائل، پٽين تي هلڪي نيري رنگ جون ٽائل، سائي رنگ جون واش بيسڻ ۽ اُن ئي رنگ جو نلڪو، سامهون دريءَ مان هيٺين ماڙ جو ورانڊو ۽ ورانڊي کان ٻاهر لان نظر اچي رهي هئي، جنهن ۾ ڇهڇ سائي ڇٻر جي پاسن تي گل ٽڙيل هئا. لڳو لڳ سٽن رنگن واري اُس ڇتيءَ هيٺ هڪ سترهن ارڙهن سالن جي پوپري دنيا جو بهترين ادب يعني جاسوسي ناول پڙهي رهي هئي.

مون سرباٽ ڪيو “واهہ واهہ! آپگهات ڪرڻ لاءِ ڪيڏي نہ پلي جاءِ آهي.”

مون مڙي دلال کان پڇيو “هن گهر جي مسواڙ گهڻي آهي؟”

“چار سئو رپيا.”

“چريا!!” مون ڏکاڻي لهجي ۾ چيو: “پر مون تہ توکي پنجويهہ رپيا مسواڙ وارو گهر ڏيکارڻ لاءِ چيو هو؟.”

دلال مون کي ڪجهہ چوڻ بنا ڏاڪڻ تان هيٺ لهي آيو.

ٻيو گهر جيڪو مون کي دلال ڏيکاريو اُهو بہ نيڪ ٺاڪ هو. بس رڳو اُن ۾ پهريئن گهر جهڙو سامان سڙو ڪو نہ هو. نہ ناز ۽ ادا جي اُها ڪيفيت ۽ نہ پٽين جو اُهو رنگ ۽ روپ، پر سنو ۽ صاف سٿرو ضرور هو.

ڪمرا فقط ٻہ هئا. ٻئي هڪڙي غسل خاني ۾ کليا ٿي. هڪ طرف رنڌڻو هو. رنڌڻي کان ٻاهر

وراندي ٻاهران موچاري اڱڻ ۾ سائي سائي ڇٻر لڳل هئي.

"گل ڪٿي آهن؟" مون دلال کان پڇيو.

"گل تون پاڻ پوکجانءِ." هن چيو. "اُس واري ڇتي خريد ڪري ونجانءِ ۽ ڇتيءَ هيٺان حسينن نه ملنئي تہ پنهنجي زال کي ويهاري ڇڏجانءِ."

"گل پوکڻ لاءِ مون وٽ وقت ڪونهي." مون چيو "ڇتيءَ لاءِ مون وٽ پئسہ ناهن ۽ زال؟ ميان! جيڪڏهن زال هجي ها تہ آءُ گهر ڇو ڳولهيان ها؟ هڪ رنڊٽو نہ ڳولهيان ها؟ خير! جنهن ڪم جي لاءِ مون کي اڳيون گهر وٽيو هو اُن جي لاءِ هي بہ ٺيڪ رهندو. آئون گل ٻاتي لان ۾ رکي ڇڏيندس. ٻاتيءَ مٿان ڇتيءَ جي بجاءِ پنهنجي پراڻي برسات واري ڇتي رکي ڇڏيندس ۽ اُن جي هيٺان هڪ حسينہ جي تصوير بہ لڳائي ڇڏيندس. ها پر هن گهرجي مسواڙ ڪيتري ٿيندي؟"

"اڍائي سئو رپيہ"

"ڇريا! اڍائي سئو رپين وارو گهر ڇو ٿو ڏيکارين؟ مون کي فقط پنجويھ رپين وارو گهر کپي."

دلال منهنجي ڳالھ جو جواب نہ ڏنو. ماٺ ڪري گهر کان ٻاهر نڪري آيو. ٽيون گهر جيڪو مون ڏٺو اُن ۾ سڀ کان پهرين غسل خانو هو. پوءِ ڏاڪڻيون چڙهي هڪ ڪمرو آيو ۽ ڪمري سان لڳ هڪ رنڊٽو هو جڏهن تہ اتي غسل خانو هئڻ گهرجي ها.

جڏهن مون دلال کان پڇيو تہ هن چيو.

"هن علائقي ۾ جيترا بہ گهر ٺهيل آهن انهن ۾ رهڻ واري ڪمري سان گڏ رنڊٽو رکيو ويو آهي ۽ غسل خانو ڏاڪڻين هيٺان."

"اهو ڇو؟"

"اهو ان ڪري جو عورتون رنڌٽي ۾ هوندي بہ هر وقت پنهنجي مڙسن تي نظر رکي سگهن ٿيون. ڏس هن رنڌٽي سان لڳو لڳ ڪمرو هيٺ وڃڻ واري ڏاڪڻ جي سامهون غسل خاني تائين نظر اچي ٿو."

مون چيو. "سنو ٿيو جو مون ڪڏهن زال نہ ڏاري، ان لاءِ آئون ڪنهن جي جاسوسي کان نٿو ڏجان. باقي غسل خاني کي رنڊٽو ۽ رنڌٽي کي غسل خانو ڪري ڇڏيندس. مون کي تہ پيئي هڪڙي نموني جا ٺهيل محسوس ٿين ٿا."

دلال منهنجي دانائيءَ جو داد ڏيندي چيو "اهو توهان ڄاڻو ۽ مالڪ ڄاڻي. جيڪڏهن هي گهر اوهان کي پسند آهي تہ ڏيو سئو رپيہ."

"سئو رپيا؟" مون رڙڪندي چيو. "ڇو سئو رپيا؟"

"سئو رپيا هن گهر جي ماهوار مسواڙ آهي."

"اڙي موڳا!" مون هٿ ٻڌندي هن کي چيو "مون توکي پنجويھ رپين وارو گهر ڏيکارڻ جو چيو آهي ۽ تون آهين جو سَون جي ڳالھ ڪندي نٿو ٿڪجين."

دلال چيو "منهنجو ڪم گهر ڏيکارڻ آهي. ڪهڙي خبر اوهان کي ڪهڙو گهر پسند اچي وڃي. هتي مون اڪثر ماڻهن کي ڏٺو آهي تہ پنجويھ رپين وارو گهر ڳولڻ ايندا آهن ۽ چار سئو وارو گهر وٺي

لائيندا آهن. مون اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا آهن جيڪي چار سئو وارو گهر وٺڻ لاءِ نڪرندا آهن ۽ پنجويھ رپين واري گهر تي اچي ويهندا آهن. گراهڪن جي ڪا خبر نٿي پوي.“

هاٽي دلال جنهن عمارت جي اندر مون کي وٺي ويو اُها پنج ماڙهئي ۽ جهاز وانگر هئي ۽ اُن جي ڇت تي ٿهيل ڏڪي مٿي هڪ بحري جهاز ٺهيل هو ۽ اُن تي لکيل هو S.S.ATMARAM MULTAN دلال چيو ”هن بلڊنگ جي اندر گوشت کائڻ منع آهي. بصر کائڻ منع آهي. شراب پيئڻ منع آهي!.“

”تہ پوءِ هتي زال سان رهڻ بہ منع هوندو؟.“ مون پڇيو.

دلال مونکي حيرت سان ڏسڻ لڳو.

”پوءِ هتي سوچڻ بہ منع هوندو. آسمان ڏانهن نهارڻ بہ منع هوندو. زور سان ٿڪ ڏيڻ بہ منع هوندو. بستري تي اونڌو ليٽي سگريٽ پيئڻ بہ منع هوندو. ڪلهي تي ٽوال رکي دروازي تي بيهي ڏاڪڻ تان لهندڙ ڪنهن چنچل حسينہ کي ڏسڻ بہ منع هوندو. مسٽر آئون گهر ڏسڻ آيو آهيان. ونوبا ڀاويءَ جي آشرم ۾ گيان وٺڻ ڪو نہ آيو آهيان....!“

اهو چئي آئون گهر مان نڪري آيس.

هاٽي دلال مون کي جنهن گهر ۾ وٺي آيو. اُهو واقعي پنجويھ رپين وارو گهر لڳو ٿي. نہ لان، نہ ڇپر، نہ گل. چوٿين ماڙ تي هڪ ڪمرو هو. درين ۾ ٽلهي لوهي گرل لڳل هئي تہ جيئن ڪوبہ گهر جي مسواڙ کان گهبرائجي دريءَ مان ٽپو نہ ڏيئي سگهي. ڇتين تي ٽيھ سال پراڻو سفيد رنگ ڪيل هو جيڪو هاٽي ڪارڻ ۾ تبديل ٿي ويو هو. ڇت تي جميل چارن جي وچ ۾ هڪ پراڻو پکو لٽڪي رهيو هو.

مون اُن کي تصور ۾ ئي قبول ڪري ورتو. ٺيڪ آهي لان نہ سهي. ڇپر نہ سهي، گل نہ سهي، حسينہ نہ سهي. هن ڪمري ۾ پکي جو هُڪ تہ آهي جنهن سان لٽڪي جان تہ ڏئي سگهجي ٿي.

”پر غسل خانو ڪٿي آهي؟“

”اُهو گڏيل آهي“ دلال هڪ ڪنڊ جي در ڏانهن اشارو ڪيو آئون غسل خاني ۾ گهڙي ويس. غسل خاني ۾ وڏن وڏن اکين واري هڪ عورت ذبح ٿيل مرغيءَ جا کنڀ لاهي رهي هئي. مون کي ڏسي هن کلي ڏنو ۽ جڏهن هن جو ٿلهن ٿلهن چپن وارو ارڙهن انچي وات کليو تہ مون کي اُن ۾ پان جي پڪ ۾ رڱيل ڏند ڏاڍا خطرناڪ لڳا. آئون گهبرائي پويان موٽڻ وارو هئس جو هن ڪافر ادا پنهنجي جبل جيڏي ڪلهي کي لوڏيندي چيو.

” تون نئون مسواڙي ٿو لڳين؟“

”لڳان ٿو الائي نٿو لڳان، ها پر مان تہ رڳو اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪريا تہ هي غسل خانو ڪنهن جو آهي. اوهان جو يا منهنجو؟“

”تنهنجو بہ ۽ منهنجو بہ“ هن ڪجھ اهڙي انداز سان چيو جڻ زندگي ڀر جي لاءِ ساٿس منهنجو رشتو پڪو ٿي ويو هجي. مون گهبرائجي هڪ وک پويان کنئين. هن هڪ وک اڳيان کڻندي چيو.

”تون اچي وڃ، ٻي ڪا ڳڻتي ئي نہ ڪر، گڏجي سڏجي ڪم ٽپائي ويندا سين.“

اهو چئي هن مون ڏانهن ڏسي مرڪيو. آئون هيسجي دروازي تي ويس. هن ڪڪڙ جو آخري ڪنپ زور سان لاهيندي پنهنجي ارڙهن انچي ۾ وڏو ۽ اُن سان ڏند کوٽيندي چيائين:

”يلا پنجاهه رپيه مسواڙ ڪير ڪمري سان الڳ غسل خانو ڏيڻ چاهيندو.“

مون بلڊنگ کان ٻاهر اچي چيو.

”جيڪڏهن تون مون کي پنجويهه رپين وارو گهر نٿو ڏياري سگهين ته منهنجا ٽي رپيه واپس ڪر.“

دلال چيو ”شريفن جي پاڙي ۾ ته پنجويهه رپين وارو گهر ملي نٿو سگهي. ها جيڪڏهن توهان کي گندي گهٽيءَ ۾ رهڻ تي ارهائي نه ٿئي ته آئون اوهان کي پنجويهه رپين وارو گهر ڏياري سگهان ٿو.“

”هل هلي گهر ڏيکار. رڳو ڳالهيون پيو ڪرين.“

هو مون کي گندي وستي ۾ وٺي ويو. جيڪو شهر جو سڀ کان گندو پاڙو هو. جتي شهر جا بلڪل غريب ماڻهو رهندا هئا. غلاظت جا ڍير لڳل هئا. ڪليون ناليون هيون.

اُتي هن گندي وستي جي دلال کي پريان وٺي وڃي ڪجهه ڳالهايو ۽ پوءِ ٻئي واپس مون وٽ آيا. منهنجي دلال مون کي چيو.

”هي چوي ٿو ته هن پاڙي ۾ پنجويهه رپين وارو گهر ڪونهي.“

”ته پوءِ گهٽي وارو گهر آهي؟“

”سورهن رپين وارو آهي.“

”سورهن رپين وارو گهر به خالي ناهي. ها... هڪڙو آهي پر، شايد اُهو تنهنجي لائق نه هجي.“

”منهنجي لائق ڇو نه آهي؟“ مون گندي پاڙي جي دلال کان پڇيو. گندي پاڙي جي دلال ڪياڙي کنهندي چيو ”ان گهر جو مسواڙي اسان وانگي هڪ مزدور هو ۽ ڇوڙين جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو.“

”مزدور هو ته ڇا ٿي پيو!؟ آخر هو ڇوڙيون ٺاهيندو هو چوري ته ڪو نه ڪندو هو؟“

”نه صاحب! اها ڳالهه ناهي،“ گندي پاڙي جي دلال چيلهه کنهندي چيو ”هئو ته ڇوڙين ٺاهڻ وارو. پر چُلهي ۾ ٻارڻ ٻاريندي ۽ سڙندڙ ڦلهيار کي ڦوڪيندي ڦوڪيندي بيمار ٿي پيو.“

”پوءِ ڇا ٿيو. هر ماڻهو زندگي ۾ بيمار ٿئي ٿو ۽ ڪنهن نه ڪنهن سبب بيمار ٿئي ٿو. چاهي اُهو ڦلهيار ڦوڪڻ سان ٿئي يا زيادهه کائڻ پيئڻ سان!“

”تون سمجهين نٿو صاحب!“

گندي پاڙي جي دلال پنهنجي ٽنگ کنهندي چيو ”ڳالهه اصل ۾ اها آهي ته هن کي بخار ٿي پيو هو. جنهن کي توهان ٽي بي چوندا آهيو ۽ هو ان ڪوٺي ۾ پنج سال بيمار رهيو ۽ ڪم ڪندو رهيو ۽ جيئڻ جا جتن ڪندو رهيو. هن کي چار پٽ هئا ۽ هڪ زال هئي. جڏهن هو مري ويو ته سندس زال ۽ ٻار اهو گهر خالي ڪري ويا. ڇو ته اُهي سورهن رپيا مسوار ڏئي نٿي سگهيا. تنهن ڪري اهي هو شهر کان پريان جهوپڙين ۾ هليا ويا. جتي سِرون ڍوئڻ وارا رهندا آهن. ان هي ڪري ئي آئون توکي چوان ٿو ته اها ڪوٺي خالي ته آهي پر تنهنجي لائق نه آهي.“

ڪوٺي ننڍڙي هئي. اونداهيون پٽيون، ڇيڪاٽ ڪنڌ ڙدروازو ۽ ڪٽ لڳل ڪڙو. ڪٽيل دري ۽ ان جو لوهي سيخون ۽ انهن سيخن کان ٻاهر سرن واري نالي، مون ٻاهر کان نظر هٽائي وري جو ڏٺو ته هڪ ڪنڊ ۾ پاٽي جو نلڪو نظر آيو جنهن تي مٽي جا ٿهه چڙهيل هئا. پوءِ به ان مٽي جي تهن مان پاٽي ٽپ ٽپ ڪندو سينورجي ويل پٽ تي وهي رهيو هو. جيئن رَت ڦٽ منجهان وهندو آهي. پوءِ مون کي هڪ ڪنڊ ۾ گل ٻاتي نظر ٺي. جنهن ۾ گلاب رکيل هو ۽ ان جي تاريءَ تي هڪ گل ٽڙيل هو. گلاب جو تمام وڏو ڳاڙهو گل...

"هي ڇا آهي؟"

گندي پاڙي جو دلال پيلا ڏند ڪڍي کلي چوڻ لڳو.

"هي تنهنجي لاءِ آهي صاحب."

"منهنجي لاءِ؟" مون حيرت مان پڇيو.

"ها صاحب" دلال چيو. "مرڻ ويلي مرڻ واري چيو هو ته. جيڪو منهنجي هن ڪمري ۾ رهي لاءِ اچي اُن کي هي گل ٻاتي ڏجانءِ ۽ چئجانس ته ڏهاڙي ان ۾ پاٽي وجهي، جيئن گلاب جو ٻوٽو سائو رهي... پاڳل هو هُو شخص!"

مونکي محسوس ٿيو ته منهنجي جسم مان جڻ ڪا تيز لهر گذري منهنجي ساري وجود کي لوڏي ويئي ۽ آئون ان اونداهين پٽين ۾ واڙيل اُن گلاب جي گل کي ڏسڻ لڳس. ڇئوڦير گهٽ، ٻوسٽ، نا اُميدي ۽ هڪ گل هيڪلو... اوندهه، گندگي، ٻڪ، بدصورتي ۽ هي گل.... ڪلراٺي سرن جي وٿين ۾ ڇميل ڇارن ۽ ڪٽجي ويل لوهي شيخن جي وچ ۾ ٽڙيل هي هيڪلو گل ... انسان جي دل ۾ ڦٽندڙ ۽ انسان جي سگهه، سورهيائپ ۽ مهانتا جيان اوچو فطرت سان وڙهندڙ موت تي کلندڙ..... پر هي گل ته مرجهائجي ويندو. هڪ ڏينهن هي گل مرجهائجي ويندو. مون سوچيو.

هن ڪوٺيءَ جي گندگي، گهٽ ٻوسٽ هن جي سڄي سُرهائي چوسي وٺندي، ۽ هيءَ اوندهه هن جو رنگ، روپ ۽ سُرهاڻ کسي وٺندي.

هن تي ڇارو چڙهي ويندو ۽ هي ڪلراٺيل ۽ سيڪيل پٽيون تازي هوا کي روڪي ڇڏينديون ۽ هي گل مرجهائجي ويندو. جيئن هو ڇوڙيون ناهيندڙ مزدور مرجهائجي ويو هو...

پر هي گل زنده رهندو ۽ هر روز لکن ڪروڙن ماڻهن جي دلين ۾ ٽڙندو. جيڪي ڇوڙيون ناهن ٿا، آفيس وڃن ٿا، مزدور، ڪاريگر جيڪي مٽي تي سرون ڪٽي گهر ناهن ٿا، جيئن محبت ڪرڻ وارا انسان ڇپن تي ڇپ رکن ٿا. هي گل هر روز اُنهن انسانن جي دل ۾ ڦٽندو ۽ ٽڙندو رهندو ۽ زندگي ۽ اُن جي لڳاتار جاکوڙ جو جادو ۽ جلوو جرڪائيندو رهندو.

هي گل ڪڏهن به مري نٿو سگهي!

مون اهائي ڪوٺي ڪرائي تي ورتي آهي.... ۽ اُن ڏينهن کان وٺي آئون اُن ۾ رهان پيو!!.

❊❊❊

# روح جون رولاڪيون

**جيئن** ئي اسٽيشن تي لٿس ته ڪنن ڪي طرح طرح جي آوازن گهيري ورتو.

“ڪارونيشن هوٽل!”

“پنجاب هوٽل!”

“دلڪش هوٽل!”

“ريگل ۾ شريفن لاءِ خاص انتظام آهي.”

“اسٽينڊرڊ هلو صاحب! ڪشادا ڪمرا، باٿ روم الڳ، فليش سسٽم، بهترين انتظام.”

اُمالڪ ڪنهن سرپاٽ ڪيو. “صاحب! منهنجي ڳالهه مڃو آرام هوٽل هلو” ۽ پوءِ مون ڏانهن جهڪندي چوڻ لڳو. “والله ڇا پڌايان ڏاڍي مزي واري جڳهه آهي.”

مون کي هن جو انداز وڻڻ لڳو. مون هن کي ترڇي نگاهه سان ڏٺو. چڊي ڏاڙهي، ڇپن تي پان جي پڪ، هڪ اک ڪان ڪاڻو ماڻهو مسخرو ٿي لڳو. مون سوچيو. هن جي لهجي ۾ ڪيڏي نه چڪ آهي ۽ مٿان ڳري ايڏو پراسرار جو مغل حرم سرائن جي شان شوڪت جي تصور کي آرام هوٽل ۾ تازو ڪري رهيو آهي.

مون کي کوهه ۾ ڪرندو ڏسي هڪ ماڻهو روڪڻ چاهيو. “صاحب آرام هوٽل ۾ نه وڃو. اِها به ڪا هوٽل آهي؟ صاحب اُن کي ته بي آرام هوٽل چوڻ گهرجي.”

““بي آرام هوٽل؟” ريگل هوٽل جي ايجنٽ رڙڪئي، “اُن کي ته حرام هوٽل چوڻ گهرجي حرام هوٽل! ڪو شريف ماڻهو اُن هوٽل جي اڳيان گذرڻ به پسند نه ڪندو.”

جواب ۾ چڊي ڏاڙهيءَ واري رڳو مرڪيو. مون کي اُن جي مُرڪ ان جي ڪاڻي اک تائين پکڙجندي ڏيکائي ڏيڻ لڳي. هن جي مرڪ، بنا ڪجهه چوڻ جي هڪ هاڪاري جواب هو. هن جي پراسراريت، گهٽ ڳالهائو مزاج، ريگل هوٽل جي ايجنٽ جي لباڙ کان وڌ موثر ثابت ٿي.

۽ آئون کوهه ۾ ڪري پيس.

آرام هوٽل کوهه ئي ته هو. ليڪن هڪ انڌو کوهه. چون ٿا ته پهرين هي هڪ سچو کوهه هو. پر غدر جي زماني ۾ جڏهن ڪافي سڏيون شيون اُلٽيون ڪيون ويون هيون ته هي به ابتو ٿي آرام هوٽل بڻجي ويو هو. هي اسٽيشن سان لڳو لڳ هڪ سوڙهي گهٽيءَ منجهه هو. سوڙهي ڏاڪڻ، پنج ماڙ مٿي چڙهي وڃو. ڏاڪڻ ڪنڊ جو نالوئي نٿي ورتو. هر هڪ ماڙ تي ڇئني پاسن ڪمرا، دروازن تي پردا لڳل هئا ۽ ڇئني طرف گهري سانت ڇانيل هئي. پنجين ماڙ تي پهچي چڊي ڏاڙهيءَ واري هڪ ڪمري جو دروازو کوليو. بجلي چالو ٿي ته مون ڏٺو ڪمرو ڪشادو هو جنهن جا دروازا ٻاهر گهٽيءَ منجهه کليا ٿي ۽ اندر لائونج طرف به ڪمري ۾ به وزني ۽ پراڻا پلنگ وڇايل هئا. هڪ ميز هئي جنهن جون ماڻهن جهڙيون ٽنگون هيون. ٻه ڪرسيون هيون، جن جون ڇيلهيون بي رحم زماني ڀڃي ڇڏيون هيون. هڪ آرسي ڀت تي لڳل هئي جيڪا به هڪ ڪنڊ کان ڀڳل هئي. مون کي ائين معلوم ٿيو ته ڄڻ آرسي به

هڪ اک ڪان ڪاٽي هئي ۽ مون کي مرڪي ڇئي رهي هئي. "هي آرام هوٽل آهي، والله! ڏاڍي مزي واري جڳهه آهي." مون پنتي مُڙي ڏٺو ته ڪاٽو ايجنٽ ڪڏهوڪو وڃي چڪو هو. سانت، گهرو سناٽو ۽ اهو ڪاٽو ايجنٽ ڪيڏانهن گم ٿي ويو. هي ڪهڙي جڳهه آهي؟ منهنجي بت ۾ جڙ ڪا تيز لهر ڊوڙي وئي. مون وڏي واڪي چيو "ڪير آهي؟" ۽ منهنجو سڏ ڪي پل پنج ماڙ جڳهه ۾ پڙاڏو بڻجي ويو. مٿيالي پردار هوا ۾ لڏي رهيا هئا ۽ پوءِ وري سانت ٿي وئي "ڪير آهي؟" مون وري سڏيو.

"فرمايو! ڇا حڪم آهي؟"

مون کان اصل ڇرڪ نڪري ويو. اُمالڪ ڪٿان کان سانت سلهاڙيل قدمن سان هڪ عورت اچي دروازي تي بيٺي. ٿلها چپ ۽ اکين جون وڏيون ماڪيون اڌڙوٽ عمر پر تاهه نوهه جي شوقين، مون ڊنل نگاهن سان هن کي ڏٺو ۽ ڪجهه پنتي تي ويس.

"توهان ڪير آهيو؟" مون پڇيو.

آئون هن هوٽل جي مئنيجر آهيان. هن پان چٻاڙيندي جواب ڏنو.

"ته... ته..." مون گهبرائيندي چيو "ڇا هتي ڪو ماڻهو ناهي ۽ هو... هو... هو صاحب ڪٿي آهي، جيڪو مون کي هتي وٺي آيو هو."

هن مون کي آٿت ڏيندي چيو، "توهان پريشان نه ٿيو. آئون هاڻي ئي نوڪرياڻيءَ کي توهان ڏانهن موڪليان ٿي. هو صاحب اسٽيشن تي ڪنهن بئي گراهڪ کي وٺڻ لاءِ ويو آهي. هن ڪمري جو ڪرايو ڏيڍ رپيو روز جو آهي ۽ پڪي جا چار آنا الڳ سان آهن. آئون هاڻي نوڪر جي هٿان رسيد موڪليان ٿي ۽ هڪ فارم به. توهان اُن تي پنهنجو نالو ۽ ڏس پتو وغيره لکي واپس ڪجو."

اهو چئي هن پنهنجيون وڏيون ماڪيون مٿي ڪٽي مون کي مٿي کان پيرن تائين ڏٺو. جيئن مڪڙي جار ۾ ڦاٿل شڪار کي ڏسندي آهي. پوءِ هن پنهنجي ساڙهي جو پلئه سنڀاليو ۽ ڪلها لوڏيندي ڏاڪڻ ۾ گم ٿي وئي.

آئون جڏهن تاءِ لاهڻ لاءِ شيشي آڏو آيس ته شيشي پنهنجي ڪاٽي اک چنيندي چيو، اُن عورت کان بچي رهجان ڏاڍي خونخوار لڳي ٿي.

ڏاڪڻ تان پيرن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪو مٿي اچي رهيو هو. پڪ ڪو نوڪر چاڪر ئي هوندو. نوڪر جهٽ سجاٽپ ۾ اچي وڃن ٿا.

ٿانءَ ملڻ واري ڦلهيار هر وقت انهن جي هٿن تي لڳل هوندي آهي. ڪپڙا پل صاف هجن ته به ٻوڙ جي بوءِ هر وقت اُنهن ۾ رچيل هوندي آهي. مٿي جا وار وڏا ۽ اُلجهيل هوندا آهن. هي نوڪر هميشه ڪنهن ٻئي شهر کان ايندا آهن. يعني جيڪڏهن دهلي ۾ هوندا ته سهارنپور کان ايندا، الموڙي کان ايندا، لاهور کان ايندا. پر دهلي وارا دهلي ۾ نڪ ڪو نه ڪترائيندا. جيڪڏهن توهان لاهور ۾ رهو ٿا ته نوڪر دهلي جو هوندو، ڪلڪتي جو هوندو، ڪابل جو هوندو يا ٻئي ڪٿي جو هوندو پر لاهور جو نه هوندو. پلا پنهنجي گهر ويٺي ڪير پنهنجو نڪ ڪترائيندو. اها ڳالهه آهي به سچ، صدين جي غلامي ۾ وطن عزيز سڀ ڪجهه وڃايو آهي پر نڪ ناهي وڃايو. اُهو جيئن جو تيئن سلامت آهي، بلڪ ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي رهي ٿو.

جيڪو نوڪر مون وٽ آيو اُهو الموڙي جو هو. ويڪرو منهن منگوليائي مهاندا، مُنهن هر وقت کِلندڙ ڏيکائي ڏيندڙ پر اڳيان وارا ٽي ڏند گم هئس. ان ڪري آئون اُن جي کلڻ ۾ روئڻ ۾ فرق محسوس ڪري نٿي سگهيس. هونءَ به غريب ماڻهو جي رئڻ ۾ کلڻ جون حدون بلڪل هڪ ٻئي جي ويجهو هونديون آهن. هن اچڻ سان ئي سلام ڪيو. جنهن سان منهنجي ڪنڌ ۾ غير شعوري طور هڪ قسم جي هلچل پيدا ٿي ويئي. ڇو ته آئون وچولي طبقي جي سڀ کان هيٺئين درجي سان تعلق رکان ٿو. مون کي آقا بڻجڻ جو هروڀرو به رهندو شوق آهي ۽ اهو شوق گهٽو ٽٽو پورو به ٿي ويندو آهي. جڏهن ڪو نوڪر يا پيشور شخص مون کي جهڪي سلام ڪندو آهي ته مون کي پنهنجي آقا هئڻ جو پورو ويساهه ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري مون نوڪر کي چيو.

“الماڙيءَ مان بسترو ڪڍي پلنگ تي وڇاءِ.”

هن ايئن ئي ڪيو.

“هي ڪوٽ ٽنگڻيءَ ۾ ٽنگ.”

“توال ڪڍي ڏي.”

“بوٽ پالش ڪر”

“شيشي کي ٻئي تي ٽنگ.”

“گلاس ۾ پاڻي پر”

جڏهن ڏاڙهي ناهي واندو ٿيس ته صابڻ ۽ تيل جي شيشي کڻي غسل خاني ڏانهن وڌيس. تيل جي شيشي منهنجي هٿ مان ڇڏائجي فرش تي ڪري پچي پئي ۽ تيل فرش تي وهڻ لڳو. نوڪر ڦڙتيءَ سان تيل کي ميڙيو. ايئن ڪندي شيشي جو هڪ ٽڪرو هن جي آڱر ۾ چيي ويو ۽ آڱر مان رت وهڻ لڳو.

مون دل ۾ چيو. “جٽ، موڳو مٽر! تيل ۾ رت ملائي منهنجو خوشبودار تيل ئي خراب ڪري ڇڏيائين.”

مون هن کان پڇيو. “تو وٽ ڪا ٻي خالي شيشي آهي؟.”

نوڪر پنهنجي تيل جي شيشي خالي ڪري آيو ۽ تيل شيشيءَ ۾ لاهي شيشي منهنجي هٿ ۾ ڏني. هاڻي هن جي آڱر تي پٽي ٻڌل هئي، ڪنهن قاتل رومال جو گندو ٽڪرو.

ٻنپهرن جو منهنجي دروازي تي ڪنهن هلڪي ٺڪ ٺڪ ڪئي. آئون ڪجهه خط پٽ لکي سمهڻ جي تياري ڪري رهيو هوس، ته اها عورت آئي. سنهڙي ملائم ساڙهي جي ڪناري تي دلفريب طائوسي پرت پرڀل. ٻانهن ۾ سائي رنگ جون چوڙيون. مسڪرائي چوڻ لڳي “توهان وٽ ماچيس هوندو؟”

آءُ گهڙي پل لاءِ پندپهڻ ٿي ويس.

هن جي اکين ۾ ڪجل هو. ۽ هوءَ مونکي جلندي محسوس ٿي، جڻ هن جي اکين کي رات پر ننڊ نه ملي هجي، جڻ ماڻهن هن جو سڄو رس چوسي ورتو هجي.

هوءَ منهنجي ويجهو آئي. سايون چوڙيون ڇم ڇم ڇمڪڻ لڳيون. آهستي چيائين، “اندر

اچان!؟”

“آئون سگريٽ ڪو نہ پيئندو آهيان.” ۽ مون دروازو بند ڪري ڇڏيو.

جڏهن آئون جاڳ ٿيس تہ شام ٿي چڪي هئي. چئوڦير هنگامو مچيل هو. ڪمرن ۾ لڳل ميٽوڙي پردا هوا ۾ لڏيا پئي. شرابي ڳائي رهيا هئا. ڪٿي هارمونيم وڄي رهيو هو. هڪ ڪمري مان هڪ ڪاليج جو ڇوڪرو رومال سان چهري جو پگهر اُگهندي ٻاهر نڪتو. پردي جي پويان ڪان هڪ زنانو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. “وري ڪڏهن ايندين؟” ڪاليج جي ڇوڪري ڪو بہ جواب نہ ڏنو. نوڪر چانهہ کڻي آيو. آئون چانهہ پيئڻ ويٺس تہ هيٺين ماڙ مان زوردار رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. ڪنهن مرد جو آواز هو ۽ هو ڪنهن عورت کان پناهہ گهري رهيو هو. جيڪا هن کي لڳاتار موچڙا هڻي رهي هئي. مون پريشاني وچان نوڪر کان پڇيو “هي سڀ ڇا آهي؟” هن چيو “حضور! اُها ساين چوڙين واري ساڳي عورت آهي جيڪا ٻنپهرن جو حضور کان ماچيس وٺڻ آئي هئي.” نوڪر جي وات مان ٽي ڏند غائب هئا ۽ هاٺي هو واقعي کلي رهيو هو. منهنجو منهن تپي ڳاڙهو ٿي ويو. مون چيو “پر آئون سگريٽ ڪو نہ پيئندو آهيان ۽ هاٺي هي ڇا ٿي رهيو آهي؟” نوڪر جواب ڏنو “حضور! هاٺي ڳالهہ اها آهي تہ اها عورت شراب جي نشي ۾ چور ٿي پنهنجي مڙس کي ڪٽي رهي آهي. جيڪو هنجو مڙس بہ آهي ۽ دلال بہ.”

“هان اُهو ڪاٺو ڇڊي ڏاڙهي وارو؟ والله آرام هي هوٽل تہ ڏاڍي مزي جي جڳهہ آهي.”

مون نوڪر کي چيو، “چڱو آئون جيسين چانهہ پيان تيسين تون منهنجو سامان ٻڌي وٺ.”

“وڃڻ چاهيو ٿا توهان هتان وڃڻ چاهيو ٿا؟” نوڪر حيران ٿيندي پڇيو “اوهان کي هتي ڪهڙي تڪليف آهي؟”

جڏهن آئون بل چڪائڻ لاءِ ويس تہ هوٽل جي مئنيجر بہ پڇيو. “اوهان ڇو وڃي رهيا آهيو؟ ڇا اوهان کي هيءَ جڳهہ پسند نہ آئي؟” ۽ ايئن چوندي هوءَ پنهنجي قاتل اکين سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.

“جي ها، آئون وڃي رهيو آهيان مون کي ننڊ جي ضرورت آهي. آئون ٿڪل آهيان. اوهان جي هوٽل ۾ مون کي، ڪوئي سمهڻ ئي نٿو ڏي.”

هن کلي ڏنو “توهان بہ عجيب ماڻهو آهيو صاحب! ڇا هوٽل ۾ ماڻهو سمهڻ لاءِ ايندا آهن؟”

آئون هڪ مائٽ جي قرول باغ ڏانهن هليو ويس. هن جو باغ پچاڙ ۾ هو. اُن کان پري ڪليل پٽن ۾ چمارن جون جهوپڙيون هيون. ماڻهو انڪري ان جڳهہ کي چمري ڪري ڪوٺيندا هئا. دهلي ۾ بہ چمريون ٻيون بہ آهن. پر اُتي چمار ڪو نہ ٿا رهن اتي تہ دفترن جا بابو ۽ ڪلارڪ هوندا آهن. ڇڻ روح هڪ پر دليون جدا جدا آهن.

هي گهر تمام وڏو هو. هن جا ٽي حصا هئا. هڪ حصي ۾ مالڪ رهندو هو. هڪ حصو خالي هو ۽ هڪ حصي ۾ مسواڙي رهندو هو. پاڻي جا ٽي نلڪا هئا ۽ سڄو ڏينهن هتان پاڻي پريندا هيون. ننڍيون ڇوڪريون، نوجوان نهرون ۽ پوڙهيون مائرون، مون ڏٺو آهي تہ چمارن ۾ ڳائڻ جو تمام گهڻو شوق آهي ۽ واندڪائيءَ ۾ هي جوتا بہ ناهيندا آهن. نہ تہ اهي زندگيءَ جو وڏو عرصو قرض ڏيندڙن جي

گهرن ۾ ڪم ڪرڻ، گانا ڳائڻ، وڙهڻ پرچڻ ۽ پنهنجين چوڪرين جي وڪري ۽ ڏي وٺ ۾ ڪپايو چڏين. هي هندو به آهن ته مسلمان به ۽ ڏوڪڙ ملين ته عيسائي به بڻجي ويندا آهن. آخر نالي ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟ پر هي سدائين هڪ ئي پاڙي ۾ رهندا آهن ۽ جي وڌيڪ جڳهه نه ملي ته هڪ ئي جهوپڙي ۾ پنجاهه سٺ ماڻهو گذارو ڪري وٺندا آهن. اهڙيون بليڪ هول جهڙيون وستيون مون هر شهر ۾ ڏٺيون آهن. جيتوڻيڪ ڪلڪتي مان بليڪ هول وستيون ڪنيون ويون آهن پر ان اپاءَ سان به هندستان جي چمارن کي ڪو خاص فائدو ڪونهي پهتو.

باغ ۾ مون کي هڪ چماري ڏاڍو وڻي وئي. پر. ان معاملي ۾ منهنجو مزاج بلڪل پرولتاري قسم جو آهي. هن جو نالو هو اجيا. اجيا جو اجرو رنگ، موچارا مهاندا ۽ ڳنڀير چهرو منهنجي دل ۾ لهي ويو هو ۽ جڏهن هوءَ پاڻي جي نل تي جهڪي پاڻي ڀريندي هئي، ته هن جو بت ڪمان وانگر ڇڪجي سڌول ٿي ويندو هو ۽ مونکي وٽن ۾ چير وجندي محسوس ٿيندي هئي. آئون صبح جو ان بابت  وڏي دير تائين سوچيندو رهيس. ننڍپڻ کان جڏهن اسين ماني کائڻ وينا هئاسين ته منهنجي هڪ مائٽ اها ڳالهه ڪري منهنجو  سارو عشق چوپٽ ڪري ڇڏيو. هن ٻڌايو ته اجيا هڪ چمار دڪاندار جي زال آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ پنجابيءَ جي رکيل پڻ آهي، جيڪو ڪنهن سرڪاري کاتي ۾ ساڍا چار سئو رپيا پگهار کڻي ٿو. مون اِهو ٻڌي اطمينان جو ساهه کنيو ۽ سوچيو ته شڪر آهي هڪ ٻئي عشق کان بچي ويس. هڪ نوجوان جي زندگيءَ ۾ جي سندس دماغ صحيح ۽ دل پنهنجي جاءِ تي آهي ته ڪيئن نه هن قسم جا ناڪام ۽ وقتي عشق اچن ٿا ۽ بي ئي لمحي ۾ ختم ٿي وڃن ٿا. پر جي ان نوجوان جو دماغ صحيح ناهي ۽ دل جذبا اُن جي هٿ وس ناهن ته هو ڇا ڇا نٿو ڪري ويهي. جهڙوڪ هو عورت سان پيٽ ڀري عشق ڪري ٿو ويهي ۽  پوءِ اُن سان شادي به ڪري وٺي ٿو پوءِ ان مان ٻار پيدا ڪري وٺي ٿو. ۽ پوءِ هو اهي راڳ ڳائيندي مري کپي ٿو وڃي ته، "هاءِ ڙي زندگي هاءِ!"

اُن ڏينهن باغ ۾ جهڳڙو ٿيندي ٿيندي رهجي ويو. ڳالهه اها آهي ته اجيا جي مڙس جي چميل رڳ جو حرڪت ۾ آئي ته هن اجيا کي ڏاڍي مار ڪڍي. اجيا گهر دير سان آئي هئي. اجيا چيو اُن ۾ هن جو ڪهڙو ڏوهه آهي. هوءَ پنهنجي مالڪ وٽان اچي رهي آهي جيڪو هن کي اجان نه ڇڏي رهيو هو. ۽ اها خبر ته هر ڪنهن کي هئي ته اجيا جا ٻه حقدار هئا. هڪ هن جو مڙس ۽ ٻيو هن جو مالڪ. مڙس سان ته رڳو هن جي شادي ٿي هئي ۽ مالڪ هن کي خرچ پکو ڏيندو هو. هن جي لاءِ ساڙهيون، وڏي کڙي وارا بوٽ، چاندي جي چير، ريشمي چولي ۽ گگريون آڻي ڏيندو هو. هن جو مڙس هڪ غريب دڪاندار هو جيڪو اٽو لوڻ، تيل وڪڻندو هو ۽ آفيم کائيندو هو جڏهن ته مالڪ ساڍا چار سئو رپيا پگهار کڻندو هو. مالڪن جو حق هميشه مڙسن تي حاوي هوندو آهي. انساني سماج جو هي هڪ سنئون سڌو اصول آهي. جڏهن اجيا کي لٺ سان ماريو پي ويو ته هن جي مالڪ کي خبر پئجي ويئي ۽ فرقي وارانو سوال پيدا ٿي ويو. ڇو ته وطن عزيز ۾ صرف هندو ۽ مسلمانن جا ئي فرقا ناهن پر ٻيا به گهڻا فرقا آهن. جن ۾ اڪثر لڙائي ٿيندي رهندي آهي. مثلن پنجابي، پوربي، بنگالي، بهاري، براري وغيره. اڪثر انهن لڙاين ۾ ماڻهو قتل نٿا ڪيا وڃن. ليڪن جذبات جو خون بي بها وهايو ويندو آهي ۽ بغض ۽ نفرت جي باهه نسل در نسل دکندي رهندي آهي. جهڳڙو شروع ٿيندي ئي هڪ ننڍو ٻارڙو

سهڪندو سهڪندو آيو ۽ چوڻ لڳو. "بابا! چمارن سان جهيڙو ٿيڻ وارو آهي. توهان اُتي پهچو. منهنجي مائٽ هڪ پلو ڏنڊو کنيو ۽ ڊوڙندو گهر کان ٻاهر نڪتو آئون بہ هن جي پويان پويان ويس. اجيا جي مڙس جي دڪان تي ڪافي پنجابي ۽ پوربي بيٺل هئا. پنجابين دڪان تي حملو ڪري ڏنو ۽ چمار ڪي گهليندا ٻاهر آيا. چماريون ڇاتين تي هٿ هڻي پٽڻ لڳيون. خير ماڻهن جهيڙو ٽاري ڇڏيو. غريب چمارن معافي گهري ورتي. مون هڪ نوجوان پنجابي ڪلارڪ کان پڇيو "ادڙا! جهيڙو ڪهڙي ڳالهہ تي ٿيو آهي؟" ان ٻڌايو "جناب! هن چمار اسان جي پنجابي بابو کي گار ڏني آهي جيڪو دفتر ۾ سپرنٽنڊنٽ آهي ۽ ساڍا چار سئو رپيا پگهار کڻي ٿو. هاڻي ڏسو زماني کي ڇا ٿي ويو آهي. هي چمار بہ اسان جي سامهون ٿيڻ لڳا آهن. اسين ماري ماري انهن جو ميڄالو ڪڍي ڇڏينداسين. جي اسان چمارن کان بہ ڊڄي وياسين تہ پوءِ بس ٻڏي مرڻ جو مقام آهي."

مون چيو "ڇڏيو ان ڳالهہ کي توهان بہ تہ ڏاڍائي ڪريون ٿا؟" هن چيو "نہ صاحب، هي عزت جو معاملو آهي. توهان کي، ڪهڙي هتان جي ڄاڻ هي ماڻهو وڏا ڪميڻا آهن." معاملو ان حد تائين وڌي ويو جو پوليس کي رپورٽ ڪئي وئي. چمارن معافي حاضري پرينديءِ پر پنجابي بابوءَ جي ڪاوڙ اجان نہ لٿي هئي. ٽاٽي ۾ ٻئي ڏريون ڪيئي ڏينهن حاضري پريندي يون رهيون. اجيا بہ سڏائي ويئي. آخرڪار راضي نامو ٿيو. محلي جي پوربي حڪيم صاحب جڏهن هي ماجرا ٻڌي تہ هن کي بہ ڏاڍي ڪاوڙ آئي. خارن مان چيائين "انهن لفنگن پنجابڙن اسان جي عزت خاڪ ۾ ملائي ڇڏي آهي. تڏهن تہ آزادي حاصل نٿي ٿئي." هوڏانهن پنجابي پوربين کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيا هئا، "انهن اسان کي سمجهيو ڇا آهي؟ اسين انهن جي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏينداسين." مون پنهنجي مائٽ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، "يلا ان ۾ پنجابي ۽ پوربي جو معاملو ڪٿان آيو؟ هي جهيڙو تہ هڪ عورت تان ٿيو هو ۽ جيستائين عورتون دنيا ۾ هونديون هي جهيڙا تہ ٿيندا رهندا. بہ سال اڳ مون کي چڪور پالڻ جو شوق ٿيو. مون جنگل مان تي چڪور جهلايا. بہ نر هئا ۽ هڪ مادي. هاڻي مون کي چڪورن کي لڙائي سيکارڻ جو شوق جاڳيو. مون ٻنهي چڪورن کي پنهنجن پنجرن مان ڪڍي هڪ ننڍ ڪمري ۾ بند ڪري وڙهڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. پر هو هزار ڪوشش جي باوجود بہ ويڙهہ تي نہ لٿا ۽ هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڀائرن وانگر ويٺا رهيا. هاڻي آئون تترن کي آمهون سامهون آڻي اُنهن کي ويڙهايان ٿو. ليڪن چڪور آهن. ڳڙ جيان مٺا عدم تشدد جا حامي بلڪل پر امن. اوچتو منهنجي دل ۾ هڪ خيال آيو ۽ مون چڪورڻي کي پڃري مان ڪڍي اُنهن جي سامهون آندو. هاڻي جو چڪورن پنهنجون چهنبون سڌيون ڪري ايتري لڙائي ڪئي جو ٻئي رت ۾ ڳاڙها ٿي ويا. چڪورڻي خاموشي سان هڪ پاسي ويٺي تماشو ڏسندي رهي."

ثابت ٿيو تہ عورت فساد جي جڙ آهي.

منهنجي مائٽ چيو "تون چريو آهين." ۽ هن جي زال چيو: "ياد رک اڄ توکي ماني ڪو نہ ملندي."

ڪڻ ڪڻ پئجي رهي هئي. ساوڻ جي ڦوهار. چمارين جڳهہ جڳهہ تي رسيون ٻڌي جهولا ٺاهيا هئا ۽ ساوڻيءَ جا گيت ڳائي رهيون هيون. چمارن صاف سترا ڪپڙا پاتا هئا ۽ ڪجل اکين ۾ لائي

بازارن ۾ چڪر هڻي رهيا هئا. ننڍڙا ننڍڙا ٻالڪ انبڙين ۽ ڄمن مان مزو وٺي رهيا هئا. ڏنيا چماري جون ٻئي ٺُهرون پنهنجي سس سان ضد ڪري رهيون هيون ته اُها هنن کي هڪ پئسي جا ڄمون ۽ آڌئي جا انب خريد ڪري ڏي. اُهي ڄمون ۽ انب کڻي خوشي خوشي پنهنجي ننڍڙن مڙسن جون آڱريون پڪڙي جهولا جهولڻ لاءِ نڪري ويون ۽ ڏنيا چماري اُنهن کي ڏسي خوشي ۾ نه پئي ماپي. مون سوچيو جيڪڏهن اسان جي به اهڙي طرح ننڍي هوندي شادي ٿي وڃي ها ته ڪيترو نه سٺو ٿئي ها، اهڙي طرح انب جي ڪکڙي چوسي ۽ زال جي آڱر سان آڱر ملائي ڊوڙندا ڦرون ها ۽ وڻن مان ڄمون پٽي کائون ها. "منهنجو ننڍڙو ننڍڙو ساجن اڱڻ ۾ راند ڪري" پورب ۾ ساوڻ جي بهار ڏسي اڄ محسوس ٿيو ته ننڍپڻ جي شادي ڪيڏي نه سٺي آهي، ڪيڏي نه خوشين ڀري زندگي گذري ٿي ۽ ٻي پاسي فرنگي آهن جيڪي سٺ سالن ۾ پوڙها ڪڳ ٿي شادي رچائن ٿا. اصل ۾ اهو منڊ جو ڦيرو آهي. اُنهن وٽ نه ساوڻ جو مينهن ٿئي ۽ نه انب ۽ ڄمون. هر وقت هڪ ميرانجهڙي ڏنڊ چانيل رهي ٿي. اهو سوچي رهيو هوس ته مائٽ چيو "اڄ مند ملهار ٿي پئي آهي. اڄ ته قطب مينار هلون. انب ۽ ڄمون گڏ کڻي هلنداسين."

مون چيو "۽ گهرواري؟" چوڻ لڳو. "آهستي ڳالهاءِ."

قطب صاحب جي چبر تي وڏي رونق لڳي پئي هئي. قطب کان پهرين حوض خاص اچي ٿو. هي پراڻا کنڊر آهن. حوض خاص ۾ پراڻا مقبرا آهن. هونءَ به سڄي دهلي قبرن سان ئي ڀري پئي آهي. جيتري دنيا دهلي جي ڌرتيءَ ۾ هيٺ پوريل آهي اوتري دهلي جي ڌرتيءَ مٿان آباد ناهي. حوض خاص ڪنهن زماني ۾ هڪ وڏو تلاءُ هوندو هو. هاڻي هڪ ويران کنڊر آهي. پڳل پريل، هِت هُت ماڻهو ويٺل هئا. ڪٿين ماڻهو پاڻ سان کائڻ پيئڻ جو سامان کڻي آيا هئا ۽ گڏوگڏ پاندان ۽ زالون يا سنگتياڻيون. ڪٿان سارنگيءَ جا سُر پئي ٻُريا ته ڪٿان ٺهڪ. حوض جو وڏو حصو سڪل هو ۽ اُن ۾ ماڻهو فٽبال کيڏي رهيا هئا. پراسرار ۽ منجهيل ۽ سوڙهين ڏاڪڻين تان ٿيندا اسان گنبذ جي ڇتن تي وڃڻ لڳاسين. ڇت منجهان ڪٿان ڪٿان پاڻي ڳڙي رهيو هو. سامهون به عورتون اچي رهيون هيون. پاسو وٺي مٿڻ جي جاءِ ئي نه هئي يا ته اسان کي پنتي موٽڻو پوي ها يا اُنهن کي اسان گهٽو ئي سوچيو ته هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي. آخر اُها ٻڪرين واري آڪاڻي ياد آئي. اسين ٻئي فرش تي ليٽي پياسين ۽ اُهي اسان مٿان ٽپي ويون. اڳيان وياسين ته سوڙهي ڏاڪڻ جي هڪ ڪنڊ ۾ عورتن جا ٺهڪن پئي ٻُريا. ڏٺوسين ته به جوان جماڻ ڇوڪريون هيون ۽ ڇوڪرا اُنهن جو رستو روڪي بيٺا هئا. ڪيڏو نه دل لڀائيندڙ نظارو هو. اسان کي لڳو ته هتي به ساڳيو ٻڪرين وارو قصو ورجايو ويندو. پر ٿيو ان جي ابتڙ اُهي ڇوڪريون مڙي مٿي هليون ويون ۽ نوجوان ڇوڪرا انهن جي پويان ۽ اسين انهن جي پويان هلڻ لڳاسين . گنبذ جي ڇت تي چڙهي اسان هيٺ حوض جي سڪل پٽ تي فٽ بال کيڏڻ وارن جو تماشو ڏسڻ لڳاسين ۽ اهي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪنهن ٻئي گنبذ جي سوڙهي ڏاڪڻ جي ڳولا ۾ لڳي ويا.

قطب صاحب جي لاٽ به هڪ دلچسپ جڳهه آهي. ان کي قطب الدين ايبڪ ٺهرايو هو. مرهيات بادشاهه جو ارادو ته اهو هو ته هتي ڇئن قبن واري عاليشان مسجد ٺهرائي وڃي. اڄ ڪلهه ماڻهو ان جڳهه کي پڪنڪ جي لاءِ ڪتب آڻين ٿا. اسان وٽ اڃان به مردن ۽ عورتن جو هڪ ٻئي جي ڇيلهه ۾ هٿ وجهي هلڻ عيب سمجهيو ويندو آهي. پر قطب جي ڏاڪڻين تي اهڙا ڏيک هر ڏهاڙي ڏسڻ ۾

ايندا آهن. ماڻهو آڌي رات تائين قطب ۾ هران باغ ۾ گهمندا رهندا آهن ۽ پنهنجين ...... محبوبائن سان گڏجي پراڻن اڏاوتي ڪاريگرن جي حيرت انگيز اڏاوتن جي مشاهدو ڪندا آهن. ڪيڏو نه اوچو مينار آهي. ڪيڏي نه ناهوڪي جڙاوت ڪهڙا ڪهڙا نه ڪتبا. اهو ڏسندي ڏسندي صبح ٿي ويندو آهي. ها اهو مجڻو پوندو ته دهلي وارن کي پنهنجن بزرگن سان خاصو لڳاءُ آهي. اُهڙو لڳاءُ جهڙو لاهورين کي پنهنجين گندين گهٽين سان آهي. جڏهن شام ٿيندي آهي ته لاهور جون گنديون گهٽيون ۽ بازارون سينگارجي چمڪڻ لڳنديون آهن. پر دهلي..... ڪنات پيلس جا دڪان ساڍي ائين وڳي ئي بند ٿي وڃن ٿا. چانڊني چوڪ ۾ نائين وڳي کان پوءِ ڪتا ۽ چوڪيدار ڀونڪڻ لڳندا آهن. راهون سنسان ٿي وينديون آهن ۽ شهر ۾ سانت سلهاڙجي ويندي آهي. مون رستي تي هلندي هلندي سوچيو: ماڻهو ڀلا ڪيڏانهن هليا ٿا وڃن؟ يا خدا! انهن ماڻهن کي پنهنجي گهر جي پراڻين سِرن سان ايڏو عشق ڇو آهي؟

اڄ خبر پئي ته جڏهن دهليءَ جون گهٽيون ۽ بازارون ويران ٿي وڃن ٿيون تڏهن دهليءَ جا مقبرا آباد ٿيڻ شروع ٿين ٿا. دهلي جي مقبرن ۾ رات جو ئي رونق هوندي آهي جيڪا لاهور جي انارڪلي بازار ۾ يا ڪلڪتي جي نيو مارڪيٽ ۾. رات جو اوهان ڪيڏانهن وڃو توهان کي دهلي جون بازارون گهٽيون، راهون سنسان ۽ اُداس نظر اينديون، ۽ ڪنڊرن ۾ خوبصورت محفلون مچيل ملنديون. همايون جي مقبري ۾ ماڻهو داد ڏئي واهه واهه ڪندي نظر ايندا. هُن ڪنڊ ۾.... ڪاليج جون ڇوڪريون، هتي نواب جمن شاهه جيڪو تيموري گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. مس عذرا جان جو گانو ٻڌي رهيو آهي. قرول باغ جو هڪ چمار جيڪو ٻئي چمار جي زال کي ڦاسائي وٺي آيو آهي. ڇڙواڳ ڇوڪرا ٻُڙڪائي ويندڙ نهارن سان هيڏانهن هوڏانهن واجهه وجهي رهيا آهن. همايون جو مقبرو سانت ۾ ٻڏل آهي. ڪيترا نه پاڻ سان پاندان گلدان، غاليچا، ريشمي بسترا، حقا، گيس ليمپ تائين گڏ کڻي آيا آهن. هڪ ڪنڊ ۾ ڪاليج جي ڇوڪري پنهنجي ساٿي کي چئي رهي آهي "شٽ اپ يو سوائن" ڇوڪري مُرڪي ان جي چيلهه ۾ ٻانهن وجهي اُن کي چمڻ شروع ڪري ڏنو. انهن ئي ڏڪاڻن تان همايون ڪريو هو. انهن ئي راهن تي هن پنهنجي وڃايل بادشاهت حاصل ڪئي هئي. "شٽ اپ يوسوائن" هاڻي جمن شاهه پنهنجي محبوبه کي چئي رهيو هو. "مون کي سينيما ۽ ٿيٽر بنهه آئڙي ئي نه. اسين اُن جي لباڙبازي پسند نٿا ڪريون."

"جي! اوهان صحيح فرمايو."

هندستان جا ماڻهو عالمگير روحانيت جا مالڪ آهن. هو مذهب تي ساهه گهوريندا ۽ ڪيندا آهن. هو بين جي پيٽ ۾ شريف آهن هو سينيما، ٿيٽر، ناچ گهر ۽ ان قسم جي بڪواس پسند نٿا ڪن. هو رڳو پنهنجن بزرگن جي پوڄا ڪرڻ چاهن ٿا ۽ سڄي سڄي رات انهن عبادت گاهن ۾ ويهي رياضت ڪن ٿا. قطب الدين جو ارادو هو ته هو ان قسم جا چار مينار ٻيا جوڙائي.

چار ٻيون عيش گاهون، هي اشوڪ جي قطبي تي ڇا لکيل آهي؟

زندگي ۾ سچائي کان ڪم وٺو. شٽ اپ يو سوائن!

رات جو دير سان چانڊني چوڪ ۾ جلسو ٿي رهيو هو. مقرر رڙيو ڪري چئي رهيو هو. "اسين

هڪ آهيون. هندو مسلمان سڀ ڀائر آهن. اسان ۾ ڪو به اير غير ناهي. پنجاب کان وٺي راج ڪماري تائين اسان هڪ ملڪ جا ماڻهو آهيون. هڪ قوم، هڪ زبان، اسين هندستاني آهيون...“

مون سوچيو هندستان هڪ رنڊي آهي ۽ اسين سڀ اُن جا دلال اسان مان هر ڪنهن اُن کي ڪنهن نہ ڪنهن هٽان وڪيو آهي. آرين جي هٽان، يونانين جي هٽان، عربن جي هٽان، ترڪن جي هٽان، فرنگين جي هٽان ۽ هاڻي اڄ هندستاني اُن کي مغرب جي هٽان وڪڻڻ چاهين ٿا ۽ اڄ جاپانين جي هٽان.... ڪوڙا، مڪار، دوکيباز.

ان کان تہ ڀلو اهو آهي تہ وڃايو دهل، جهانجهر ۽ دڦلي ۽ هلو همايون جي مقبري ڏانهن.

❊❊❊

# اُگھاڙپ جو فلسفو

**نيون** ڏينهن واندن جي ڪلب ۾ فٽ فاٽ جنٽلمين سان ٽڪر ٿي ويو. هو اُگھاڙپ جو حامي لڳو ٿي. هن کي ٻين اگھاڙپ جي حامين جيان، هڪ عمدي قسم جو فل سوٽ پاتل هو ۽ هڪ اعليٰ قسم جو سگار پي رهيو هو.

اُگھاڙپ جي اصولن جي تشريح ڪندي چوڻ لڳو، "سونهن ٻن قسمن جي هوندي آهي. هڪ اُها جيڪا خدا پيدا ڪري ٿو ۽ ٻي اُها جيڪا درزي عطا ڪري ٿو. ماڻهو جي ناشڪري ڏسو جو خدا طرفان مليل حسن کي ڇڏي، درزيءَ طرفان مليل مصنوعي حسن جي پويان لڳو پيو آهي."

جنٽلمين ڪافي دير تائين اگھاڙپ تي ڳالهائيندو رهيو. گذريل ڪجھ ڏينهن کان، اگھاڙپ پسندن جي باري ۾ ڪتاب پڙهي رهيو هوس ۽ ان دلچسپ تحريڪ بابت ڄاڻ حاصل ڪري رهيو هوس. پر هن ملاقات رهيل سهيل ڪسر بہ پوري ڪري ڇڏي ۽ منهنجو اگھاڙپ جي سچائيءَ ۾ اعتقاد وڌيڪ پختو ٿي ويو. "اُگھاڙپ کي جسماني نہ پر روحاني انقلاب سمجھڻ گھرجي. ڇو تہ جسم هڪ فاني شئي آهي. اصل چيز تہ روح آهي ۽ اُهو بہ هندستاني روح."

پر منهنجا مائٽ ۽ دوست، جيڪي سوچن ۾ اڃان قرون، وسطيٰ جي دور مان ناهن نڪتا ۽ منهنجي هن نئين عقيدي کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسن ٿا. "ها سائين! ڀلا اوهان کي اگھاڙي رهڻ ۾ ڪهڙو فائدو نظر اچي ٿو؟" اهو سوال ڪرڻ وقت، هو اِهو پڇڻ ئي ڪونہ ٿا تہ مونکي ڪپڙا ڇو پاتل آهن؟ ۽ جيڪڏهن مان ڪپڙا پايان ٿو تہ ٻين کي ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪرڻ جي هدايت ڇو ٿو ڪريان؟ ڇا انهي ۾ منهنجي شرير مزاج جو ڪو دخل آهي؟

پر بحث جي شوق منهنجي مائٽن ۽ دوستن کي اهڙو تہ انڌو ڪيو هوندو آهي، جو هو منهنجي جسم تي ڪپڙا بہ ڏسي نہ سگھندا آهن ۽ هڪدم سوال ڪري ڏيندا آهن.

"ها سائين! ڀلا اوهانکي اُگھاڙي رهڻ ۾ ڪهڙو فائدو نظر اچي ٿو؟" ۽ آءُ پنهنجي ڪاري شيرواني______ مون وٽ اِها هڪ ئي آهي ۽ اڪثر ٻن موقعن تي استعمال ڪندو آهيان.

1. مشاعري ۾ شعر پڙهڻ وقت.
2. سئنيما ۾ مفت فلم ڏسڻ وقت.

آءُ پنهنجي ڪاري شيرواني جا بٽڻ بند ڪري نهايت اطمينان سان جواب ڏيندو آهيان، "نيڪ آ! مونکي اُگھاڙپ ۾ ڪو فائدو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي."

"اڙي!" هو زور سان رڙيون چوندا آهن. "جيڪڏهن اسين غلطي نٿا ڪريون تہ..."

"بلڪل توهين غلطي پيا ڪريو." آءُ پنهنجي پوري قوت سان جواب ڏيندو آهيان "مون اِهو تہ ڪڏهن بہ ناهي چيو تہ، مونکي اگھاڙي رهڻ ۾ ڪو فائدو نظر اچي ٿو پر اِهو صحيح آهي تہ، آءُ اُگھاڙو رهندڙن جي حمايت ضرور ڪريان ٿو."

"تہ پوءِ..." هو گهبرائيندي پڇندا آهن. "توهان چوڻ ڇاتا چاهيو؟ اسين تہ سمجهي نٿا سگهون!"

"ڪيئن سمجهي سگهندا؟" آءٌ جواب ڏيندو آهيان. ٿورڙو "سوچيو!. اوهين برهمڻ دور جا شيدائي آهيو. اوهان جي دماغ تي اهو دور ئي ڇانيل آهي. برهمڻ دور جو بنياد ئي فائدي تي ٻڌل آهي. توهانجي نظر ۾ جيڪڏهن ڪنهن شئي ۾ فائدو آهي تہ اُها سٺي، نہ تہ خراب. هتي ڪارخانو هلايو وڃي ٿو فائدي لاءِ، خيرات ڪئي وڃي ٿي تہ جيئن نالو ٿئي، اخبارن ۾ شهرت ملي، ساڪ نهي ۽ انهيءَ ساک مان وري ڪاروبار ۾ فائدو ٿئي. توهان تہ هر شئي کي فائدي جي ڪسوٽي سان پرليو ٿا. توهان پڪ ڄاڻو تہ جيڪڏهن اُگهاڙپ پسندن جي جماعت ڪاميابي ماڻي، تہ اُها سڀ ڪان پهريون ڪم اِهو ڪندي تہ، لفظ فائدي کي لغت مان هميشہ لاءِ ڪڍي ڇڏيندي."

"افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ، توهين ماڻهو هر شئي کي انهي انداز سان ڏسڻ جا عادي ٿي ويا آهيو. هن ۾ فائدو آهي... ڪهڙو فائدو آهي؟ ڪيترو فائدو آهي؟ ڇو فائدو آهي؟"

نتيجو اهو ٿو نڪري، جو توهين انهي فائدي جي چڪر ۾ ايترو اڳتي ٿا نڪري وڃو جو خوشيءَ جهڙي نعمت کي بہ وساري ٿا ويهو. آخر خوش رهڻ ۾ ڪهڙو فائدو آهي؟"

توهانجي نظر ۾ خوشي هڪ بي فائديمند ۽ بي اختياري وارو جذبو آهي ۽ برهمڻي سوچ جي انڌي چڪر ۾ پوندي، اهو بہ سوچي نٿا سگهو تہ اهڙيون ڪيتريون ئي بي فائديمند شيون آهن، جيڪي توهانجي زندگي جو اهم جزو ۽ حصو آهن. ۽ آخر انهن بي فائديمند ڳالهين تي سوچڻ مان ڪهڙو فائدو؟جيڪڏهن اهو ئي وقت ڪوڪ شاستر يا نفيس نازڪ ريشمي ساڙهين جي وڪڻڻ تي کپائجي تہ ڪيڏو نہ فائدو ٿئي."

ٺيڪ آهي توهين فائدو حاصل ڪريو. هونءَ بہ اگهاڙي رهڻ جي بي فائدي تحريڪ تي بحث ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟"

۽ منهنجا دوست ۽ مائٽ ڪاوڙ ۾ اچي چوندا آهن، "تو تہ هرويرو لفظ فائدي کي ڊيگهہ ڏيئي نوڙيءَ مان ڪٽي نانگ بڻايو آهي. اسان تہ اُن جي اونهائي ۾ وڃڻ بہ ڪونہ ٿا چاهيون. اسين فقط اهو ڄاڻڻ ٿا چاهيون، تہ آخر اسين اُگهاڙا ڇو رهون؟"

۽ آئون پنهنجن دوستن ۽ مائٽن کان پڇان ٿو تہ، آخر اسين اُگهاڙا ڇو رهون؟" ۽ مون کان جيڪڏهن اوهان صاف صاف پڇڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ ٻڌو. "منهنجو هن تحريڪ سان همدردي جو سبب اُهو غصو ۽ نفرت آهي، جيڪا مونکي پنهنجي درزي کان آهي. آءٌ اگهاڙو رهڻ انهي لاءِ پسند ڪريان ٿو جو آءٌ، پنهنجي درزي جو بل ادا ڪندي ڪندي هاڻي ٿڪجي پيو آهيان. جيتوڻيڪ مونکي انهي ڳالهہ جو احساس بہ آهي، تہ درزيءَ کي اسان جهڙن کي انسان بڻائڻ لاءِ چڱي موچاري محنت ڪرڻي پوي ٿي. منهنجي هن ڪاري شيروانيءَ کي ئي ڏسو. ڪيڏي نہ پلي سبيل آهي. جيڪڏهن اِها منهنجي جسم تي پيل نہ هجي ها، تہ پلاڪير مونکي انسان ڪوني ها؟ اصل ۾ اوهان جهڙا ماڻهو ڳالهہ جي تهہ تائين پهچن ئي ڪونہ ٿا يا ائين ڪٽي ڇئجي تہ پهچڻ ئي ڪونہ ٿا چاهين. حقيقت اهي آهي تہ، هڪ اَڃاتل ڊپَ اوهان کي ڊيڄاري اوهانجي دل ۽ دماغ ۾ ۾ گهر ڪري ويهي رهيو آهي ۽ اِهو ڊپ

اوهان کي ويڙهي ويو آهي، تہ متان ڪو اوهان کي حيوان نہ سمجهي ويهي. ٻين ٻن پيرن يا چئن پيرن وارن جانورن وانگر اوهين بہ اگهاڙا پيدا ٿيا آهيو. ڪافي عرصو اگهاڙپ رهڻ ڪانپوءِ، نيڪر ٽپا ڏيندي، اوهان وڻن جا پن پهري ورتا، جيئن رونشي رونشي پولڙن سوداگرن کان ٽوپيون کسي پنهنجن مٿن تي پاتي چڙهيون هيون. ۽ اڄ حالت اِها آهي جو اوهان پيرن جي مرين کي بہ جورابن ۾ لڪائي ٿا ڇڏيو. متان ڪو جانور اوهان کي سڃاڻي نہ وٺي ۽ ڪجهہ چئي نہ ڏئي.

"۽ اهوئي ڏپ ۽ ڊاهہ آهي، جيڪو اوهانجن روحن کي ٻانڌي ۽ ٻت کي ٻانهو ٺاهي ڇڏي ٿو. ويچاري ڏارون جي مخالفت بہ رڳو ان ڪارڻ ڪئي وڃي ٿي. ۽ اُگهاڙو رهڻ وارن تي جيڪي ڦٽڪارون وسايون وڃن ٿيون اُن جو ڪارڻ بہ اِهوئي ڏپ آهي."

"هان! ڇا اسين جانور آهيون؟ ڇا اسين پولڙن جي ارتقائي منزل آهيون؟"

"مونکي انسان جي اشرف المخلوقات هئڻ کان انڪار ڪونهي. پر آءٌ ان ڳالهہ کي غلط ٿو سمجهان تہ جيڪڏهن اسان ڪپڙا نہ پائينداسين تہ اشرف المخلوقات نہ رهنداسين؟ انسان ۽ حيوان ۾ جيڪا هڪجهڙائي يا لاڳاپو آهي اُن ۾ ٻيا بہ گهڻائي فرق آهن. پر اِهو فرق ڪپڙي لٽي جو ناهي، جيئن عام ماڻهو سمجهن ٿا. اهڙن ماڻهن ۾ اولهہ جا جا پاڻر بہ شامل آهن. هتي مونکي اُنهن ميم صاحبائن جون، شعوري حرڪتون بہ ياد اچن ٿيون جيڪي پنهنجن ڪتن، ٻلين ۽ ٻلبلن کي ڪوٽ فراڪ ۽ ڪنن ۾ واليون پارائي، اهو ڏيکاءُ ڏيڻ جون ڪوششون ڪنديون آهن تہ هي عام ڪتا، ٻليون ۽ ٻلبلون ناهن، بلڪ اُنهن کان مختلف ۽ انسانن سان ملندڙ جلندڙ ڪنهن ٻي نسل مان آهن. ۽ اڄ ڪلهہ تہ لباس جو رواج ۽ مرض اهڙو تہ وڌي ويو آهي جو هر شخص موچارو لباس پائڻ چاهي ٿو ۽ اُن کي ئي انسانيت جي معراج تائين پهچڻ جو ذريعو سمجهي ٿو.

"اها ڪيڏي نہ عجب وارتا آهي. ڀلا جي اهو ڏوکو ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟ جيڪڏهن آءٌ ڳاڙهو پٽڪو ٻڌي بازار مان مفت سودو سڙو وٺڻ لاءِ نڪران، تہ ڪو بہ دڪاندار اوڌر ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. پر جيڪڏهن قيمتي ڪپڙا پهري نڪران، تہ ساڳيو دڪاندار سوين رپين جي رکت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. مونکي پڪ آهي تہ، آءٌ جيڪڏهن ڪنهن مشاعري ۾ اُگهاڙو هليو وڃان تہ، مونکي چريو ۽ پاڳل سمجهي ڪڍيو ويندو. پر جيڪڏهن مونکي شيرواني پاتل آهي تہ مشاعري جو انتظام سنڀالڻ وارا منهنجي اڳيان پوپان ڊوڙندي نظر ايندا. "اچو صاحب، اچو! هتي اچي ويهو. هنن اڳين ڪرسي تي ئي ويهو." اهڙي آءُ ڀڳت ٿيڻ لڳي ٿي جو منهنجي دل سڙڻ لڳي ٿي ۽ آءٌ سوچڻ لڳندو آهيان تہ! آءٌ شاعر آهيان، يا هيءَ منهنجي شيرواني؟"

"ڪي پورا ماڻهو سمجهندا آهن تہ ڪپڙا انسان جي خوبصورتي کي وڌائن ٿا. هتي آءٌ اِهو محاورو نٿو ورجائڻ چاهيان تہ، چنڊ ڳهڻن ڪانسواءِ بہ سهڻو لڳي ٿو. پر آءٌ اها ڳالهہ ضرور چوڻ چاهيندس تہ انهن پورن ماڻهن جو خيال سراسر غلط آهي."

"ڪپڙا اصل ۾ ان لاءِ پاتا ويندا آهن تہ، جيئن انسان پنهنجي ڪوجهائي کي لڪائي سگهي. جيئن روحاني ڪوجهائپ کي ماڻهو خيرات سان ميٽڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ساڳيءَ ريت جسماني ڪوجهائپ کي لڪائڻ لاءِ، مهانگا ويس وڳا پهريا ويندا آهن تہ جيئن جسم جي اڻبرابرتا تي

نظر نہ پوي.

“منھن تي ميڪ اپ انھي لاءِ ٿڦيو وڃي ٿو تہ جيئن ڦڪن ۾ مرجھايل ڳلن کي ڀڪائي سگھجي. چپن تي سرخي انھي لاءِ ھڻئين وڃي ٿي. تہ جيئن ڪوماٽل ۾ سڪل چپن کي سرھو ڪري سگھجي. ھي ڪپڙا تہ دوکي جو ڄار آھن. جيڪڏھن توھان واقعي ٻلوان ۾ سھڻا آھيو تہ پوءِ پنھنجي سھڻي بت کي ڇھ وال ڊگھي ساڙھي يا شيرواني ۾ لڪائڻ مان ڪھڙو فائدو؟

“گلاب جي گل جي سونھن يا دلڪشي انھي ۾ آھي تہ اھو وھان جي سامھون ٽڙندو رھي ۾ پنھنجي اَملھہ سونھن ۾ سندرتا سان ھن دنيا کي موھيندو ڏيندو رھي. جي گلاب، چنبيلي ۾ آسمان جي لالاڻ کي ڪپڙن جي ضرورت ناھي تہ پوءِ فقط انساني سونھن کي ڪپڙن جي چوتي ضرورت پوي؟ ڇا اِھو سچ پچ ايترو ڳَڙو ڪسارو ڪوجھو ۾ بيمار ٿي چڪو آھي جو اُن کي، پنھنجي ھستي کي برقرار رکڻ لاءِ ڪپڙن جو سھارو وٺڻو ٿو پوي؟

آءٌ ڪيترن اھڙن ماڻھن کي سڃاڻان ٿو جيڪي ھونءَ تہ اگھاڙپ جا پرستار نظر ايندا آھن پر پنھنجي اندر کان ڊنل ھوندا آھن ۾ اڪثر ھنن لفظن ۾ پنھنجي ڪمزوري جو اعتراف ڪندا آھن:

“يار اُگھاڙپ آھي تہ سني شئي، پر اسان کي پنھنجو پاڻ کي اُگھاڙو ڏسندي شرم ٿو ٿئي.” ۾ اھو شرم بلڪل جائز آھي ۾ حالتن مطابق بہ. ڇو تہ انسان جي ڪوپڙي ۾ بدي ايڏا تہ پير پختا ڪري چڪي آھي جو ھو پنھنجو پاڻ کي اُگھاڙو ڏسندي قطعي پسند نٿا ڪن. چوري ڪرڻ وقت شرم نٿا ڪن، ننگي ڪرڻ وقت شرم نٿو اچين، پر ڪپڙا لاھڻ مھل شرم ضرور محسوس ڪندا آھن. ۾ شايد اِھو سچ بہ ھجي، ڇو تہ ھاڻ انسان جي شرم لاءِ ڪپڙن کان سواءِ ٻي باقي ڪھڙي جڳھہ بچي آھي، جتي ھن کي پناھہ ملي سگھي؟

“وڏن کان ٻڌندا ھئاسين تہ انسان جو شرم سندس دل ۾ اکين ۾ ھوندو آھي ۾ ھاڻ اُھو رڳو ڪپڙن ۾ وڃي باقي بچيو آھي، جتي ان کي پناھہ ملي سگھي ٿي ۾ جيڪڏھن اِھي ڪپڙا بہ لاٿا وڃن تہ پوءِ ھو اُن کي ڪٿي بچائي رکندو؟ شايد موقعو مھل ڏسي انکي سستي اگھہ وڪڻي ڇڏي. آخر تہ سڌريل زمانو آھي. اڄڪلھہ اُگھاڙپ جي فلسفي ۾ جنھن ڳالھہ مونکي وڌيڪ متاثر ڪيو آھي، اُھا آھي اُن جي نوس ۾ بنيادي سچائي. ان کان ڀلا ڪيئن انڪار ڪري سگھجي ٿو تہ، ڇا خدا انسان کي اگھاڙو پيدا ناھي ڪيو؟ انسان ئي اھو پاڻ آھي جنھن پنھنجي اُگھاڙي حسن کان آھستي آھستي فرار اختيار ڪندا وياسين ۾ اُن کي ڪپڙن ۾ لڪائيندا وياسين. خود ڪٽڪ جي داڻي، شيطان يا حوا، انسان کي ايڏو ناھي ڀٽڪايو جيڏو ڪپڙن. ڪپڙا مصيبتن جو ڀنڊار آھن. جيڪڏھن انسان ڪپڙا پائڻ ڇڏي ڏي تہ دنيا ۾ اڄ بہ امن، سک ۾ ھڪجھڙائي جو دور موٽي اچي. انسان ذات جا سڀ اھنج اولاوا ختم ٿي وڃن. نہ لڙايون ٿين ۾ نہ ئي چوت ڇات جون بيماريون پکڙجن ۾ نہ ئي درزين جو وجود باقي رھي. ھر پاسي سک ئي سک ٿي پوي. اسيمبليءَ ۾ ميمبر موت جي شعاعن تي بحث ڪرڻ جي بجاءِ الٽرا وايوليٽ شعاعن تي غور ڪرڻ شروع ڪري ڏين. ڪانگريس آزادي آزادي پڪارڻ ڇڏي ڏيندي، ڇو جو اُن وقت ھر ماڻھو ننڍو وڏو مھاتما گانڌي بڻجي چڪو ھوندو. ھندستان جي ڪروڙين ماڻھن (اُگھاڙن) جو مسئلو مسئلو نہ رھندو ۾ ھڪ حل يعني ھڪ اھڙو حل جنھن تي وڌيڪ ويچار

ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي.

“هاڻ هن سهڻي تصوير جو ٻيو پاسو. چوڻ لاءِ اهو سڀ ڪجھہ چئي سگهجي ٿو پر حقيقت اها آهي تہ دنيا ۾ اُگھاڙپ پسند ٿورائي ۾ آهن. اُنهن کي نہ فقط درزين جو مقابلو ڪرڻو آهي، پر اُن سان گڏ اُنهن جماعتن جو بہ جيڪي هن وقت ڪپڙا پهرين ٿيون. سُمهندي، جاڳندي، گهمندي، ڦرندي، وهنجندي، عشق ڪندي، مطلب تہ هر وقت فيشن جي مطابق ڪپڙن ۾ ڍڪيل رهن ٿيون.

“اُن ڪانسواءِ اُهي ماڻهو بہ آهن، جيڪي هونءَ تہ اُگھاڙا رهن ٿا، پر هر گهڙي ڪپڙي پائڻ جي خواهش ۾ زندهہ ٿا. اُنهن کي اُگھاڙپ جي تحريڪ جو حامي نہ، پر دشمن سمجھڻ گهرجي. اُگھاڙپ پسندن کي، انهن سيني مضبوط ۽ طاقتور تنظيمن سان جنگ ڪرڻي آهي ۽ دنيا کي ڪپڙن جي عذاب کان نجات ڏيارڻي آهي. مونکي ويساهہ آهي تہ دنيا ۾ سچا پچا اشتراڪي رڳو اُگھاڙپ واري تنظيم ۾ ئي موجود آهن.

نازين کان پهرين جرمني ۾ اشتراڪيت ۽ اُگھاڙپ جون تحريڪون ڪافي طاقتور هيون. هٽلر طاقت ۾ ايندي ئي موقعي جي نزاڪت کي سمجهي ورتو ۽ ٻنهي تحريڪن کي ترت دٻائي ڇڏيو. اسان کي بہ اِهو ئي ڪرڻ گهرجي جيڪو هٽلر ڪيو. يعني اشتراڪيت ۽ اگھاڙپ کي هڪ ئي تحريڪ سمجھڻ گهرجي.

اسانجي جنت جهڙي ڌرتيءَ تي، اُگھاڙپ جي تحريڪ تمام پراڻي آهي ۽ صدين کان هلندي اچي هندستان ۾ ڪروڙين ماڻهو اُگھاڙا رهن ٿا. لکين گهر اهڙا آهن جن ۾ سڄي ڪٽنب جي سيني عورتن لاءِ فقط هڪ انگوشو هوندو آهي. جنهن کي ڪم ڪار ۾ واري واري سان استعمال ڪنديون آهن. مرد عورتون، ٻار عادتن ۽ ضرورتن اُگھاڙا رهن ٿا ۽ سڄي عمر انهيءَ ڪَل ۾ گذاريو ڇڏين، جيڪا، اهي ماءُ جي پيٽان پائي هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيا آهن. اُن جو ڪارڻ نہ غربت آهي ۽ نہ ئي انگريزي راڄ جي برڪت. جي ڪارڻ آهي تہ فقط قدرت جو قانون.

“اُن ڪانسواءِ هندستان ۾ هڪ تمام ننڍي اهڙي اقليت بہ آهي، جنهن هزارين سالن کان اُگھاڙپ جي شمع کي پنهنجي علم ۽ فضل سان روشن پئي رکيو آهي. منهنجو اشارو ناگن ڏانهن آهي. ناڳا اُهي بهادر، بي غرض فقير آهن، جيڪي اڪثر ڪنڀ جي ميلي ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. انهن ماڻهن پنهنجي پوتر روايتن ۽ اڻ مَين قربانين سان، هندستان ۾ اُگھاڙپ جي تحريڪ کي اُنجي سموري سچائي ۽ سونهن سان جيئرو رکيو آهي. جيستائين اهي ماڻهو آهن، اها تحريڪ ختم ناهي ٿيڻي. آءُ تہ پهرين ئي چئي چڪو آهيان تہ هندستان ۾ لکين ڪروڙين اُگھاڙا رهن ٿا. پر اُهي ماڻهو ناڳن جيان هن تحريڪ جي بنيادي روح کان واقف ناهن ۽ شايد اِهي ماڻهو هر وقت اها ئي دعا ڪندا رهندا آهن تہ اُنهن کي وڏيڪ ڪپڙا ملن تہ جيئن هو پنهنجن ٻارن ۽ زالن جي جسمن کي ڪپڙن سان ڍڪي سگهن. انهن ماڻهن جي ذهنيت، رجعت پسند ۽ بورزوائي ذهنيت جيان خطرناڪ آهي. ضرورت ان ڳالھہ جي آهي تہ اُنهن ماڻهن کي ڪپڙا نہ ڏنا وڃن ۽ ضرورت ان ڳالھہ جي بہ آهي تہ انهن کي ڪپڙن جي نقصانن ۽ خراب اثرن کان واقف ڪيو وڃي. ان ڪم لاءِ لڳاتار پروپئگنڊہ جي ضرورت آهي.

“شڪر آهي جو هندستان جي سرواڻن ان ڳالھہ ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو آهي. گذريل

ڏينهن ۾ ڄام نگر جي مهاراڄا (مرهيات) هڪ شاندار سوليرم ٺهرايو هو. اهڙي طرح بمبئي جي لک پٽي سيئين ۾، هڪ اگھاڙن جو ڪلب قائم ڪيو آهي. هي اُهي سچي پچي هڪجھڙائي آهي، جنهن ڪي فقط اُگھاڙا ئي زنده رکي سگھن ٿا. ۽ مون کي ته اگھاڙپ جو آئيندو ۽ اُن جي ڪري انسانن جو آئيندو روشن ۽ شاندار نظر اچي رهيو آهي ۽ آءُ ته اندر جي اک سان اُهو زمانو ڏسي رهيو آهيان، جڏهن اُگھاڙو رهڻ وارا پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندا. جڏهن هن دنيا ۾ هڪ اُگھاڙو انقلاب ايندو. هڪ اُگھاڙو طوفان. جيڪو هر قسم جي ڪپڙن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيندو ۽ سڀ ماڻهو قدرت جي حضور ۾ اگھاڙا بيٺا هوندا ۽ دنيا ۾ مڪمل هڪجھڙائي مڪمل آزادي ۽ مڪمل امن، سک ۽ شانتي جو راڄ هوندو. ”

❊❊❊

# لک پتي بڻجڻ جو نسخو

**جڏهن** آئون انٽر جي امتحان ۾ چوٿين دفعي به ناپاس ٿيس ته گهران هڪ هزار رپيا ۽ ڪجهه زيور چوري ڪري، بمبئي ڀڄي ويس. بمبئي پهچي، ٽن مهينن جو ٽائيپ جو ڪورس ڪيم ۽ هڪ ڪمپني ۾ نوڪري لاءِ درخواست ڏنم. ڪمپني جو مالڪ مون ڏانهن ڏسي کلي چوڻ لڳو "اسان کي ته هڪ ڇوڪري گهرجي."

مون چيو "اڄڪلهه ڇوڪري ۽ ڇوڪرِي ۾ ڪو خاص فرق ته رهيو ڪونهي. ڇوڪريون سوٽ پائڻ ٿيون، مان به پايان ٿو. ڇوڪريون بشرٽ نما بلائوز پائڻ ٿيون، مان بلائوز نما بشرٽ پايان ٿو. ڇوڪرين جا وار ڪٽيل هوندا آهن، وار منهنجا به ڪٽيل آهن. ڀلا آءٌ ڇوڪرين کان ڪهڙي ڳالهه ۾ گهٽ آهيان؟"

ڪمپني جي مالڪ منهنجي سامهون، منهنجي درخواست جا چار ٽڪر ڪندي چيو "تون گڏهه آهين، نڪري وڃ."

آءٌ نڪري آيس. پوءِ مون ٽن مهينن جو بجلي جي پکن جي مرمت جو ڪورس ڪيو ۽ هڪ ڪمپني ۾ درخواست ڏنم.

ڪمپني جي مالڪ چيو "ڇا تون بجلي جي پنکن جا پرزا ٽوڙي سگهين ٿو؟"

"جي نه... جوڙي سگهان ٿو."

"ڇا تون بجلي جا پنکا اهڙي ريت جوڙي سگهين ٿو جو هر ٽيئين مهيني، اُنهنجي مرمت جي ٻيهر ضرورت پوي؟"

"جي نه.." مون فخر مان ڳاٽ اوچو ڪندي چيو "مان اهڙي مرمت ڪري سگهان ٿو جو ٽي مهينا ته ڇا پر سال تائين به، اُنهن جي مرمت جو سوال ئي پيدا نه ٿيندو."

"ته پوءِ تون اسان جي ڪم جو ماڻهو ناهين." صاحب جواب ڏنو ۽ منهنجي درخواست جا منهنجي سامهون، اٺ ٽڪرا ڪري ڇڏيا.

اُن کان پوءِ، آءٌ اسٽيل مل جي دفتر ۾ ويس ۽ وڏي صاحب کي چيم، "مونکي ڪم کپي."

"ڪهڙو ڪم؟"

"ڪهڙو به ڪم هجي ڪري وٺندس." مون جواب ڏنو.

هن چيو "پر تون ڪهڙو ڪم ڪري سگهين ٿو؟"

مون چيو "آءٌ پٽ تي ڀاري ڏيڍ ڪان وٺي، توهان جي دماغ ۾ به ڀارو ڦيري سگهان ٿو."

منهنجو جواب ٻڌي هن کلندي چيو "تنهنجي جواب مان معلوم ٿو ٿئي، ته تون سيٺ ڪستوري چند جو نائي آهين؟"

"جي نه..."

“تہ پوءِ پڪ تون ڌتوري چند جو ڏوھٽو آھين؟”

“جي نہ...”

ھن چيو تہ پوءِ پڪ سيٺ فتوري چند....؟” ھن جو ساھہ پرجي آيو.

“جي نہ....”

منھنجو جواب ٻڌي ھن آڪڙندي چيو “تہ پوءِ ھتي ڇو آيو آھين؟ گيٽ آئوٽ.”

گيٽ آئوٽ تي آءٌ ھلڻ لڳس ۽ ھلندو رھيس. سوچيندو رھيس تہ ھاڻي ڇا ڪريان. امان جا چوڙايل زيور، ڪائي ڪپائي چڪو ھوس. ۽ ھڪ ھزار رپين مان باقي ھڪ سو ٻارھن روپيہ وڃي بچيا ھئا.

ھلندي ھلندي، مونکي جڏھن بک تمام گھڻو تنگ ڪيو تہ آءٌ ھڪ راندين جي سامان جي دڪان ۾ گھڙي ويس. دڪان ۾ ڪرڪيٽ، ھاڪي، فٽ بال ۽ ٽينس جي سامان سان گڏ شيشي جي ھڪ خوبصورت شوڪيس ۾ گول گول سفيد رس گلا رکيل ھئا. مون دڪاندار ڏانھن منھن ڪندي چيو “وڏو ڪو احمق ٿو ڏسجين. جو راندين جي سامان جي دڪان ۾ رس گلا ٿو رکين.”

ھن چيو “ھي بمبئي آھي. ھتي سڀ ڪجھہ ھلندو آھي.”

مون چيو “مونکي ٻن رپين جا رس گلا ڏي.”

ھن ٻہ رپيا وٺي شوڪيس مان ٻہ رس گلا ڪڍيا ۽ چيو “ھي خاص قسم جا رس گلا اٿئي.”

“تہ پوءِ چار ڏي.”

ھن مونکي چئن رپين جا چار رس گلا ڏنا. رس گلا ڪٽي آءٌ روڊ تي ٻاھر نڪري آيس. اڳيان وڌيس تہ ھڪ جوھري جي دڪان تي ڪيلا نظر آيا. ساوا، ٿلھا، تازا ۽ خوبصورت.

مون دڪاندار کي چيو “عجيب ماڻھو ٿو ڏسجين جو ھيرن جي دڪان تي ڪيلا رکيا اٿئي.”

“سون وڪڻڻ تي بندش آھي. انھي ڪري ڪيلا رکيا اٿم.”

“ڪھڙو اگھہ ڏيندين؟” مون پڇيو.

“ڇھہ رپيہ درجن.”

“ڇھہ رپيہ درجن؟” مون حيرت مان رڙ ڪندي چيو ٻہ آني درجن جي حساب سان، بازار مان جيترا ڪپنئي اوترا آڻي ڏيان.”

“پر ھي خاص قسم جا ڪيلا آھن.” دڪاندار وراڻيو.

“جي ايئن آھي تہ پوءِ ھڪ درجن ڏي.”

ھن ھڪ درجن ڪيلا لفافي ۾ وجھي منھنجي حوالي ڪيا. آءٌ دڪان کان ٻاھر نڪري آيس ۽ ميٽرو سئنيما جي سامھون، ميدان ۾ ھڪڙي ڪنڌ وٽي، ڇپر تي اچي ويٺس. مون پھرين رس گلن وارو لفافو کوليو ۽ ھڪ رس گلو ڪڍي، وات ۾ پاتم ئي مس جو ڪچ ڪچ ٿي. مونکي پتو پيو تہ آءٌ جنھن کي رس گلو سمجھي ويٺو ھوس، اھو تہ اصل ۾ پنگ پانگ جو بال ھو. مون مايوسي مان ٻيو لفافو کوليو. معلوم ٿيو تہ اُن لفافي جي اندر جيترا بہ ڪيلا ھئا اُھي سڀ پلاسٽڪ جا ھئا. ھاڻي ڇا ٿو ڪري سگھجي؟ مون سوچيو ’پئسا تہ آئون خرچ ڪري چڪو آھيان. بھتر ايئن ٿيندو تہ، جيڪي ڪجھہ

بہ آهي الله ڪري ڪائي چڏڻ گهرجي. ۽ مٿان پاڻي پي چڏڻ گهرجي، تنهنڪري مون ريان جا رس گلا ۽ پلاسٽڪ جا ڪيلا چٻاڙي ڪائي ڇڏيا. آيل رزق جو پلا آءٌ ڪيئن ٿي اپمان ڪري سگهيس؟ آءٌ تہ رزق جي تلاش ۾ ئي، بمبئي ڏانهن اچي نڪتو هوس. هاڻ مونکي اُڃ ڏاڍو تنگ ڪيو ۽ پيٽ ۾ عجيب قسم جي گڙ گڙ ٿيڻ لڳي.

ايتري ۾ منهنجي پرسان هڪڙو ڇوڪرو لنگهيو. هن جي هٿ ۾ هڪ ميرو ٿيلهو هو. هو هوڪو ڏيئي رهيو هو. "پاڻي پيو ٻن رپين ۾ هڪ بوتل."

مون ڇوڪري کي پاڻ ڏانهن سڏيو ۽ ڪائنس پڇيو "ڦر تي ويئي آهي ڇا جو بمبئي ۾ پاڻي جي بوتل ٻن رپين ۾ ٿو وڪڻين؟"

ڇوڪري وراڻيو "هي جوزف جو پاڻي آهي."

"جوزف ڪير آهي؟" مون هن کان پڇيو.

"اسانجو مالڪ آهي." هن چيو.

"توهين ٻن رپين ۾ پاڻي جي بوتل ڇو ٿا وڪڻو جڏهن تہ لاگنور جو نارنگين جو رس ڇهن آنن ۾ ملي ٿو؟"

"پر هي خاص قسم جو پاڻي آهي. پهرين ڊار جو."

مون پهرين ڊار جو پاڻي ڪڏهن بہ ڪونہ چکيو هو. ٺيڪ آهي اڄ مزو وٺي ڏسجي. جيب ۾ هڪ سئو جي نوٽ جي علاوه اجان بہ ٻہ رپيا باقي هئا. مون انهن ٻن رپين ۾ هڪ بوتل خريد ڪري ڇپن تي آندي نڙي ۾ ويندي ئي ائين لڳو جڻ چوڏهن ئي طبق روشن ٿي ويا هجن. دل ۽ دماغ ۾ جيترو بہ ڄارو هو پيئڻ سان صاف ٿي چڪو هو. هر شئي روشن ۽ چٽي ۽ پنهنجي اصل روپ ۾ نظر اچڻ لڳي.

آءٌ ٽپ ڏيئي پنهنجي جڳهہ تان اُٿيس ۽ سئو جو نوٽ مٺ ۾ پڪوڙي ڪالبا ديوي روڊ جو رخ ڪيم. هتي عجيب هل هنگامو برپا هو. ڇڪ ڇڪان، ڌڪا، ماڻهو هڪ ٻئي جي ويجهو هوندي بہ ايترو زور سان ڳالهائي رهيا هئا، جڻ هو هڪٻئي کان هزار والن جي مفاصلي تي هجن.

واڪ لڳي رهيا هئا.

"ڏنم، ورتم، وڪيم، خريد ڪيم، ست متي اٺ، هيٺ چاليهہ هزار ڳنڙيون، ستر هزار ڳنڙيون، ڏيڍ لک..."

بہ لک مون غصي مان رڙ ڪئي.

هڪ دلال منهنجي ويجهو آيو چيائين "وڪڻين ٿو؟"

"ها، وڪڻان ٿو." مون وقلندي چيو "۽ خريد بہ ڪندو آهيان."

"ڪهڙي اگهہ ۾؟" هن مون کي ڪلهن کان جهلي ورتو، تہ جيئن آءٌ ٻي ڪنهن دلال وٽ هليو نہ وڃان.

"ست متي نو هيٺ." مون وڏي آواز ۾ چيو.

"ست متي نو هيٺ" هن خوشي مان رڙ ڪئي، جڻ منهنجي ڳالهہ جو هنکي يقين نہ آيو هجي.

"ها ست متي نوهيٺ." مون دهرايو.

دلال خوشي مان زور سان واڪ ڏنو. ”ٻه لک ڳنڙيون ٻه لک ڳنڙيون.“ پوءِ هن هڪدم مون ڏانهن ڏسندي سوال ڪيو

”ڪنهنجون؟“

”عقل جون.“

”عقل جون؟“ ڇا هي ڪپهه جو نئون برانڊ آهي؟“

هن مون ڏانهن شڪي نظرن سان ڏسندي پڇيو.

”هڪ خاص قسم جو براند آهي.“ مون جواب ڏنو.

هن منهنجي اکين ۾ اکيون ملائي چيو، ”تون چرٽ رام اينڊ ڪمپني جو ماڻهو آهين نه؟“

”ڀيو ڪنهن جو ٿو نظر اچان؟“ مون رڙ ڪندي چيو، ”سچاٽي به ڪو نه ٿو؟“

هن منهنجي ڪلهن تي هٿ رکيو، ”ايئن ئي پڇي ورتم. صاحب پڪ ڪرڻ ضروري آهي.“

پوءِ هو مونکي ڇڏي اڳيان وڌيو ۽ پاڻ کي ٽي فٽ جي مفاصلي تي بيٺل ماڻهو جي ڪن ۾ پنهنجي پوري نڙي ڦاڙي چوڻ لڳو، ”ٻه لک ڳنڙيون چرٽ رام اينڊ ڪمپني ٻه لک ڳنڙيون، ست مٿي نو هيٺ.“

”۽ وچ ۾ ٻڙي؟“ هو رڙيون ڪندو رش ۾ گم ٿي ويو.

آءٌ تقريبن اڌ ڪلاڪ تائين ڪنڊ وٺي هل هنگامون ڏسندو رهيس ۽ جڏهن مايوس ٿي دلال جو آسرو لاهي واپس وڃڻ لاءِ مڙيس ته ايتري ۾ دلال پيڙ کي ٽوڙيندو، ڊوڙندو ڊوڙندو منهنجي ويجهو آيو ۽ منهنجي هٿ ۾ ٻاهٺ هزار روپيه اٽڪائي ڇڏيائين.

”مون هن مان پنهنجي ڪميشن ناهي ڪاٽي.“

”ڪاٽي وٺ.“

”سيٺ جي پڇڻ ڪانسواءِ؟“ هن حيرت مان پڇيو.

”آءٌ سيٺ کي پاڻهي ٻڌائي ڇڏيندس. هو پو ناويل آهي.“

”ٺيڪ آهي ته پوءِ ٻه هزار ڏيئي ڇڏ.“

ٻه هزار ڪٽڻ ڪانپوءِ آءٌ سٺ هزار ڪٽي ڪاٽن ايڪسچينج مان ٻاهر نڪري، اچي ٽيڪسي ۾ ويٺس ۽ ٽيڪسي واري کي چيم.

”هل بمبئي ڪان ڪٿي به ٻاهر وٺي هل.“ ۽ دل ئي دل ۾ سوچيم ته هي ٽيڪسي چرٽ رام اينڊ ڪمپني ۽ منهنجي وچ ۾ جيترو به مفاصلو وڌائي، اوترو منهنجي فائدي ۾ آهي.

باندرا جي ويجهو مونکي زور سان پيشاب لڳو. ٽيڪسي جي فرش تي نگاهه وڌم، پر ٽيڪسي ڊرائيور جي وڏين مڇن کان پئو ٿيم. تنهنڪري گوڏا پيڙي پيشاب روڪڻ ۾ ئي پنهنجو ڀلو ڀانيم. لنڪ روڊ تي سڙڪ کان پري، خالي پلاٽ نظر آيو. هتي اجان تائين عمارتون ڪونه اڏيون هيون. ٽيڪسي واري کي هشي ڏنم. هن ٽيڪسي کي اسپيڊ ڏني ۽ ٽيڪسي جڏهن هڪ خالي پلاٽ وٽ پهتي، ته مون هن کي ٽيڪسي روڪڻ لاءِ چيو. ٽيڪسي بيهندي ئي آئون تير وانگر ٽيڪسي مان نڪتس، ۽ تيز ڊوڙندو خالي پلاٽ ڏانهن هليو ويس. پيشاب هاڻي مونکي ڪافي تنگ ڪيو هو. پلاٽ

۾ گهڙندي ئي، هڪ ماڻهو منهنجو رستو روڪي بيهه رهيو. شڪل صورت مان هو سنڌي لڳو ٿي.

ڇا توهان پلاٽ خريد ڪرڻ آيو آهيو؟" هن مسڪرائيندي پڇيو.

"ها." مون جلدي ۾ چيو "پر اڳيان ڪان ته هٽ."

"گهڻي ۾ وٺندين؟" هن منهنجو رستو روڪيندي پڇيو.

"جيتري ۾ ڏين." مون چيو "پر آءُ تمام جلدي ۾ آهيان هن وقت اڳيان کان هٽ پهرين مونکي فارغ ٿيڻ ڏي."

"وڙي تون ايترو جلدي ڪيئن فارغ ٿي سگهين ٿو؟" سنڌي پنهنجي مڇين تي هٿ ڦيريندي چيو "هي پلاٽ سيٺ شرواني جو آهي ڏيڍ لک ۾ ڏيندو. پنجويهه هزار اڊوانس وٺندو. تون هاڻي ئي اڊوانس ڏيئي، سودو پڪو ڪري وڃ. باقي پئسه پلي پوءِ ڏجانءِ."

"هاڻي وڏيڪ شرواني بند ڪر، مون کي تڪليف ٿي ٿئي."

مون بيقراري مان رڙ ڪئي. ۽ کيسي مان پنجويهه هزار جا نوٽ ڪڍي چيم، هان هي وٺ اڊوانس ۽ رستي کان پري هٽ، مونکي پلاٽ ڏسڻ ڏي." مون جلدي ۾ هن کي اڊوانس جا پنجويهه هزار هٿ ۾ ڏنا ۽ پلاٽ ۾ پيشاب ڪري فارغ ٿيس. اُن کانپوءِ سيٺ شرواني جو ايجنٽ، مونکي پنهنجي آفيس ۾ وٺي ويو ۽ پنجويهه هزار رپين جي رسيد ڏيندي چيائين، "سڀاڻي ٽين بجي سيٺ شرواني هتي ايندو. تون باقي پئسه کڻي اچجانءِ ۽ پلاٽ جا ڪاغذ کڻي وڃجانءِ."

مون پڳل دل سان رسيد ورتي. هاڻي ڇا ٿي سگهيو؟ مون پنجويهه هزار رپين ۾ پيشاب ڪيو هو.

دنيا جو سڀ کان مهانگو پيشاب!

پلاٽ خريد ڪرڻ لاءِ باقي پئسه مون وٽ هئائي ڪٿي؟. بس ايئن ئي پڳل دل سان رسيد کيسي ۾ پائي پوئتي پير ڪيم ئي مس، جو آفيس جي ٻاهران هڪ ڪار اچي بيٺي ۽ هڪ موٽو پوري رنگ جو ماڻهو ڊوڙندو اندر آيو ۽ سهڪندي سهڪندي چوڻ لڳو "او گدواڻي ڊي نمبر پلاٽ تو وڪيو نه ڪونهي؟"

گدواڻي نهن کان چوٽي تائين خوشي ۾ نٽي سمايو. هو پنجويهه هزار جا نوٽ شرواني جي هٿ ۾ ڏيئي چوڻ لڳو "سودو ٿي ويو. پنجويهه هزار اڊوانس به ملي ويو آهي. سيٺ هي وٺ."

"گهڻي ۾ وڪيئي؟"

"جيتري ۾ توهان چيو هو. پوري ڏيڍ لک ۾. نه پائي گهٽ نه پائي وڌ."

شرواني پنهنجو منهن مٿو پٽڻ لڳو "سيٺ ڦولچند کي هتي سئنيما لاءِ پرمٽ ملي ويئي آهي. هو ڇئن لکن ۾ پلاٽ وٺڻ لاءِ تيار آهي."

"مون ته هن کي پلاٽ ڏيئي ڇڏيو آهي."

"اوه!" سيٺ مايوسي وچان بي اختيار ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ پوءِ هن منهنجو هٿ پڪڙي، مونکي ڪرسي تي ويهاريو ۽ پنهنجي ڪرسي منهنجي ويجهو ڪري چوڻ لڳو "سيٺ اسانجو نقصان نه ڪر هي سودو ختم ڪر."

“ڇو ڪريان؟” مون سختي مان انڪار ڪيو.

“اسين توکي هن ڪان هڪ هزار فٽ زياده پلاٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.”

“نه اسانکي هي ئي پلاٽ کپي.” منهنجي لهجي ۾ ڇهبڪ جهڙي ڦڙتي اچي ويئي هئي.

سيٺ شرواني مون ڏانهن بي وسي مان ڏسڻ لڳو “اسين توکي پنجويهه هزار جي عيوض پنجاهه هزار ڏيڻ لاءِ تيار آهيون پورا پنجويهه هزار مٿي. منظور آهي؟”

“اسانکي پنجويهه هزار نه کپن هي پلاٽ کپي.”

“ته پوءِ سٺ هزار وٺ.”

“نه.”

“ستر”

“نه.”

“ته پوءِ ڇا وٺندين؟” شرواني پنهنجي پيشاني جو پگهر اُگهڻ لڳو. هن جي چهري مان هڪ اهڙي بوءِ اُٿي رهي هئي، جيڪا هونءُ اُنهن نوٽن جي دستين مان نڪرندي آهي، جيڪي ڪافي دير تائين ڪنهن جي مٺ ۾ دبيل رهيون هجن.

“اڌو اڌ.” مون چيو.

“اڌو اڌ ڇا؟” هو اڻ ڄاڻ بڻجي پڇڻ لڳو.

مون چيو “تو هن پلاٽ جي قيمت ڏيڍ لک لڳائي ئي. هاڻي اُن جا توکي چار لک ملن ٿا. انهي لاءِ ڏيڍ لک ڪان مٿي، جيڪو به منافعو ملي ٿو اُن مان اڌو اڌ.”

سيٺ شرواني ڪجهه دير تائين تيز نگاهن سان مونکي ڏٺو ۽ پوءِ هن ٿيلهو ڪڍي، اُن مان سوا لک منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چوڻ لڳو “سيٺ تنهنجو پاڳ پلو آهي. هي مفت ۾ ڪٽي وڃ ۽ منهنجي پلاٽ مان هٿ ڪڍ.”

آءُ سوا لک کيسي ۾ وجهي اُتان هليو آيس.

ننڍي هوندي مونکي برف جا گولا ناهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. جڏهن برف ڄمڻ لڳندي هئي، ته آءُ برف جا گولا ناهي وڻن تي ٽنگي ڇڏيندو هوس ۽ مٿان ڪرندڙ برف، انهن گولن ۾ سميٽجي ويندي هئي ۽ گولو وڏو ٿيندو ويندو هو. ۽ اهڙي ريت آءُ وڏو ٿيندو ويس. اِهو ئي حال رپئي جو آهي. مون سوا لک جو گولو ناهي، بمبئي جي وڻن ۾ لٽڪايو ته رپئي سان رپيو ملندو ويو ۽ هاڻ ته ايڏو وڏو گولو نهي ويو آهي، جو منهنجي سنيالڻ ڪان به گهٽو وڏو آهي. اڄڪلهه منهنجو شمار بمبئي جي وڏن وڏن لک پتين ۾ ٿئي ٿو.

ڪجهه ڏينهن ٿيندا، جو باگرا يونيورسٽي مونکي ڊاڪٽر آف لاجي اعزازي ڊگري عطا ڪئي. ڊگري ڏيڻ وقت، وائس چانسلر مونکي درخواست ڪئي ته، آءُ ملڪ جي هونهار شاگردن کي، پنهنجي ڪاميابي جو راز ٻڌايان. تقرير ۾ مون شاگردن کي چيو:

“لک پتي بنجڻ جو فقط هڪڙو ئي نسخو آهي، محنت ڪريو ۽ ايمانداري سان جيئو.”

مونکي اُميد آهي تہ يونيورسٽي جا شاگرد ۽ هن قصي کي پڙهڻ وارا، منهنجي هن نصيحت تي جي عمل ڪندا، تہ هڪ ڏينهن هو ضرور سٺا ڪلرڪ ٿي نڪرندا.

***

# جوان جهان جذبا

**خوبصورت** عورت جو ٻيڙاپو وساميل ٻرندڙ جبل جيان هوندو آهي. هاڻ لاوو نٿي چڪو هو. باهه جو طوفان گذري چڪو هو. هاڻ تهه ۾ ڪجهه رک باقي هئي جنهن مان ڪڏهن اُلا اُٿيا ٿي. دهليءَ ۾ مون حبيبه جو جوڀن ڏٺو هو ۽ هاڻ لنڊن ۾، هن جو ٻيڙاپو ڏسڻ جو موقعو مليو هو. وچ ۾ ٽيهه سال هئا.

دهليءَ جي اُها شام مون کي اڄ به ياد ايندي آهي. مون حبيبه کي چيو هو "جڏهن مون توکي انصاريءَ جي گهر، ٻهريون ۽ آخري ڀيرو ڏٺو هو. تڏهن تنهنجا جوتا لٽل هئا ۽ تون غاليچي تي ٽهلي رهي هوندئين يا ايئن ڪٽي چئجي ته ٽلندي ٽلندي جهومي رهي هوندئن ۽ هاٿي؟ حبيبه جي چهري تي اُداس مرڪ ڦهلجي وئي.

"مون کي اجازت ڏي ته آئون تنهنجو اُهو روپ بيان ڪريان. ذهني سروپ، ڇو جو خوبصورت عورت فقط هڪ جسم نه هوندي آهي، پر هڪ تاثر به هوندي آهي. رکي رکي مون کي تنهنجي جسم جو اُهو رنگ ياد اچي ٿو. تنهنجي انگ انگ مان جڻ ڪا جوت، نور ايئن ڇلڪي رهيو هو جڻ شيشي جي پيالي ۾ شراب، اهو ڇاجو نور هو...؟"

"ان تصور جو ته مان خوبصورت آهيان." حبيبه مرڪندي ورائيو

"تنهنجي دل لڀائيندڙ مُرڪ ۾ اڃا به اُها مستي آهي. نه ڄاڻ تو اُن مُرڪ کي ڪهڙي طرح، اڄ به زنده رکيو آهي. اڄ به تنهنجي مُرڪ، مون کي انگلينڊ جي هن موسم ۾ اٽليءَ جي آسمان جيان باسي ٿي."

"مهرباني" حبيبه منهنجي هٿ تي هٿ رکي هلڪو زور ڏيندي چيو. "هن عمر تي پهچي هر سهڻي عورت هڪ بڪارڻ ٻڌجي ويندي آهي ۽ واڪاڻ جي هڪڙي لفظ لاءِ به سڪندي آهي."

"مون کي ياد ڪرڻ ڏي اُهو جسم!" مون چيو "... ريشم جي ڄاري ۾ ٻرندڙ لاٽو بي چين ڇاتي ۾ ڇلڪندڙ لاوو، جڻ ڦاٽڻ لاءِ تيار. تنهنجو حسن به ڪيڏو نه غضبناڪ هو. اڄ به جڏهن مان ان زماني کي ساريان ٿو ته لڳيم ٿو جڻ ڪنهن ٻرندڙ جبل جي مٿان ويٺو آهيان. پر تنهنجي جسم کان به وڌ، تنهنجيون ڳالهيون ياد اٿم. سهڻي عورت جون پوراڻيءَ جو ڳالهيون به ته الهام جو درجو رکنديون آهن. پر جي هڪ خوبصورت عورت ذهانت سان ڀريل ڳالهيون ڪرڻ لڳي ته قيامت اچي ويندي آهي".

"مزي جي ڳالهه اها آهي ته تون مون کي بلڪل ياد به ڪو نه ٿو پوين" حبيبه چيو.

"سچ پڇ ته آئون اُن وقت ياد رکڻ جي لائق به نه هئس." مون چيو "عورت جي جواني، مرد جي جواني کان مختلف هوندي آهي. عورت جو جوڀن مڪمل هوندو آهي ۽ مرد جو اڌورو ۽ ڪچو. اُن تي وهي دير سان نازل ٿيندي آهي."

حبيبه ڪجهه دير سوچيندي رهي ۽ پوءِ مُرڪي ڏنائين. ڪجهه دير رکي هن ٻيهر مرڪي ڏنو

۽ مون کي ائين لڳو ڄڻ هڪ شفاف ۽ چمڪندڙ ڦوهارو فضا ۾ بلند ٿي ويو هجي ۽ پوءِ اُما لڪ اهڙي ماٺ ٿي ويئي، ڄڻ ڪنهن اُن ڦوهاري مٿان پير رکي ڇڏي هجي. مون گهبرائجي هن ڏانهن نهاريو.

هوءَ به ڪجهه ياد ڪري رهي هئي.

"منهنجو حسن منهنجي لاءِ هڪ مسئلو بنيل رهيو." هن ڪنهن گهري سوچ منجهان چيو. "ها پرانهي جو اِهو مطلب ناهي ته، مون کي سونهن کان نفرت آهي. ڪو به مرد ڪنهن عورت سان ايترو پيار ڪري، نٿو ٿي سگهي جيترو هوءِ خود پنهنجو پاڻ سان ڪندي آهي. پر هڪ ڳالهه منهنجي سمجهه ۾ ناهي آئي. تون چوين ٿو ته خوبصورتي جو هڪ تاثر به هوندو آهي، ته پوءِ مرد، اُن تاثر کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڇو ڪندا آهن؟ جيڪڏهن تنهنجي اندر ڪا به خوبصورتي ناهي ته پوءِ تون ٻاهر جي خوبصورتي خريد ڪري ڇا ڪندين؟ خوبصورتي کي بار بار ڇهڻ سان، ڇا اُها تنهنجي ٿي ويندي؟ آءٌ پڇان ٿي گلاب جي گل جو مالڪ، اڃ تائين ڪير ٿي به سگهيو آهي؟ آءٌ نٿي چوان ته شادي ڪرڻ خراب ڳالهه آهي، پر ملڪيت جو اهو احساس يقينن خراب آهي ۽ مٿان وري مردن جو هي ٻهروپ، شادي کان اڳ عورت کي "منهنجي پياري، منهنجي ڊارلنگ، چوندي چوندي منهن هيڊو ٿي ويندو اٿن، هٿ ٻڌندا آهن، هڪ نگاهه جي لاءِ تڙپندا آهن، پيرين پوندا آهن، آزيون نيزاريون ڪندا آهن ۽ پوءِ شادي ٿيندي ئي گهر جي اڱڻ ۾ ڊڳي يا مينهن جي طرح، ڪلي تي ٻڌي ڇڏيندا آهن، جنهن مان پوءِ ڪير ڏهڻ ۽ ڦر پيدا ڪرڻ جو ڪم وٺندا آهن." حبيبه ڳالهائيندي ڳالهائيندي خاموش ٿي ويئي. هن جون اکيون ڏونهاٽجي ويون.

تلخي جو حبيبه جي زندگي سان گهرو تعلق هو. هن جو پهريون مڙس پوليس کاتي ۾ سپرنٽينڊنٽ هو. هن حبيبه کي گهر ۾ جيل جي قيدي جي طرح بند رکڻ چاهيو.... حبيبه جو پهريون مڙس هڪ ڍڳي جيان.... هو ۽ هڪ..... جيان مضبوط، پر منجهس اُها احساس جي ڪوملتا ڪا نه هئي، جنهن کان سواءِ حبيبه زنده رهي نٿي سگهي. انهي ڪري، حبيبه پهريئين مڙس کان رسو ڇنائي ڇڏي.

اُن کان پوءِ هن آءِ سي ايس آفيسر سان شادي ڪئي. شادي کان پهرين ڪورٽ شپ جي زماني ۾ مرد هڪ پيو ئي ماڻهو هوندو آهي. انصاري کي خبر هئي ته، حبيبه خوبصورت هئڻ سان گڏ ذهين به آهي. انصاري کي اهو به پتو هو ته هوءِ رنگين مزاج هئڻ سان گڏ حساس به آهي، انهي ڪري هن پنهنجي ڪورٽ شپ شيڪسپيئر کان شروع ڪئي. وچ ۾ غالب به آيو. براوننگ جو به ذڪر ٿيو ۽ مائيس جي مصوري به .... هلو شادي ٿي ويئي.

حبيبه ڏاڍي خوش هئي. ڍنگ جو مڙس مليو هوس. پر انصاري شادي کانپوءِ هڪدم آئي. سي. ايس آفيسر بڻجي ويو. حبيبه سان اهڙو ورتاءُ ڪرڻ لڳو ڄڻ هوءَ سندس زال نه، پر انڊر سيڪريٽري هئي. هن جي ڳالهين جو ميناج به ويندو رهيو. هن اهڙو ڪڙو لهجو اختيار ڪري ورتو ڄڻ هو پنهنجي زال سان مخاطب نه، پر ڪنهن فائيل تي صحيح ڪري رهيو هجي.

حبيبه کي ڏاڍي مايوسي ٿي. هن انصاري کان به طلاق ورتي. ان عرصي ۾ حبيبه کي هڪ ڀار سپرنٽنڊنٽ پوليس ۽ به ڀار آءِ سي ايس آفيسر مان ٿي چڪا هئا.

حبيبہ ٻن شادين جي باوجود اڃا بہ ڏاڍي خوبصورت ڏيکائي ڏيندي هئي. ماڻهو چون ٿا تہ، هوءَ پنهنجي وقت ۾ اُتر هندستان جي سڀ کان خوبصورت عورت هئي. ماڻهو چون ٿا تہ اهڙو حسن اڄ تائين ڪنهن پسيو ئي ناهي. انهي ڪري هن کي ٽيون مڙس ڳولڻ ۾ دير ڪو نہ ٿي. هاڻ هن هڪ اديب کي پنهنجو مڙس بڻايو.

حساس طبيعت، شاعر مزاج، ڳالهہ ٻولهہ تي عورتن وانگي..... وارو...... حبيبہ کي هو شروع ۾ ڏاڍو پسند آيو. پر جلد ئي پاڻي لهڻ لڳو. انهي خوشي، ذوق، نفاست ۽ ٺهڪن جي پويان، ڪاروباري پس منظر سامهون اچڻ لڳو. شهرت جي چوس، ٻين اديبن لاءِ بغض، پئسي کي هر وقت گاريون ڏيڻ جي باوجود اُن کي حاصل ڪرڻ جي خواهش، هن جي اندر ۾ ڪيتري نہ ڪر ڪٽي اُڀرندي هئي. هر وقت سرمائيدارن کي گاريون ڏيڻ جي پويان، هن کي اُنهن جون جتيون چٽڻ جي ڪيڏي نہ خواهش هئي. فراخدلي، انسانيت، خدمت ۽ نيڪ دلي جو لبادو ويڙهيل هي اديب، اندران ڪيڏو نہ خود غرض ۽ ڪوڪلو هو. جڏهن آهستي آهستي حبيبہ کي اُن جو اندازو ٿيڻ لڳو تہ هن جي دل اُجهامڻ لڳي.

هن جي دل اُجهامندي ئي رهي ۽ جڏهن هن جي مڙس، ڪيس فلمن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ دليل ڏيڻ شروع ڪيا، تہ حبيبہ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن کي محسوس ٿيو تہ، جيڪڏهن هوءِ هن اديب سان شادي ڪرڻ جي بجاءِ ڪنهن جوهري سان شادي ڪري ها تہ، اهو بہ ڪر هيري جو قدر صحيح طريقي سان ڪري ها.

نيٺ حبيبہ اُن اديب کان بہ الڳ ٿي ويئي. آهستي آهستي هوءِ انهي نتيجي تي پهچڻ لڳي تہ، هن لاءِ شادي ڪرڻ صحيح ناهي. پر هن جو حسن هڪ آڳ جي اُلي ۽ ٻرندڙ جبل جيان هو. اُن کي ڏسندي ايئن لڳندو هو جڻ ڪنهن جلندڙ اڱارکي ڇهي ورتو هجي. گرم گرم لاوي تي هٿ رکي ورتو هجي.

حبيبہ حقيقت ۾ هاڻ عشق ۽ حسن، شاعري ۽ شادي کان بيزار ٿي چڪي هئي. پر عاشق هئا جيڪي نوس نوس ڪندا وتندا هئا. جتي ويئي ٿي، اُتي پريمي ماکي جي مکين وانگر ڀُون ڀُون ڪرڻ لڳا ٿي. حبيبہ کي اُنهن جي عشق جي انداز تي چڙ اچڻ لڳي. اُنهن جون ڳالهيون ٻڌي هن جي دل چڙڻ لڳي. هاڻ هوءِ ڪنهن مرد جي هٿ ۾ هٿ نہ ڏيندي

جيترو هن جو انڪار پختو ٿيندو ويو، اوترو ئي مردن جو اصرار وڌندو ويو. هونئن تہ عاشقن جي لائن لڳي پيئي هئي. پر اُنهن مان بہ مرد ڏيان ڇڪائڻ وارا هئا. اُنهن مان هڪ انتهائي بيوقوف، سنئون سڌو پر وڏو امير هو. هو ٻارن جهڙيون حرڪتون ڪندو هو. اُن کي ڏسندي حبيبہ جي دل ۾ خيال ايندو هو "ڇو نہ هاڻ هڪ اهڙي مرد سان شادي ڪجي، جنهن تي زال جي بجاءِ ماءُ جا حق جتائي سگهجن."

ٻيو مرد ٻيلي جو ٺيڪيدار هو. صفا اڻ پڙهيل ۽ پنهنجي اڻ پڙهيل هئڻ تي فخر هئس. هن جي خيال ۾ هو اڻ پڙهيل هئڻ ڪري ئي لکاپتي ٿي ويو هو. هن کي ڪتابن کان نفرت هئي. هو ڪلچر ۽ شيڪسپيئر، ٿيٽر ۽ فن، مصوري ۽ شاعري کان نہ فقط ناواقف هو پر هن ناواقف رهڻ بہ چاهيو ٿي. هن جي صحت ڏاڍي سني هئي ۽ کيس شڪار جو بہ ڏاڍو شوق هو. هن کي ڏسندي ئي حبيبہ جي ذهن ۾

خيال ايندو هو "هيتري حساس تمدني زندگي گهارڻ کان پوءِ اهڙي مڙس سان جهنگل ۾ زندگي گذارڻ ۾ ڪيڏو نه مزو ايندو."

ڪڏهن هوءِ بيوقوف امير جي طرف جهڪي ٿي، ته ڪڏهن هن جي دل ٻيلي جي ٺيڪيدار جي طرف، مڙي ٿي، ڪڏهن هن ٻنهي کان دور ٿي رهڻ چاهيو. هوءِ سوچيندي رهي ته ٻنهي مان ڪنهن سان زندگي گذاري. ٻنهي کي چاهڻ جو ته سوال ئي پيدا ڪو نه ٿو ٿئي. هوءِ ڪو به فيصلو ڪري نه سگهي.

جنهن ڳالهه جو فيصلو حبيبه نه ڪري سگهي، اُن جو فيصلو ٻنهي عاشقن ڪري ورتو ۽ اُنهن جي وچ ۾ ٽيل ڊوئيل اڄ به مشهور آهي.

ڊوئيل اسان جي رسم ناهي. اسين عشق ۾ يا ته زهر کائي ڇڏيندا آهيون، يا وري ڇوڪري کي زوري ڀڄائي ويندا آهيون. اسان وٽ ڊوئيل نه ٿيندي آهي. پر حبيبه لاءِ هنن ٻنهي عاشقن پنهنجي مقدس رسم به ٽوڙي ڇڏي ۽ لکنو جي هڪ باغ ۾ پستول کڻي ڊوئيل ڪيڏي ۽ نتيجي ۾ ٻئي عاشق گولين جو کاڄ ٿي ويا. اخبار ۾ پهريئين صفحي تي شهه سرخي ۾ هن ڊوئيل جي خبر ۽ حبيبه جي تصوير ڇپي ۽ ايترو ته هنگامو برپا ٿيو جو ويچاري حبيبه کي، پنهنجو وطن ڇڏي لنڊن وڃڻو پيو. هن جا ماءُ پيءُ ڪافي پئسي وارا هئا، انهي ڪري هن کي لنڊن ۾ پئسي جي ڪا به کوٽ محسوس نه ٿي ۽ وري هن پنهنجا ٻار به لنڊن گهرائي ورتا ۽ هن جا ٻيئي اڳوڻا مڙس، پنهنجن ٻارن لاءِ وظيفو به موڪلڻ لڳا. انهي ڪري حبيبه کي ڪنهن به طرح جي تڪليف کي منهن ڪو نه ڏيڻو پيو ۽ نه ئي ڪا پريشاني ڏسڻي پئي.

"ٻار ڪٿي آهن؟"

هڪ پاڪستان ۾ ۽ ٻه هندستان ۾ ۽ آئون هتي لنڊن ۾. ٻاهر برف پئي رهي هئي ۽ اندر سگري ۾ باهه ٻري رهي هئي. هوءِ سگري تي ڪباب پچائيندي ويئي ۽ اسان کائيندا وياسين.

ايراني غاليچي تي رکيل سونهري مڌ جو پيالو- اسين ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون ويٺل ۽ ديوارن تي حبيبه جون انگلستان جي شاهي خاندان سان تصويرون......، وڏن وڏن ماڻهن سان فوٽو...... جي اُهي پنهنجي لحاظ کان وڏا ماڻهو هئا، يا پنهنجي فن ۾ عظيم هئا، ته حبيبه پنهنجي حسن ۾ عظيم هئي.

"انگريز قوم جي وضعداري اڄ به باقي آهي". حبيبه منهنجيون نظرون، شاهي خاندان جي هڪ تصوير تي اٽڪيل ڏسي چيو، "شاهي خاندان وارا خاص خاص موقعن تي اڄ به ڪيس سڏائيندا آهن ۽ سندس شمار لنڊن جي انتهائي خوبصورت عورتن ۾ ڪندا آهن".

"ان ۾ شڪ به ڪهڙو آهي؟" مون ٿورڙو مبالغي کان ڪم وٺندي چيو، "مون پورن پنجونجاهه سالن جي عمر ۾ به، اهڙي خوبصورت عورت اڄ ڏينهن تائين ناهي ڏٺي...."

"پنجونجاهه سالن جي....؟" حبيبه اُداسي ۽ تلخي مان چيو. آءٌ چپ ٿي ويس.

هن چيو، "هڪ عرصي تائين آءٌ پنهنجي عمر جي خلاف وڙهندي رهيس. شيمپو هيئر آئل، ڪريم، ٻاڦ ۽ مالش اهو سڀ ڪجهه. جيڪو هن لڙائي ۾ ضروري هو. مون ڪيو ۽ آئون ايئن چئو نه

ڪريان؟ جيڪا شئي جنهن وٽ هوندي آهي، اُهو اُن کي سنڀالي رکڻ چاهيندو آهي. مون وٽ منهنجو حسن هو ته پوءِ مون اُن کي سنڀالي رکڻ جي ڪوشش ڪيئن نه ڪئي هوندي؟ پر هي وقت جي چاڻٽي به ڪيڏي نه ظالم آهي، جنهن مان حسن ڦڙو ڦڙو ٿي وهي وڃي ٿو ۽ آخر ۾ فقط چاڻٽي جا سوراخ رهجي وڃن ٿا.”

“ڇا توکي پنهنجن ٻارن سان محبت ڪو نه هئي؟”

“ها – ڇو نه – ڏاڍا پيارا ٻار هئا. جيستائين مون سان گڏ رهيا. اڄان به انهن جا خط ايندا رهندا آهن. هاڻ هن عمر ۾ سوچيان ٿي ته، محسوس ٿو ٿيئيم ته مون کي پنهنجي حسن کان سواءِ ڪڏهن به ڪنهن سان محبت ناهي رهي. نه ڪنهن مڙس سان، نه ڪنهن دوست سان ۽ نه ئي ڪنهن ٻار سان. جي محبت رهي ته فقط پنهنجي حسن سان. آءٌ ڪڏهن به ماءُ بڻجي نه سگهيس، بس حبيبه ئي رهجي ويس.”

“شايد هي محبت به اُن محبت وانگر آهي جيڪا ڪنهن فنڪار کي پنهنجي فن سان هوندي آهي.” مون چيو.

“ها، پر فرق آهي.” حبيبه چيو. “فنڪار جو فن، اُن جي زندگي سان گڏ هلي ٿو. پر حسن بي وفا، رستي ۾ ئي ساٿ ڇڏيو ڏي. اهو مون کي اڄ معلوم ٿيو!”

“جيڪڏهن حسن مان تنهنجي مراد، جسم جي تازگي آهي ۽ جيڪڏهن حسن مان تنهنجي مراد، صرف اکين جي چمڪ آهي پر روح ۽ دل جي تازگي ناهي، ته پوءِ تون سچ ٿي چوين. پر هڪ حسن اندر جو به هوندو آهي. جيڪڏهن انسان، عورت يا مرد حسن ۽ توازن، پنهنجي اندر پيدا ڪري ته ڪڏهن به پوڙهو ڪو نه ٿيندو. مون بالشاهي ٿيٽر ۾ پنجاهه ورهين کان به مٿي عمر جي پوڙهي اولانوا کي، سورهين ورهين جي ميزل جي ڪردار...... جيان نچندي ڏٺو آهي. فني توازن وقت ۽ حسن ٻنهي کي پنڊپهڻ بنائي ڇڏيو هو...”

“آءٌ اولانوا ناهيان.” حبيبه خفا ٿيندي چيو. “آءٌ حبيبه آهيان. آئون ايتريقدر پسند ڪئي ويئي آهيان، جو پنهنجي ٻاهريئين حسن کي وساري نٿي سگهان. جڏهن وسارڻ جي ڪوشش ڪيم ته ڪنهن به وسارڻ نه ڏنو.”

“ٻڌ حبيبه.” مون تلخي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. “جنهن ڏينهن مون توکي پهريون ڀيرو ڏٺو هو، انهيءَ ڏينهن کان توسان عشق ڪرڻ جو خيال جاڳيو هئم ۽ اُن وقت آءٌ تمام ننڍي عمر جو هئس ۽ هاڻ.....!”.

“ها ۽ هاڻي؟” هن تيز نظرن سان مون ڏانهن گهوريندي سوال ڪيو. “هاڻي ڇا آهي؟”

“هاڻي تمام دير ٿي چڪي آهي.”

حبيبه ڪو به جواب نه ڏنو. بس هن پنهنجو پيالو کڻي فرش تي زور سان اُڇليو ۽ پيالو ٽڪرا ٽڪرا ٿي فرش تي وکري ويو.

“ڪنهن انگريزاڄ ڏينهن تائين مون سان اهڙي واهيات انداز ۾ گفتگو ناهي ڪئي” هن غصي مان چيو. هن جي اکين ۾ لڙڪ هئا.

“پر آءٌ انگريز ناهيان.” مون هن لاءِ پيو جام ناهيندي چيو “تو انگلستان ۾ رهي ڪري، ڪنهن انگريز سان شادي ڇو نہ ڪئي؟”

“ڪئي هئي.” هن لڙڪ اُگھندي چيو. “اهو هڪ انگريز سائنسدان هو ۽ نهايت ئي شريف، معصوم ۽ بي ضرر انسان هو. پر اُن ۾ هڪڙي خرابي هئي. هو منهنجون سٿرون چٽيندو هو.”

“سٿرون؟”

“ها سچ! ڏينهن ۾ هڪ بہ پيرا، هو منهنجي اُگھاڙين سٿرن کي پنهنجي زبان سان ضرور چٽيندو هو. مون کي اُن وقت ڏاڍي ڪراهت محسوس ٿيندي هئي. مون کي لڳندو هو تہ ڄڻ ڪا مينهن منهنجي پرسان ويهي اوڳاري رهي هجي.” هوءِ اهو چوندي مرڪي ۽ مرڪندي ڪلي ڏنائين. هن جي ٺهڪ جو ڦوهارو ڪمري ۾ فانوس جيان روشن ٿي اُٿيو.

“ٽن مهينن کان پوءِ، مون هن کان طلاق وٺي ڇڏي.”

“پوءِ ڇا ٿيو؟”

“۽ پوءِ وري نامراد عاشقن جو سلسلو.”

“۽ هاڻي؟”

“۽ هاڻي؟، هن چيو. “هل پرواري ڪمري ۾.”

پاسي وارو ڪمرو فرش کان وٺي ڇت تائين تصويرن سان پريو پيو هو. ڪينواس تي هڪ اڻپوري تصوير هئي. رنگ ۽ برش ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. ديوارن تي ننڍيون وڏيون، ڪئين تصويرون لڳل هيون. تصويرون ڏاڍيون پوائنٽيون ۽ بدصورت هيون ۽ سيني ۾ هڪ ئي چهرو هو هڪ ئي جسم هو. حبيبہ جو چهرو، حبيبہ جو پنهنجو جسم. ڪنهن تصوير ۾ ماٿا جي داڻن جيان ڪاڏل، تہ ڪنهن ۾ روڳ پريل ۽ وري ڪنهن ۾ سارو چهرو رتورت. ڪنهن چهري ۾ اک ٻاهر نڪتل، تہ ڪنهن ۾ نڪ چيپاٽيل تہ ڪنهن ۾ چپ ڦٽيل ۽ ڏند غائب. ڪنهن ۾ هڏائون پچرو تہ ڪنهن ۾ ڪل سڪل ۽ سڙيل. سيني تصويرن ۾ حبيبہ کان سواءِ، پيو ڪو بہ نہ هو.

“مون کي قادر ٻڌايو هو.” مون حبيبہ کي چيو. “تون تصويرون ناهين ٿي پر ڪنهن کي ڏيکارين ڪو نہ ٿي.”

“ آءٌ توکي هتي تصويرون ڏيکارڻ لاءِ وٺي ڪو نہ آئي هئس پر پنهنجي مڙس سان ملائڻ لاءِ وٺي آئي هئس.”

“تنهنجو مڙس؟” مون حيرت مان پڇيو.

“ها- اڄ تہ آئون توکي پنهنجي نئين مڙس سان ملايان.” ايترو چئي هوءِ مون کي تصويرن سان پريل هڪ ڪنڊ ۾ وٺي ويئي. آءٌ هڪدم ڊڄي پوئتي هٽيس.

منهنجي سامهون هڪ اجگر نانگ پٽ تي پيو هو. تمام ٿلهو ۽ ڪافي فٽ ڊگھو نانگ، ڪنڊي ناهي هڪ ڪنڊ ۾ بيهوشي جي حالت ۾ پيل هو.

اُن رات حبيبہ اسان کي سوهو جي نائٽ ڪلپ ۾ رات جي ماني جي دعوت ڏني هئي. مون، قادر ۽ من موهن ۽ اُن جي بدصورت يوناني محبوبہ کي بہ گھرايو هو.

قادر ۽ من موهن اهو ٻڌي حيران ٿيا، ته حبيبه جهڙي عورت سان منهنجي واقفيت آهي، جنهن جو شمار پندرهن سالن تائين لنڊن جي حسين ۽ امير ترين عورت ۾ ٿيندو رهيو آهي. جيڪا ڪيئي يورپ شاهي خاندان جي، مهمان پڻ رهي چڪي آهي.

"حبيبه اسان کي رات جي ماني تي سڏايو آهي؟" هو حيرت مان ايئن پڇڻ لڳا، ڄڻ هنن کي پنهنجين اکين ۽ ڳالهين تي اعتبار نه ٿي آيو.

"جي ها." مون اهڙي سادگي سان وراڻيو جنهن ۾ فخر جو گمان به ٿي سگهيو ٿي.

اسين وقت تي پهچي چڪا هئاسين. پر حبيبه اڃا ڪو نه پهتي هئي. اسان لاءِ ٽيبل هڪ خوبصورت ڪنڊ ۾ محفوظ ٿيل هئي. مون اجگر نانگ وارو قصو پنهنجن يارن کي ٻڌايو.

قادر ته گهري سوچ ۾ غلطان ٿي ويو. پر من موهن کي ذري به حيرت نه ٿي.

"ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟" من موهن پنهنجي بدصورت محبوبه جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيو، "هر ماڻهوءَ جي زندگي ۾ هڪ وقت اچي ٿو، جڏهن هو اجگر نانگ پالي وٺي ٿو، پنهنجي ماحول کان بيزاري جي صورتحال هڪ اها به آهي ته، ماڻهو جنهن سان رهڻ لاءِ مجبور ٿي پوي، اُن جو منهن چيڙائي، جيئن آءٌ هن ڇوڪري کي غصو ڏياريان ٿو. بيزاري ۽ نفرت به هڪ قسم جو اجگر نانگ آهي. يعني هر نفرت جو پيچ ڏکھو ٿيندو آهي ۽ اُن ۾ زهر به هوندو آهي."

قادر چيو "هاڻي مون کي اهو سمجهه ۾ اچي رهيو آهي ته، فزڪس جو قانون ته هر عمل جو ردعمل به ٿيندو آهي ۽ وڏي شدت سان ٿيندو آهي، صرف فزڪس جي دنيا تي نه پر نفسيات جي دنيا تي به لاڳو ٿئي ٿو. جڏهن انسان پنهنجي ماحول، پنهنجي زندگي ۽ اُن جي ترتيب کان مايوس ٿي وڃي ٿو ته هن جو اندريون توازن به بگڙي وڃي ٿو ۽ پوءِ اُن توازن جي قائم رکڻ لاءِ ۽ اُن ذهني گهٽ ٻوسٽ کي رستو ڏيڻ لاءِ انسان کي انيڪ جتن ڪرڻا پون ٿا. هو هڪ اجگر نانگ پالي وٺي ٿو. ڪوڪين کائي ٿو پيانڪ مصوري ڪري ٿو. چرس جو دم هڻي ٿو. مائونٽ ايورسٽ تي چڙهي وڃي ٿو. پليٽ فارم تي چڙهي ڏهن هزار ماڻهن جي اڳيان بڪواس ڪري ٿو يا بور مٿان بور افسانه لکندو رهي ٿو يا هر روز ڪنهن نئين ڇوڪري سان عشق ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن اِهو سڀ ڪجهه ان کي نصيب ڪو نه ٿو ٿئي، ته گهر اچي پنهنجي زال کي گاريون ڏي ٿو ۽ پنهنجن ٻارن کي ڪٽڻ به شروع ڪري ڏي ٿو."

"تو جيتريون به ڳالهيون ڪيون........" مون قادر کي چيو. "اُن ۾ فقط مائونٽ ايورسٽ تي چڙهڻ واري ڳالهه مون کي پسند آئي. يعني گهٽ ٻوسٽ جي اظهار جا به ڪيئي طريقا هوندا آهن. پنهنجي ماحول کان بيزاري جو اظهار ڪنهن کي گاريون ڏيڻ ۾ ڇو ٿئي؟ مائونٽ ايورسٽ تي چڙهڻ جي ڪوشش ۾ ڇو نه ظاهر ٿئي."

"تون ته هر ڳالهه ۾ مقصد کي ڪٽي اچين ٿو." من موهن جتائيندي چيو ۽ پوءِ منهن ڦيري پنهنجي محبوبه کان پڇڻ لڳو.

"اجگر نانگ جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

"ڪائي مارينڊو" يوناني ڇوڪري وراڻيو.

اسين سڀ کلڻ لڳاسين. هوءِ به کلي پئي، ڪيڏي نه پيانڪ کل هئي. ڪيڏا نه گدلا ۽ ميرا

ڏندهئس، هن وري ڳالهايو "پر نيڪ آهي. ماڻهو پنهنجين زالن کي مهينن ۽ سالن ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪائن ٿا ۽ هي اجگر نانگ، حبيبه کي هڪ ئي جهٽڪي سان ڳڙڪائي ويندو. هزار ڀيرا مرڻ کان ته هڪ ڀيرو مرڻ بهتر آهي."

ڪيڏو نه ڪرب هو اُن ڇوڪري جي ڳالهين ۾. هن جي چهري جو رنگ بدلجي ويو. هاڻ هوءَ مون کي ڪجهه خوبصورت نظر اچڻ لڳي. ڇاڪاڻ ته ذهانت چهري کي نئون روپ ڏيندي آهي ۽ پوءِ بدصورتي نڪري ويندي آهي. جهريون ۽ داغ گم ٿي ويندا آهن. عمر ننڍي ٿي ويندي آهي. صرف هڪ ئي خيال، روشن خيال جو تاثر، چهري تي چمڪندو آهي. حبيبه اِها غلطي ڪئي جو هن پنهنجي حسن جو اهتمام ڪيو. زندگي ڀر پنهنجي ڳلن جا گلاب ٽڙائيندي رهي ۽ وساري ڇڏيئين اُنهن گلابن کي، جيڪي دل جي تارين تي ٽڙن ٿا. جيڪي هڪ معمولي ۽ عام عورت جون خواهشون آهن. مامتا، قرباني، رشتن لاءِ محبت، پاڻ ارپڻ ۽ ڪنهن ۾ خود وڃائڻ جي تمنا. ڪنهن کي سڀ ڪجهه ڏيڻ جي خواهش.... حبيبه وساري ويٺي ته زماني جا گلاب ته مرجهائي وڃن ٿا، پر خواهشن ۽ ترشنائن جا گلاب ڪڏهن به نٿا مرجهائن. سدائين ٽڙندا رهن ٿا.

زوردار ٺڪاءُ سان نائٽ ڪلب جو دروازو ڪليو ۽ اسين سڀ درازي ڏانهن ڏسندي رهجي وياسين.

حبيبه نائٽ ڪلب جي دروازي تي بيٺي هئي. اکين ۾ گهرو ڪجل، وار سنواريل، چهرو ميڪ اپ سان ڀڪندڙ ۽ گلي ۾ هيرن جو هار. هن جو هٿ هڪ اهڙي انگريز جي چيلهه ۾ پيل هو جنهن جي عمر مشڪل سان ئي ٻاويهه ورهيه هوندي.

❋❋❋

# شاعر، فلسفي ۽ ڪلارڪ

**شاعر** چت ڏانهن هٿ مٿي ڪڻندي چيو، "خوبصورتي! خوبصورتي به ڇا عجب شئي آهي. اُن کي صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو، شاعرن جي بيان ڪرڻ جي سگهه به اُن کي پوري طرح لفظن ۾ ادا ڪري نٿي سگهي. هڪ سٺي ڪان سٺو شعر به اُن ميري آرسي جيان آهي جنهن ۾ انسان پنهنجو منهن به سٺي نموني ڏسي نٿو سگهي ۽ وري خوبصورتي جي عڪاسي ته هڪ نهايت ئي ڏکيو ڪم آهي.

"ڪڏهن دل کي پائيندڙ مسڪراهٽ، ڪنهن جي ملڻ جو انداز، هڪ ٽڙندڙ گل، هڪ رئندڙ نازڪ سندري، اُهو سفيد رنگ جو ڪبوتر، جنهن ڳاڙهين اکين سان ڇتائي ڏنو ۽ پوءِ گڙوگو ڪندو اُڏامي ويو. گندي پاڻي جي تلاءُ ۾ ترندڙ بدڪ. آئون توکي سچ ٿو چوان، خوبصورتي اُها شئي آهي جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪري ئي نٿو سگهجي. جنهن کي اسان جي حواسن سان پرپور زندگي به نامڪمل طور محسوس ڪري نه ٿي سگهي. مون اُها عورت اڄ تائين ڪونهي ڏٺي جنهن کي آئون مڪمل خوبصورتي چئي سگهان. اُها بدڪ ڪٿي آهي جنهن جا پر خوبصورت هئا. هرڻ جهڙيون اکيون، مور جهڙي چال، ڪجهه پلن لاءِ هوش ۽ حواس وڃائيندڙ نشو ۽ پوءِ۔ اها ئي زمين اهو ئي آسمان، آئون سوچيان ٿو ته خوبصورتي کي اڄ تائين مون اُنجي اصل، مڪمل ۽ بهترين حالت ۾ ناهي ڏٺو ۽ نه ئي ڏسي سگهندس. ڏٺو آهي ته اهڙي طرح جيئن ريشمي پردي جي پويان هڪ جاڳندڙ پاڇو سريلن ڪجور جي اوچن وڻن جو هڪ مدهم گيت يا جيئن شفق جي دري پويان سج جو لهي وڃڻ ٿي وڃڻ يا سمنڊ جي ڇولين جو گيت ڳائيندي اُٿڻ، ڏٺا آهن ته بس خوبصورتي جي ان طرح جا منظر ۽ پوءِ اُهائي اوندهه. لڳاتار اوندهه، مٿي جا لکين گهر ۽ اُنهن ۾ سُرندڙ لکين ڪيڙا، هڻ هٽان، ماني، بيڪاري، گوڙگهمسان، انبوهه..........".

فلسفي ڳالهه کي ڪٽيندي چيو، "ان بڪواس کي بند ڪر، شاعرن وٽ ڪنهن به شئي جي ڪوٺ ناهي. اگر ڪوٺ آهي ته بس عقل جي. پنهنجي جزبات جي وهڪري ۾ اجايو لڙهندو ٿو وڃين. جيڪڏهن ان وهندڙ درياءَ جي وهڪري کي قابو ۾ ڪر سگهين ته.... ته بجلي پيدا ٿي سگهي ٿي. سوچيو سمجهو خوبصورتي ڪهڙي شئي آهي؟ عورتن جي خوبصورتي متعلق ته آئون فقط اهو چوڻ چاهيان ٿو ته، تون جنهن کي عورت جي خوبصورتي سمجهين ٿو اُها ته محض عورت جي انسانيت آهي ۽ باقي رهيون بدڪون ۽ گل. ته هاڻي صاف ظاهر آهي ته، تنهنجي اکين کي گل ۽ پاڻي ۾ ترندڙ بدڪون ضرور پياريون لڳنديون هونديون. پر آئون سوچيان ٿو ته انهن احساسات کان ٿورو پري ڇو نٿو وڃين سگهين؟ شايد تون سڄي عمر اهو سوچڻ کان وانجهيل هوندين ته خوبصورتي جو بنياد فقط جنسياتي ۽ حيواني آهي. ڪاش! تو پنهنجي زماني ۾ ويچاري ڊيڪارٽ کي ئي پڙهيو هجي ها. اُن جو هيئت يا صورت بابت فلسفو شايد تنهنجي شاعراڻه دماغ کي ڪنهن حد تائين ٺڪاڻي تي لڳائي ڇڏي ها. اسان وٽ خوبصورتي ڪنهن شاعراڻه جهالت جو نالو ناهي. بلڪه اسين خوبصورتي جو

بنياد جيوميٽري جي اٽل اصولن تي رکون ٿا ۽ جيوميٽري کان ڪڏهن بہ انڪار ڪري نٿو سگهجي. ڪجهہ فلسفين کي ڇڏي دنيا جا تمام مشهور فلسفي انهي جيوميٽرڪ خوبصورتي تي ايمان رکن ٿا. خود فيثا غورث.....".

ويچارو ڪلرڪ جيڪو هن وقت تائين گهڻي حيرت مان هنن جي گفتگو ٻڌي رهيو هو. اجان بہ وڌيڪ حيران ٿيندي پڇيو "مگر يار جيوميٽري ۽ حسن جو تعلق ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. اِهو سچ آهي تہ جيتريقدر جيوميٽري جو تعلق آهي، آئون اسڪول ۾ سيني کان ڪمزور شاگرد هئس. الجبرا جا سوال تہ ڪڏهن ڪڏهن حل ڪري وٺندو هئس پر جيتريقدر جيوميٽري جو تعلق آهي....". اهو چئي ڪلارڪ زور سان ڪنڌ لوڏيو ۽ بيڙي پيئڻ ۾ لڳي ويو.

فلسفي رحم ڀرين نظرن سان ڪلارڪ کي ڏٺو ۽ پوءِ چيو "بي عقل! تون انهن ڳالهين مان ڇا ڄاڻين؟ سڄو ڏينهن ميز تي رجسٽر ۾ ڪيفيتون، داخلا، نيڪال، جمع بندي، جريان نمبر..... نہ ڄاڻ الائجي ڇاڇا تهذيب کان هٽي ڪري ڳالهيون لکندو رهندو آهين. تون مال جي ڪاتي جي هڪ سوڪڙي آهين. توکي انسان ڪير ٿو چوي؟ بيڙي پي ۽ رجسٽر نيڪ ڪر ۽ شام جو زال ۽ ٻارڙن کي وٺي وڃي ميونسپل باغ جو سير ڪر. تنهنجو خوبصورتي ۽ ان قسم جي ڳالهين سان ڇا تعلق؟".

ڪلرڪ تنگ ٿي چيو. "توهان جي نظر ۾ آئون سڄو ڏينهن فقط رجسٽر ۾ ڌيان لڳائي ويٺو هوندو آهيان، تہ اها توهان جي غلط فهمي آهي. آئون ڪيئن ڪلاڪ معمول جو ڪم ڪو نہ ڪندو آهيان. بيڙي وات ۾ رکي، قلم کي ڪن ۾ لڳائي، رجسٽر کولي چپ چاپ ويٺو هوندو آهيان ۽ نہ ڄاڻ ڇاڇا سوچيندو آهيان تہ جيئن سپرنٽنڊنٽ کي ڪو شڪايت جو موقعو نہ ملي ۽ ڏينهن پرجي ٽڪا وٺ بہ لاهي وٺندو آهيان. هاڻ ان خوبصورتي جي مسئلي کي وٺو. مون اُن تي ڪيترا ڀيرا غور ڪيو آهي. پر..... پر.....".

"ها، ها" شاعر مسڪرائي چيو "چئو ڊڄين ڇو ٿو مال جي ڪاتي جا مسڪين ڪڪڙ؟".

ڪلارڪ چيو "ڳالهہ اصل هي آهي تہ مون کي ڪجهہ شرم اچي ٿو. ڇو تہ......".

شاعر چيو "شرم ٿو اچي ۽ توکي؟"

ڪلارڪ ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي چيو "ڇو تہ آئون توهان کي هڪ ڪهاڻي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ۽ اُها ڪهاڻي منهنجي زندگي سان لاڳاپيل آهي". شاعر ۽ فلسفي ٻنهي شڪي نگاهن سان ڪلرڪ کي ڏٺو ۽ پوءِ جلدي مان چيو.

"تہ ٻڌاءِ دير ڇو ٿو ڪرين؟"

ڪلرڪ چيو "ٿورو بيٽري دکائي وٺان".

"هي اُنهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن آئون ايف اي ۾ فيل ٿي پنهنجي ڳوٺ هليو ويو هوس ۽ توهين ٻيئي گورنمينٽ ڪاليج ۾ بي اي ۾ بيڪاري جا ڏينهن پورا ڪرڻ لاءِ هليا ويا هئا. اسان جو ڳوٺ، آئون توهان کي ياد ڪرايان "ساڌو" جي نالي سان مشهور آهي. جيتوڻيڪ مون ان ڳوٺ ۾ اڄ تائين ڪو شوالو مسجد يا گرد وارو ناهي ڏٺو جو ويچارو ڪو ساڌو سنت اتي اچي رهي سگهي. ۽ ٻيو وري اسان جي ڳوٺ ۾ ڪير ايترو امير ماڻهو بہ ناهي جيڪو پنهنجي خاندان کي بہ بہ ويلا ماني ڏيئو

ڪري ڪارائي سگهي. يا ايئن ڪٿي سمجهو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ سڀ ساڌو رهن ٿا. جڏهن منهنجي ناپاس ٿيڻ تي ڊسٽرڪٽ بورڊ وارن منهنجو وظيفو رد ڪري ڇڏيو تہ منهنجو گهر موٽڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ئي نہ هو".

"شاعر چيو نيڪ آهي. اڳيان ڇئو فضول ڳالهيون ڇو ٿو ٻڌائين؟"

"ٻڌو تہ سڀ ڪجهہ ٻڌايان. هر ڳالهہ جو ڪو نہ ڪو مطلب هوندو آهي. اسان جي ڳوٺ کان ڏهہ فرلانگ جي پنڌ تي "مدد" نالي جو هڪ ڳوٺ آهي. ريل اوستائين وڃي ٿي. اُن کان پوءِ مون کي ڏهہ فرلانگ پنڌ ڪرڻو پئجي ويو. ٻنهرن جو وقت هو ۽ ٻنين ۾ ڪپهہ جو فصل ڦٽي آيو هو. بس ائين معلوم ٿيو ٿي تہ چئني طرفن جڻ برف وسي آهي. سفيد سفيد. ميلن تائين سفيدي ڇانئي پئي هئي. ٻن پهرن جي تيز اُس ۾ ڪپهہ جي سفيدي اکين کي چڀي رهي هئي. منهنجو سارو جسم پگهر ۾ شل هو. سوٽ ڪيس ۽ بسترو منهنجي ڪلهن تي هو. ڪنهن ڪنهن مهل ٻير جي وڻ جي ٿورڙي ڇانو ۾ ساهي پٽي ٿي لاٿم پر ان مان ڇا ٿي سگهيو ٿي؟. اُڃ ڏاڍو ستايو هو. رستي ۾ نہ ڪا ئي نهر هئي ۽ نہ هن مٽي هاڻن ميدانن ۾ انسان جي ڪا صورت ۾ ڏسڻ ۾ ٿي آئي. چئني طرفن ڦهليل آسمان ۽ ڦنڊيل ڪپهہ جو فصل ۽ اُس جا سفيد گولا ۽ زور جي اُڃ! اهڙي زوردار اُڃ مون کي اڄ تائين ناهي لڳي. ٻپهر جو وڻ اچا پنج فرلانگ پري هو. جتان وڏي ڳوٺ ڏانهن رستو ويو ٿي ۽ جتي پاڻي جي هڪ ٽانڪي هئي. ٻنپهرن جي وقت ايتري اُس ۾ ڳائڻ دراصل پنهنجي دل کي دوکو ڏيڻ هو. مون سوچيو جيڪو شخص ٻنپهرن جو گانو ڳائي سگهي ٿو يقينن اُن وٽ پاڻي بہ هوندو. اهو سوچيندي مون رستو ڇڏي ٻنين جي وچان هلڻ شروع ڪيو. منهنجي ويجهو پهچندي گاني جو آواز وڌندو ويو. هتي ٽي ڇوڪريون هيون ۽ وونئڻ چونڊي رهيون هيون. سانورا جسم، ٿلها ٿلها هٿ پير، ڪاريون اکيون، ڪجل پاتل، ڪپڙن ۾ ڇيٽن جي بدبوءِ. بس ويچاريون ڳوناٽيون ڇوڪريون تہ اهڙيون ئي هونديون آهن".

هڪڙي چيو. (ٿورڙو شرمائي) "ياءُ ڪهڙو ڪم آهي؟"

مون چيو "پيئڻ اُڃ لڳي آهي".

هن چيو "امرت وڃ هڪ ڪٽورو لسي جو پري اڄ. (پوءِ منهنجي طرف ڏسي) ڪٿان آيو آهين؟"

"لاهور کان".

"لاهور کان." ٽنهي ڇوڪرين حيران ٿيندي چيو اُنهن جون ٿلهيون ٿلهيون ڪارين اکين جون پتليون هڪدم ڦهلجي ويون. هاڻي هو مون کي تعريف، تعجب ۽ شڪ جي مليل جليل جذبات سان ڏسي رهيون هيون. امرت ويچاري جو وات کليل هو ۽ اُنجي ڪاپي هٿ ۾ ڦٽيون هيون. مون چيو "امرت هو لسي جو ڪٽورو؟".

پهرين ڇوڪري چيو "وڃ ڙي ڇوري! لسي ڇو نٿي ڪٿي اچين؟"

مون سوٽ ڪيس ۽ بسترو پٽ تي رکي ڇڏيا ۽ ويهي لسي جو انتظار ڪرڻ لڳس. ٿوري دير کان پوءِ امرت وڏي ڪٽوري ۾ لسي کڻي آئي. لسي جو مٽڪو هن ٻنين کان پري ٻير جي وڻ هيٺان ڪڍ ڪوٽي رکيو هو. انهي لاءِ لسي هيڏي ٻاهہ جهڙي اُس ۾ بہ ڪنهن پهاڙي چشمي جي پاڻي جيان ٿڌي هئي.

لسي پيئڻ سان مون کي محسوس ٿيو ڄڻ ورهين جي اُڃيو آهيان. امرت مسڪرائيندي چيو "جي! اڃا لسي ڪٽي اچان؟".

"بس! آئون تہ ڄڻ سڪل کيت جيان وري آباد ٿي ويس".

ٿيئي پيٺون هڪ پيرو وري کلي پيون. جيتوڻيڪ هي مذاق هو پوءِ امرت پنهنجين ٿلهين ٿلهين اکين سان منهنجي طرف ڏسندي چيو.

"ڇا تون سچ پچ لاهور کان آيو آهين؟"

"تہ پيو ڇا؟"

"تہ هاڻي ڪيڏانهن ويندين؟"

"ساڌو ڳوٺ ۾ ٽپيدار شام سنگهہ جو پٽ آهيان".

"تہ تون ٽپيدار جو پٽ آهين؟" ٿنهي ڇوڪرين منهنجي طرف تڪيندي چيو. انهن جي نگاهن ۾ تعريف هئي، تعجب ۽ تقدس. ڳوٺ ۾ پٽواري ۽ زميدار جا ٻار ڪنهن مقدس ديوتا کان گهٽ مرتبو نہ رکندا آهن. ڳوٺ جي جوان ڇوڪرين ۾ هو هميشہ توجہ جو مرڪز بنيل هوندا آهن. انهن جون تعريفي نگاهون، سندن احساس مردانگي ۽ جرئت ۾ هڪ خطرناڪ اضافو ڪن ٿيون ۽ ماٺهو محض ان سبب اُنهن جي شرارتن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. ڇاڪاڻ جو هو ٽپيدار يا زميدار جا ڇوڪرا آهن. نہ تہ جي ٻيو ڪو جي ڪڏهن اُنهن جي ڌين يا نهرن کي بري طرح سان ڏسي تہ ماري ماري اُن کي قيمو ڪري ڇڏيندا آهن. دراصل ڳوٺ وارن کي پنهنجين عورتن جي عزت ان قدر پياري نٿي هجي جيتريقدر ٽپيدار جو ڪيسو زميدار جي مسڪراهٽ.

مون هڪ نظر ۾ محسوس ڪيو تہ امرت جو من مونتي بري طرح مائل آهي. دراصل هي بيوقوف ڇوڪريون خوبصورت ڪپڙن ۽ انگريزي طور طريقن تي ڏاڍو مرن ٿيون. مون پنهنجي ٽيڏي پيشاني تي هٿ ڦيري وارن کي پيشاني تي آندو ۽ پوءِ بہ چار هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري اُنهن کان موڪلايم ۽ ويندي ويندي مون امرت کي محسوس ڪرايو تہ آئون وري بہ ضرور هن سان ملڻ ايندس. هن جو ڳوٺ تہ بلڪل ويجهو هو ۽ وري مون کي پنهنجون ڏکيون موڪلون پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي گذارڻيون هيون ۽ اُن لاءِ دل لڳي جو ڪو تہ سامان مون کي ڳولڻو ئي هو. انهي لاءِ مون کي امرت پسند اچي ويئي. اهو سچ آهي تہ نہ مون هن سان ڪڏهن سچي دل سان محبت ڪئي ۽ نہ ئي اُن کي ڪڏهن حسين سمجهيم. هي تہ هڪ قسم جي مطلب پرستي هئي. هڪ عارضي رشتو جنهن کي پنهنجي پر ۾ هڪ ڪک جي طرح ٽوڙي سگهيس ٿي. عام طور تي هر عورت کي هر مرد کان ان قسم جي توقع رکڻ کپي ۽ جيڪڏهن ايئن ٿي پوي تہ اسان جي زندگي ڪيڏي نہ خوشگوار ٿي وڃي. آئون يقين سان نٿو چئي سگهان تہ امرت جو منهنجي باري ۾ ڇا خيال هو؟. پر جڏهن بہ اسان چانڊوڪي راتين ۾ ڪيتن جي اوٽ ۾ ملياسين ٿي تہ چمڙا اسان جي مٿان ڦڙ ڦڙائي گذريا ٿي تہ امرت ڪيترا ڀيرا اچي منهنجي گود ۾ ويني ٿي ۽ ٿڌا شوڪارا ڀرڻ لڳي ٿي ۽ مون کان قسم ٿي ورتا تہ آئون هن کي ڪڏهن ڇڏي نہ ويندس ۽ مون کي قسم کائڻ کان ڪڏهن بہ انڪار نہ هو بلڪ هڪ قسم جي خوشي محسوس ٿي ٿي. ڪوڙا قسم تہ اڄ بہ آئون پنهنجي سپرنٽنڊنٽ جي سامهون کان ٿو. پر اُهو لطف ڪٿي؟ جيتوڻيڪ

امرت خوبصورت نہ هئي پر اُهي ڏينهن جيڪي مون هن سان گذاريا بي حد حسين ڏيکائي ڏين ٿا، جيوٽيڪ آئون اهو نٿو چئي سگهان تہ امرت ۾ هڪ رڳ جون صفتون هيون ۽ وري مون ڪئين عورتون ڏٺيون آهن جيڪي ڀرپور جوڀن ۾ بہ بي حد بدصورت ڏيکائي ڏينديون آهن ۽ جواني جي ڪا بہ ادا بہ اُنهن جي بدصورتي ۾ ڪمي پيدا نٿي ڪري سگهي. تنهن ڪري منهنجي خيال ۾ جواني کي حسن سان ڳنڍڻ ڪهڙي طرح بہ جائز ناهي.

منهنجي بي روزگاري جي ڏينهن ۾ منهنجي ماءُ پيءُ هڪ سٺي گهر ۾ منهنجو رشتو طئہ ڪري ڇڏيو. ڇوڪري مڊل پاس هئي ۽ پيءُ سپروائيزر هو. دراصل پيءَ جي عهدي جي دٻدٻي کان اسين متاثر ٿياسين ۽ آئون واندو تہ هوس ئي، سو چيو نہ شادي ڪري ڇڏجي ۽ وري سهرو بہ سپروائيزر آهي ڪٿي نہ ڪٿي پلن جي نگراني ڪندڙ صاحب کي چئي نوڪري تي لڳائي ڇڏيندو. نوڪري ۽ زال اهي ٻيئي شيون جنهن وٽ هجن ان جهڙو خوش قسمت ماڻهو دنيا ۾ ڪير هوندو؟ اِهو سوچي مون بہ ها ڪري ڇڏي. جيتوڻيڪ امرت کي اها ڳالهہ مون کو نہ ٻڌائي، مون سوچيو اُن کي ٻي فائدو رئاڻڻ مان ڇا فائدو؟ رئڻ لاءِ تہ سڄي عمر پئي آهي. ليڪن زندگي جا اُهي پل جيڪي انهن راتين جي خوشگوار چانڊوڪي ۾ کيتن جي اوٽ ۾ زمين مان اُٿندڙ خوشبوءِ ۽ ڪارين اکين کي حيران ڪرڻ واريون گهرائين ۾ گذري وڃن اُهي غنيمت آهن. اهو سوچي مون امرت کان ان ڳالهہ کي لڪائي رکيو.

ڪڏهن ڪڏهن افسوس ٿيندو آهي تہ مون ان خبر کي هن کان ڇو لڪايو؟ جيڪڏهن آئون ايئن نہ ڪريان ها تہ شايد اُن کي ايترو شديد صدمو نہ پهچي ها. آهستي آهستي ڳالهين ڳالهين ۾ هن کي پنهنجي مجبوري ۽ ماءُ پيءُ جي ضد جو احوال ٻڌائي ڇڏيان ها ۽ پوءِ شايد هو ان غم تي قابو پائي وٺي ها. پلا پنهنجي زندگي ڪنهن کي پياري نٿي هجي؟ ڪير ٻئي سان لک پيرا محبت ڪري، پر جيترو پيار ماڻهو کي پنهنجي جان سان هوندو آهي، ٻي ڪنهن سان ناهي ٿيندو. پر ڪجهہ بيوقوف ماڻهو احساس جي شدت کان تنگ اچي ان نڪتي کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. امرت بہ اُنهن مان هڪ هئي. جنهن ڏينهن اُن کي منهنجي شادي جي خبر پئي انهي ڏينهن هن خودڪشي ڪري ڇڏي. ڳالهہ هيئن هئي تہ اسان جي گهر شادي جي خوشي ۾ گيت ڳائجڻ لڳا. هر روز ماني کائڻ کان پوءِ ڳوٺ جون ڇوڪريون اڱڻ جي ٻاهر پپر جي وڻ جي هيٺان آڌي آڌي رات تائين گيت ڳائيندي شادي جا جوڙا پريا ٿي ۽ نچيون ٿي. پاسي واري ڳوٺ مان بہ جنهن ۾ امرت رهي ٿي، گهڻيون ئي ڇوڪريون آيون ٿي ۽ نيث امرت کي بہ اچڻ جو نياپو مليو. "سياڻي شام سنگهہ پٽواري جي ڇوڪري جي شادي آهي .....! تون هل مزو ايندو....."، ڇون ٿا تہ امرت اهو ٻڌي پهرين تہ چپ ٿي ويئي. هن جي چهري جو رنگ ڦڪو پئجي ويو ۽ هن جون پلڪون ڪنبڻ لڳيون. پر ٻي ئي پل هن پنهنجو پاڻ تي قابو پائي ورتو ۽ چوڻ لڳي، هوءِ ضرور گيتن جي محفل ۾ شامل ٿيندي. شام سنگهہ ٽپيدار جي ڇوڪري جي شادي جي هن کي ڏاڍي خوشي هئي.

مون کي ان ڳالهہ جو ڏک ناهي تہ هن خودڪشي ڇو ڪئي؟ جيئن مون چيو تہ احساس جي شدت ۾ انسان ڪافي اهڙيون حرڪتون ڪري ويهندو آهي. وري بعد ۾ پڇتائڻ چاهيندو آهي، بشرطيڪ هن کي موقع ملي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ امرت کي اهڙو موقعو نہ مليو. ڇو تہ جڏهن ماڻهو

هڪ واري خودڪشي ڪري وٺي ٿو ته پوءِ هو بعد ۾ اُنجي متعلق ڇا ٿو سوچي سگهي؟ خير آئون اهو اڄ به ڄاڻڻ چاهيان ٿو ۽ مون کي ڏک رڳو ان ڳالهه جو آهي ته مون شادي جي خبر ٻڌي ايڏي وڏي خوشي جو اظهار ڇو ڪيو؟ ڇون تا هن پنهنجي وارن ۾ خوشبوءِ دار تيل لڳايو هٿن تي مهندي هنئي، وهنجي سهنجي عمدو وڳو پاتو ۽ شام جي گيتن جي محفل ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي اڱڻ جي کٽ تي ويهي رهي ۽ پنهنجي ساهڙين جو انتظار ڪرڻ لڳي ۽ جڏهن ساهڙيون هن کي وٺڻ لاءِ آيون ته هو کٽ تي خاموش جهڪي ويٺي هئي. هن جي ساهيڙين هن کي نالو وٺي ٽي ڀيرا سڏيو. پر هن ڪو به جواب نه ڏنو.

ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ مون به هن کي انهي حالت ۾ ڏٺو ڇو ته جوان ڇوڪري يا ڇوڪري جي موت جي خبر هڪدم آس پاس جي ڳوٺن ۾ ڦهلي وڃي ٿي. هوءِ کٽ تي جهڪي ويٺي هئي ۽ هنجا ڪارا وار چهري تي اچي ويا هئا. جن هن جي چهري ۽ هٿن کي لڪائي ڇڏيو هو. وارن کي هنيل مهندي ايئن نظر اچي رهي هئي جيئن تارين مان گلاب جون پنکڙيون ڦٽي رهيون هجن. هوءِ وار کولي ائين جهڪيل هئي ڄڻ ڪنهن جي پوڄا ڪري رهي هجي ۽ اُنتي چڙهائڻ لاءِ گلاب جون پنکڙيون آنديون هجن. منهنجا ٻار ٻچا آهن. زال آهي. جيئن تو چيو. اُنهن کي گهمائڻ اڪثر ميونسپل باغ ويندو آهيان. مون کي اُنهن سان محبت آهي. آئون پنهنجي زال کي خوبصورت سمجهان ٿو. آئون ڪان ٿو پايان ٿو دفتر جو ڪم ڪريان ٿو. پر ڪڏهن ڪڏهن راتين جو ڪنهن جي اکين جون سياهه گهرايون، وارن جي چوٽن جي خوشبوءِ ۽ آڱرين مان اُٿندڙ مهندي مون کي ايتريقدر پنهنجي ويجهو محسوس ٿيندي آهي جو آئون پريشان ٿي ويندو آهيان. هي شيون مون کي پنهنجي زال کان به قريب ۽ پياريون لڳنديون آهن. منهنجو من پرجي ايندو آهي ۽ منهنجي اکين مان لڙڪ لڙڻ لڳندا آهن. هاڻي آئون سوچيندو آهيان شايد محبت محض هڪ خيالي ۽ شاعرانه شئي ناهي. نه حسن جيوميٽري جي چند شڪلين ۽ اُنهن جي ڪنڊن تي ٻڌل آهي. امرت جي موت مون کي هڪ عجيب ٻڌتر ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو آهي جيڪو اک ۾ لڙڪ بڻجي وڃي ٿو. شايد اهي ٻئي هڪ ئي شئي جا مختلف نالا آهن. آئون هن کي امرت چوان ٿو ڇو ته هوءِ زهر جو پيالو پيئڻ کان پوءِ به زنده آهي. تون جو شاعر آهين اُن کي يوسف ڇئي سگهين ٿو يا ليليٰ. آخر نالي ۾ ڇا رکيو آهي ۽ تون جو فسلفي آهين تو.....".

فلسفي ڳالهه کي ڪٽيندي چيو "هي تنهنجي آتم ڪٿا ڏک ڀري ڪهاڻي ضروري آهي. پر امرت جي موت، حسن ۽ عشق جي مسئلي تي روشني نٿي وجهي. جيڪڏهن امرت خوبصورت هجي ها ته توکي فتح ڪري وٺي ها. شايد هن جي چهري جا خدوخال (ڪنڊون) جيوميٽري جي نقطي نگاهه کان درست ۽ موزون نه هئا ۽ انهي لاءِ توکي پنهنجي طرف ڇڪي نه سگهيا. ۽ جيڪڏهن توکي ڪنهن ٻي سان عشق هجي ها ته تنهنجو سپروائيزر سهرو توکي ڪلارڪ جي نوڪري تي نه ڏياري ها. معاملو صاف آهي. عشق هڪ شاعراڻو تخيل آهي. حسن جيوميٽري جي هڪ شڪل ۽ تون هڪ دقيانوسي اڌ مغزي ڪلارڪ."

شاعر آهستي پڇيو "۽ امرت؟ امرت!؟"

فلسفي جواب ڏيڻ تي هو جو ڪلارڪ رڙ ڪري چيو "اي فيثا غورث جا پٽ! هاڻ گهڻو ٿيو چپ ڪري ويهه".

# نئون خزانو

***آئون*** پنهنجي بستري تي آرام سان ليٽيون پيو هوس. ننڍاڪڙي جي عالم ۾ ڪهاڻي پڙهي رهيو هوس، جنهن ۾ نهايت خوبصورت ڇوڪري جو ذڪر هو. محبت ڏاڍي اُداس هئي ۽ انجام حيرت ۾ وجهڻ وارو هو يا ڪٿي ڇئجي تہ ايئن ڪو نہ بہ هو. گهڻي نرم نرم ۽ هلڪي گرم ماکي جي ميناس سان پريل ڪهاڻي هئي. جيڪا شايد ننڍ اکڙي جي عالم ۾ لکي ويئي هئي.

ايتري ۾ منهنجو پٽ عمر ڇهہ سال، قد ننڍو ڇڏي ڦاٽل اکيون چمڪندڙ ٽپ ڏيئي منهنجي بستري تي اچي ويٺو ۽ گهڻي بيقراري پر دلچسپي واري انداز ۾ مون کان پڇڻ لڳو.

"منهنجو خزانو ڏسندين؟"

"خزانو؟"

"ها". هن چيو "بلڪل نئون خزانو آهي. ڏسندين؟"

مون چيو "ڏيکار ضرور ڏسندس. پر تنهنجي پهريئين خزاني جو ڇا ٿيو؟"

ٻارڙي چيو. "اُهو مون مالهي جي ڇوڪري ٻجو کي ڏئي ڇڏيو". ايترو چئي ٻارڙي پنهنجي بند جهولي کولي. سڀ کان پهرين هن ماچيس جي ڏٻي ڪڍي، اُن ماچيس جي ڏٻي کي هن ايئن کوليو جيئن تماشو شروع ٿيڻ کان اڳ اسٽيج تان پردو هٽايو ويندو آهي. جڏهن پردو هٽي ويو تہ مون ڏٺو تہ ماچيس جي ڏٻي جي اندر ڪانچ (شيشي) جا ننڍا ننڍا ٽڪرا گڏ ڪيل هئا.

"هي ڇا آهي؟" مون پڇيو.

ٻارڙي منهنجي طرف ايئن ڏٺو ڄڻ هن کي منهنجي بيوقوفي تي افسوس ٿي رهيو هجي. مگر هن جي نگاهن ۾ تمام گهڻي گهرائي هئي. هن مون کي پيار سان سمجهائيندي چيو "ڏس هي موتي آهن".

"موتي آهن؟"

"امان جي چوڙين مان ناهيا آهن".

اُن کان پوءِ هن خزاني جي ڏٻي بند ڪري ڇڏي ۽ ٻي ڏٻي ڪڍي، هن ڏٻي ۾ تمام پراڻا نب پيل هئا. ٻاڙهي مس جي نب سان آئون اڪثر پنهنجيون ڪهاڻيون لکندو آهيان ۽ گهڻو ڪري ڪهاڻي لکڻ وقت ٽي يا چار نب استعمال ڪندو آهيان ۽ اُجلائي ڇڏيندو آهيان. اصل ۾ مون کي ٻاڙهي مس جي نب جي ڏار پسند آهي. لکڻ وقت ايئن لڳندو آهي ڄڻ نب ڪهاڻي جي سيني ۾ لهندو ٿو وڃي، هر جي چوني جيان ڪنهن اڻ ڄاڻ اڻ ڏٺل ڌرتي کي چيريندو اڳتي وڌندو رهندو آهي. هاري جي فصل جيان ڪهاڻي بہ آهستي آهستي پچندي آهي. پهرين اُن تي ٻج ڦٽندو آهي. پوءِ ٻوٽو وڏو ٿيندو آهي. پوءِ هن کي هوا ۽ روشني ملندي آهي. پوءِ آسمان طرف ڏسندڙ نوڪدار پنن تي ڦرهيون جهومنديون آهن. تڏهن وڃي ڪٿي محبت جو هڪ داڻو پيدا ٿيندو آهي. پر ڪڏهن محبت جو هڪ داڻو بہ پيدا ڪو نہ ٿيندو آهي ۽ ساري ڌرتي بنجر رهجي ويندي آهي. ان بنجر ڪهاڻي جي گهاوَ کي هڪ

ڪهاڻيڪار ڪان بهتر ٻيو ڪير نٿو سمجهي سگهي.

ٻارڙي جي ڊٻي انهن پراڻن نبن سان ڀريل هئي. جن سان مون نيون ۽ پراڻيون ڪهاڻيون لکيون هيون. سڻيون ۽ بريون ڪهاڻيون. جيڪي ازل وانگيان پراڻيون هيون ۽ اڄ جي انسان جيان نيون هيون. محبت سان سرشار ڪهاڻيون. ڪاوڙ ۽ ظلم سان ڀرپور ڪهاڻيون. رنگين بجلي جيان چمڪندڙ ڪهاڻيون ۽ بي رنگ، ڦڪيون ۽ اُجهاٽل ڪهاڻيون. جيئن دل اندران سڙي وڃي ۽ ڪهاڻي جي ڪک سنڌ تي وڃي. پر هي سڀ منهنجي پورهيئي جون ڪهاڻيون هيون. انهن ۾ منهنجي خيالن جو ۽ منهنجي احساسن جو پگهر شامل هو. انهي لاءِ مون ٻارڙي جي خزاني جي قصي ڪي ڏاڍي دلچسپي سان ڏٺو ۽ هن ڪان پڇيو.

”هي سڀ ڇا آهي؟“

ٻارري ڪي هاڻي منهنجي بيوقوفي جو پورو يقين ٿي چڪو هو. انهيءَ لاءِ هن مسڪرائيندي چيو ”اڙي ڀائي هي نب آهن“.

مون پڇيو ”انهن سان تون ڇا ڪندو آهين“.

هن چيو ”ڪجهه ناهيان ڪندو. آئون انهن سان ڪيڏيندو آهيان“.

”ڪيئن؟“

هن چيو. ”هي نب آهن ۽ هي اُن جو پيءُ آهي“.

اهو چئي ٻارڙي ماچيس جي ٽين ڊٻي کولي ۽ اُن مان هڪ چق مق ڪڍيو. چق مق هڪ نب ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو. جڏهن هڪ نب چهٽي پيو تہ ٻيا نب بہ هڪ ٻئي جي آڱري پڪڙي چق مق سان چهٽي ويا.

ٻارڙي کلي چيو ”ڏٺئي؟ هي سڀني جو پيءُ آهي. هي سڀ اُن جو اولاد آهن. هڪ ٻئي جون آڱريون پڪڙيو قطار ۾ بيٺا آهن. سمجهيئي؟“.

آئون هڪدم سمجهي ويس. ڪوڙ سارين ڪهاڻين لکڻ جي باوجود جيڪو ڪجهہ نہ سمجهي سگهيو هئس سو اڄ سمجهي ويس. هونئن تہ آئون ڄاڻندو هوس تہ ڪهاڻيون سڻيون بہ هونديون آهن، بريون بہ هونديون آهن پر اڄ تائين اهو نہ ڄاڻي سگهيو هوس تہ سڀني ڪهاڻين جو هڪ ئي چق مق هوندو آهي جنهن جي سهاري اُهي خلا ۾ بيهہ رهن ٿيون ۽ اُهو چق مق آهي، انسان! انسان ڪان سواءِ ڪا بہ ڪهاڻي بيهہ نٿي سگهي.

مون ڪي هاڻ ٻارري جي خزاني ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي اُن لاءِ مون هن ڪي چيو تہ ”وڏيڪ ڏيکار! ٻيو ڇا ڇا آهي تو وٽ؟“.

هاڻي ٻارڙي تصويرن جو وڏو بنڊل منهنجي سامهون رکي ڇڏيو. پهرين تصوير ڪنهن مهاراجا جي هئي. جنهن جي ڳلي ۾ هيرن جواهرن جا هار پاتل هئا.

مون ٻارڙي ڪان پڇيو ”ڀلا هي سنو ماڻهو ڪير آهي؟“

ٻارڙي چيو ”هي گوتم ٻڌ آهي“.

ٻارڙي شايد ڪلهہ ئي پنهنجي پيءُ ڪان گوتم ٻڌ جو نالو ٻڌو هو. اهو نالو هن ڪي گهڻو عجيب

۽ نئون لڳو. هن جلدي ان نالي کي تصوير سان ڳنڍي ڇڏيو ۽ آئون سوچيان ٿو ته ڇا غلط ڪيائين؟. هن ملڪ ۾ ٻار ڇا وڏا پيءُ اڄ تائين مهاراجائن کي گوتم ٻڌ جي طرح پاڪ، صاف ۽ نيڪ ديوتا جيان مقدس سمجهن ٿا. مون کي ڪهڙي ضرورت آهي جو هڪ ٻار جي غلط فهمي دور ڪريان؟. وڏو ٿي خود ئي سمجهي ويندو. ٻارڙي هڪڙي ٻي تصوير ڪڍي. هڪ خوبصورت مراٺي ڇوڪري هڪ پوسٽ آفيس جي ڏٻي ۾ خط پائي رهي هئي.

مون پڇيو. "هي ڇا آهي؟"

ٻارڙي چيو. هي عورت پوسٽ جي دٻي ۾ خط وجهي رهي آهي ۽ هن جو گهر پوسٽ جي ڏٻي جي بلڪل ويجهو آهي".

مون چيو "توکي ڪيئن خبر پئي ته هن عورت جو گهر پوسٽ جي ڏٻي جي ويجهو آهي؟"

ٻارڙي منهنجي طرف بي رحم نگاهن سان ڏٺو "ڏسو نٿا ته هن جا پير اُگهاڙا آهن. تڏهن ته بس گهر کان نڪري جلدي خط وجهڻ هلي آئي آهي. پري ويٺو هجي ها ته چپل پائي نه وڃي ها؟"

مون پنهنجي بيزاري لڪائيندي چيو "نيڪ آهي هاڻي ٻي تصوير ڪڍ؟"

ننڍي شرلاڪ هومز هڪ ٻي تصوير منهنجي اڳيان رکي ڇڏي. هن تصوير ۾ هڪ پڃرو هو. پڃري ۾ طوطو هو. طوطي جي پرسان هڪ خوبصورت عورت پڙڪيلا ڪپڙا پهري پنهنجي زيورن جو ڏٻو کولي ويٺي هئي ۽ طوطي ڏانهن ڏسي رهي هئي.

مون پڇيو "هي عورت هن طوطي ڏانهن ڇو ڏسي رهي آهي؟"

ٻارڙي چيو. "هي عورت طوطي کان پڇي ٿي ته منهنجو موتي ڪٿي آهي؟"

"ڪٿي آهي هن جو موتي؟"

ٻارڙي غور سان تصوير کي ڏٺو موتي پڃري ۾ ڪو نه هو. طوطي کي ڪوٽ پاتل ڪو نه هو. نه ته موتي اُن جي کيسي ۾ هجي ها. آخر سوچي سمجهي ٻارري چيو "موتي طوطي جي اک ۾ آهي. طوطي موتي کي پنهنجي اک ۾ لڪائي ڇڏيو آهي".

اڄ تائين مون ڪافي اهڙيون ڪهاڻيون لکيون هيون جنهن ۾ انسان پنهنجي اکين ۾ لڙڪ لڪائيندو هو. پر اهڙي طوطي جي ڪهاڻي مون نه لکي هئي، جنهن موتي پنهنجي اک ۾ لڪائي ڇڏيو هو. نه ڄاڻ ڪڏهن هي ڪهاڻي لکي وڃي؟ نه ڄاڻ ٻيو ڪير هن ڪهاڻي کي لکندو؟ پر هي ڪهاڻي اهڙي آهي جيڪا هزارين سال گذرڻ کان پوءِ به پراڻي نه ٿيندي. طوطي جي اک جيان چمڪندي رهندي.

ٻار ٻي تصوير ڏيکارڻ وارو ئي هو جو هن جي ماءُ جو آواز آيو "ٻچڙا هاڻ اُٿي! نو ٿيڻ وارا آهن. توکي اسڪول وڃڻو آهي".

ٻارڙي کي جهٽڪو لڳو. مون کي به لڳو. اسين اهڙي خوبصورت دنيا ۾ ڀٽڪل هئاسين جنهن ۾ اسڪول جو نالو وٺڻ به گناهه هو ۽ اسڪول به ڪهڙو اسڪول؟ سوڙها ڪمرا، اونداها اڱڻ، غربت جي تلخ يادن جو ماريل مفلس ماستر ۽ اُن جي نفرت ۽ غصي سان ڀرپور لٺ ...... جيڪا تمام ڏور کان ايندي هئي پر لهندي هميشه ٻارن تي هئي.

ٻارڙو هيسجي ويو.

آئون بہ هيسجي ويس.

ڇا ڪيو وڃي. مجبوري هئي. اسڪول وڃڻ بہ ضروري هو. ٻارڙي منهنجي طرف ڏسي ٻي وسي مان چيو "اسڪول نہ وڃاڻ. تہ ڇا ٿيندو؟".

مون چيو "تون اسڪول ڇو نہ ويندين؟ اڄ موڪل جو ڏينهن ناهي".

ٻارڙي پڇيو "اڄ ڇو موڪل نہ آهي؟ ڪالهہ بہ موڪل هئي. اُن کان اڳيون ڏينهن بہ موڪل هئي. اڄ ڇو نہ آهي؟"

مون چيو "روز روز موڪل ڪونهي ٿيندي".

هن چيو "ڇو نٿي ٿئي؟"

ماڻس هن کي منهنجي گود مان اُتاري زمين تي کڙو ڪيو.

"هون..... هاڻي سڌو اسڪول هليو وڃ. بهانا نہ ناهي".

ٻارڙي پنهنجي سامان ۾ ٻن ٻي رحم انسانن کي ڏٺو. اسان جي چهرن تي هن کي ڪٿي بہ اُهو رنگين پونئرو ڏسڻ ۾ نہ آيو نہ ڊگهن ڪنن وارو سهو نہ اُگهاڙن پيرن گهمڻ واري مرائي ڇوڪري..... هن گهٽي اُداسي مان اسان جي چهرن جي سختي کي پڙهي ورتو ۽ مايوس ٿي پنهنجو ٿيلهو ناهڻ لڳو ۽ هن ٿيلهي ۾ اهڙا ئي ڪتاب هئا جيڪي اسان جي چهرن جيان سخت ۽ بي رحم هئا, ٻار گهڻو ڪجهہ چاهي ٿو. گهڻو ڪجهہ چئي سگهي ٿو. پر هن کي اُهو سڀ ڪجهہ ڪو نہ ٿو ملي. ڇو جو اُهو سڀ ڪجهہ ٻارن جي دنيا ۾ آهي. هي پوڙهن جي دنيا آهي ۽ بي ايمان, بدڪار, بدمعاش ماڻهن جي دنيا آهي, جنهن جي وات ۾ نہ ڏند آهن نہ پيٽ ۾ آنڊا. ٻار پنهنجين تصويرن ۾ اُن دنيا کي ڳولي ٿو جيڪا ٻارن جي طرح مسڪرائي سگهي. انهي ڪري ٻارڙي خاموشي سان ٿيلهو ناهي, ڪلهي ۾ پائي ورتو پنهنجي خزاني کي پنهنجي کيسن ۾ پيري ورتو ۽ اسان ڏانهن ڏسڻ بغير پڙهڻ لاءِ هليو ويو.

ٻارڙي جو اسڪول گهر جي ويجهو هو. گهر کان اسڪول تائين اڌ فرلانگ کان بہ گهٽ رستو هو. جنهن جي هڪ طرف امير ماڻهو جي بنگلي جي چار ديواري هئي ۽ ٻئي طرف گل مهر جي وڻن جي قطار هئي. انهن ٻنهي جي وچان رستي تي منهنجو ڇوڪرو چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪري اسڪول وڃي رهيو هو. جو مون هڪ وڻ جي پويان کان نڪري هن جو رستو روڪي ورتو.

ٻارڙي منهنجي طرف ڏٺو.

مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو هن کي آهستي چيو "هليا اسڪول کان پڇي هلون".

اسڪول کان پڇڻ جي ڳالهہ اڃا تائين هن جي دماغ ۾ نہ آئي هئي. هڪدم هن جو چهرو ان خيال جي روشني سان پرجي ويو. اها روشني هن جي اکين ۾ چمڪڻ لڳي. هن جا اُداس ڳل گل جي طرح ٽڙي پيا. آئون هن جي چهري جو بدلجندڙ رنگ ڏسي رهيو هوس. هن جي حيرت ۽ پوءِ وري هن جا اُميد ۽ خوشي سان ڀرپور راڳ ٻڌي رهيو هوس. ٻار جو خاموش چهرو بہ خوشي جا ڪهڙا نہ گيت ڳائي ٿو.

هن هٿ وڌائي منهنجي آڱري پڪڙي ورتي. پوءِ هلندي هلندي هڪدم بيهه رهيو. منهنجي طرف سنجيدگي سان ڏسندي چوڻ لڳو "امان سان ڳالهه ته نه ڪندين؟".

مون پنهنجي چپن تي آڱر رکي چيو "شش...."

ڊاک جي وڻ جي اڳيان جتي ٻيرن جي وڻن جو وڏو جهڳٽو هو اُتي اسان ٽيلهي کي لڪائي ڇڏيو ۽ پوءِ اسان گهمي ڦري هڪ سوڙهي جبل تي پهچي وياسين جيڪو جهنگل کان ڏور ناريل جي هڪ جهنگل مان گذري ٿو.

اُن ڏينهن اسان تمام گهڻو گهمياسين. اُها صبح ڪافي صاف ۽ چمڪدار هئي. جهنگل ۾ چئني طرف سناٽو ڇانيل هو. هلڪي هلڪي سائي رنگ جي ٿڌي روشني چئني طرفن ڦهليل هئي. اسين ٻيئي اُگهاڙن پيرن سان ڌرتي تي هلي رهيا هئاسين. ڇو ته آئون به مرائي ڇوڪري جيان جلدي ۾ اُگهاڙن پيرن سان ئي گهر مان ڀڄي آيو هوس. ڪافي ڏينهن کانپوءِ اڄ منهنجا اُگهاڙا پير ڌرتي تي هلي رهيا هئا ۽ ننڍپڻ جون پراڻيون ڄاتل سڃاتل پٽريون منهنجي پيرن سان گلي ملي رهيون هيون. منهنجي پيرن ۾ هڪ عجيب خوشي جو احساس سمائجي ويو هو ۽ آئون پنهنجي ٻارڙي سان گڏ جهنگل ۾ ٽپيون هڻندو رهيس.

ٻارڙي کي جهنگل ۽ دل کي راحت بخشيندڙ روشني بي حد وڻي، چيائين، "هتي ڏينهن آهي؟".

مون چيو. "ها ڏينهن آهي".

"اسان جي گهر ۾ به ڏينهن آهي؟"

مون چيو "اسان جي گهر ۾ به ڏينهن آهي".

هن چيو "ڏينهن ۾ رات ڪونهي ٿيندي ڇا؟"

مون چيو "بابلا ڏينهن ۾ رات ڪونهي ٿيندي".

ٻارڙي ضد ڪندي پڇيو "ٿورڙي به ڪونهي هوندي؟"

مون پريشان ٿيندي چيو "ڪهڙا اجايا سوال ٿو ڪرين. ڀلا ڏينهن ۾ رات ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟"

ٻارڙي چيو "هن وقت ڏينهن آهي ته اسان جي مالهي جي گهر ۾ رات ڇو آهي؟"

منهنجي جسم ۾ جهڻ خوف جي لهر ڊوڙي ويئي ۽ مون کي پنهنجي بنگلي کان ٻاهر مالهي جي جهوپڙي ياد آئي، جنهن ۾ ڏينهن جو به رات لڳندي آهي ۽ ٻنپهرن جو به اندهه ڇانيل رهندي آهي ۽ مون کي مالهي جو گهر ۽ گهڻا ٻيا گهر به ياد آيا، جتي ڏينهن جو به اوندهه هوندي آهي ۽ پوءِ مون کي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتون ياد آيون. جتي رات جو به ڏينهن هوندو آهي. اهڙا گهر جتي ننڍو ڏينهن ۽ ڊگهي رات هوندي آهي. اهڙا گهر جتي ٿورڙي رات ۽، ڊگهو ڏينهن هوندو آهي. جيتوڻيڪ ٻارڙو سماجي تجزيو نٿو ڪري سگهي. پر هو جيڪڏهن ارسطو افلاطون نٿو هجي ته به اُنهن فيلسوفن جهڙو به نٿو هجي، جيڪي ڏينهن ۾ رات ۽ رات ۾ ڏينهن هئڻ جا عجيب دليل پيش ڪري سگهندا آهن. پر هڪ ٻار کي ڪهڙي طرح به مطمئن نٿا ڪري سگهن، جيڪو ڏينهن ۾ رات ۽ رات ۾ ڏينهن ڏسي ٿو ۽ ان تضاد تي حيرت مان خاموش ٿي وڃي ٿو.

آئون ٻارڙي کي سوال جو جواب ڏئي نه سگهيس. ڇو ته منهنجو جواب گهڻو ڊگهو هو ۽ منهنجو

ڇوڪرو گهٽو ننڍو هو. هاٽي سامهون هڪ ننڍي ندي اچي ويئي هئي. مون ٻارڙي کي هنج ۾ کنيو ۽ ندي جي ٻئي پار هن کي هڪ ٻي وڏي جبل مٿي وٺي ويس جتي هڪ ڏراڙ مينهون ۽ ڍڳيون چاري رهيو هو. ٻارڙي هڪ ٻه ڍڳيون ۽ مينهون ضرور ڏٺيون هيون، پر ايتريون ڍڳيون مينهون ڀهريون پيرو ڏٺيون هيون. انهي لاءِ ڀهرين ته هو اُنهن کي گهٽي حيرت مان تڪيندو رهيو ۽ پوءِ چيو

"هي سڀ ڍڳيون ۽ مينهون آهن؟"

"ها".

"۽ هو ڇا آهن؟"

"ٻڪريون".

"هو رڍون آهن؟"

"ها".

مون ٻارڙي جو تعارف ٻن ٽن رڍن ۽ ٻڪرين جي ننڍڙن ڦرن سان ڪرائي ڇڏيو. ٻارڙو اُنهن سان کيڏندو رهيو. پوءِ هن هڪ وڇڙي کي ڳئون جي ٿڻ مان کير پيئندي ڏٺو. ٻارڙو هڪدم سمجهي ويو ۽ چيو "هي ماءُ جو کير پيئي ٿو".

مون چيو "ها"

ٻارڙي پڇيو. "۽ جيڪو اسان جي گهر کير اچي ٿو اُهو ڪٿان اچي ٿو؟"

"انهن ڍڳين مينهن جو کير هوندو آهي".

"ان کير کي هي ماڻهو وڇڙي جي وات مان ڪڍي وٺن ٿا؟"

مون چيو. "وات مان ڪو نه ٿا ڪڍن، کير ڏهي ڪڍن ٿا".

"ڪيئن ڏهن ٿا؟"

مون ڏراڙ کي چار آني ڏني ۽ هن هڪ ڍڳي کي ڏهي ڏيکاريو. نه صرف کير ڏهي ڏيکاريو پر هن ٻارري کي گود ۾ اهڙي طرح وهاريو جهڙي طرح هو ڍڳي ڏهڻ وقت دلو پنهنجن گوڏن ۾ رکندو آهي. پوءِ هن ڍڳي جي ٿڻ مان گوائون (ڏارون) ٻار جي وات ۾ وڌيون. ٻارڙي کي ڏاڍو مزو آيو ۽ جڏهن کير جي گُوا غلطي سان ٻارڙي جي ڇهري تي ڦهلجي ويئي ته هو زور زور سان کلڻ لڳو. هن مون کي آهستي چيو. "وڏو ٿي آئون به ڏراڙ ٿيندس".

ٿوري دير کان پوءِ اسان ڏراڙ کي گهٽو پوئتي ڇڏي آيا هئاسين. هاٽي اُتي ڀهچي وياسين جتي اسان کي سمنڊ ويجهو هو ۽ هڪ ننڍو ڇوڪرو جيڪو منهنجي ڇوڪري کان پنج ڇهه سال وڏو هو. نهايت مزي سان گپ ۽ پاڻي ۾ ٻيهه جهينگا پڪڙي رهيو هو. ٻارڙي کي جهينگا پڪڙيندڙ ڇوڪري جي همٿ ڏاڍو متاثر ڪيو. هن نهايت آرام سان جهينگي هٿ سان جهلي. اُن جون سامهون واريون ٻه ٻانهون الڳ ڪري پوءِ اُن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري پنهنجي ڄاري واري پيتي ۾ پاتو ٿي. منهنجو ٻارڙو نهايت ڌيان سان هن ڪم کي ڏسندو رهيو ۽ جڏهن اُتان کان روانه ٿي تمام گهٽو اڳيان نڪري وياسين ته ٻارڙي ٿڌو ساهه کڻي مون کي چيو "آئون به وڏو ٿي جهينگا پڪڙيندس".

جهنگل ۾ گهمندي نون وڻن، گلن، پوپٽن سان پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي اسين پراٽي مندر

جي ڏاڪڻ تي وڃي وينا سين. هي ڪافي پراڻو مندر هو ۽ اُن جي ڇت ٽٽل هئي ۽ اُن مان سڌو آسمان نظر اچي رهيو هو. ڏاڪڻيون چڙهڻ سان اسان کي پٿر جو هڪ وڏو ڏيڍو ڏسڻ ۾ آيو جو مندر جي ٻاهران رکيل هو.

ٻارڙي چيو "هي ڍڳو آهي؟"

"ها"

"هتي ڇا پيو ڪري؟"

مون چيو "مندر جي سامهون آرام پيو ڪري".

"هي مندر آهي"

"ها"

"مندر ڇا هوندو آهي؟"

"مندر ۾ پوڄا ڪئي ويندي آهي".

"پوڄا ڇا هوندي آهي؟"

آئون چپ ٿي ويس. هن کي ڇا ٻڌايان ته پوڄا ڪنهن کي چوندا آهن. ڇو ته ڀڳوان ۽ خدا جو خيال ته تمام پوءِ جي ڳالهه آهي. ٻهرين ته ٻار کير پيئي ٿو. ماءُ جو چهرو ڏسي ٿو. گوڏن ڀر هلي ٿو پوءِ ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو ٻهريان لفظ جيڪي هو اُچاري ٿو اُهي آ، پا، امان، پاٽي، ماني ۽ رانديڪن جا نالا هوندا آهن ۽ پائرن پينرن جو پيار هوندو آهي. هن ننڍڙي جي ننڍڙي ۽ پياري دنيا ۾ پوڄا ۽ ڀڳوان جو خيال ڪو نه ٿو اچي. انهي لاءِ مون ٻارڙي کي چيو.

"مون کي به معلوم ناهي. اچ اندر هلي ڏسون ته پوڄا مندر ۾ ڪيئن ٿئي ٿي".

اسين مندر اندر هليا وياسين.

مندر جي ڀڳل ٽٽل عمارت ۾ ڪافي مورتيون ٽٽيون پيون هيون. باندرن جون مورتيون ۽ هاٿي گهوڙن جون مورتيون، بي حد خراب حالت ۾ ديوارن جي اوسي پاسي پيون هيون ۽ اُنهن تي گاهه ڦٽي آيون هو. مندر جي وچ ۾ جتي مورتي هئڻ گهرجي ها اُتي فقط پٿر جو ڪنول جو گل باقي بچيل هو. جنهن جي اندر جهرڪين پنهنجو آکيرو ناهي ڇڏيو هو. ان آکيري جي اندر تي ڏاڍا خوبصورت آنا پيل هئا. هيڊي رنگ جا ٿي آنا جن تي چمون رنگ جا نشان نهايت ئي خوبصورت لڳي رهيا هئا.

ٻارڙي خوشي ۾ رڙ ڪندي هڪ آني کي هٿ جي تري تي رکيو. ٻارڙو بي حد خوش هو ۽ خوشي ۾ ٽپا ڏئي رهيو هو ۽ آني کي پيار ڪري رهيو هو هن ڪنهن مهل اُن کي چميو ٿي، ڪنهن مهل ڳل سان لڳايائين ٿي ۽ ڪنهن مهل خوش ٿي منهنجي طرف ڏٺئين ٿي، ڄڻ هن کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو خزانو ملي ويو هجي. هن جي خوشي مون تائين پهتي ۽ منهنجي دل به عجيب خوشي جي جذبي سان ٽمٽار ٿي ويئي.

ٿوري دير ڪان پوءِ ٻارڙي ان آني کي کڻي پنهنجي ڇڏي جي کيسي ۾ رکي ڇڏيو. هاڻ هو ٻيو آنو کڻڻ تي لڳو ته مون هن کي روڪي ورتو.

"ڇو؟" ٻارڙي پڇيو.

“هي آنا اسان جا ناهن. هي آنا هن مندر جا آهن”

ٻارڙي پڇيو. “ڇو هي پوڄا جا آنا آهن؟”

“ها” مون خوش ٿي چيو “هي پوڄا جا آنا آهن.

“انهن آنن کي آڪيري ۾ رکي اچ. پوءِ هڪ جهرڪي گانو ڳائيندي ايندي ۽ اُنهن کي پرن ۾ سميٽيندي ۽ پوءِ هوءِ وري گيت ڳائيندي..... ۽ مندر جي ٿنل ڇت مان آسمان مسڪرائيندو. پوءِ هن جي پرن جو پاند پيار ۽ سونهري خوشي سان ڀرجي ويندو”.

ٻارڙي خوش ٿي چيو ۽ “تڏهن پوڄا پوري ٿي ويندي؟”

“ها پوءِ پوڄا مڪمل ٿي ويندي”.

ٻارڙي کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ هن آنن کي واپس آڪيري ۾ رکي ڇڏيو. هن کي هي پوڄا گهڻي پسند آئي. مون کي بہ صحيح معنيٰ ۾ اڄ ئي معلوم ٿيو تہ پوڄا صرف ڀڳوان کي نٿو چئجي. پوڄا ماءُ کي بہ چئبو آهي، تخليق جي عمل کي بہ چئبو آهي ۽ زندگي جي پيار کي ڪوٺبو آهي.

ٻارڙو هلي هلي هاڻي ٿڪجي پيوهو. مون هن کي هنج ۾ کڻي ورتو ۽ هلندي هلندي هن کي پرين جي ديس جي، هڪ خوبصورت خواب جهڙي ڏنڌلي ڏنڌلي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳس. جنهن کي ٻڌندي ٻڌندي ٻارڙو منهنجي ڪلهي تي سمهي رهيو.

پوءِ واپس اچي مون بيرن جي گهاٽي جهڳٽي مان هن جو ٿيلهو کڻي ۽ ڪلهي ۾ پاتو. جيئن ئي منهنجي ٻارڙي جي چهري کي ٻيهر ڏٺو تہ مون کي هنجو چهرو پرسڪون ۽ پر اُميد محسوس ٿيو ۽ اُن جي معصوم چهري ۾ مون کي پنهنجو عڪس نظر آيو ۽ مون کي اُهو ڏينهن ياد آيو جڏهن آئون اهڙي طرح هڪ اونداهي اسڪول ۽ هڪ ظالم اُستاد جي ڊپ کان اسڪول مان ڀڳو هوس. ۽ پوءِ مون کي پنهنجي زندگي جون گهڻيون ئي تلخ ڳالهيون ياد آيون. جن جي منجهيل ڪنڊيدار راهن تان گذري لکين ٻارن جا پير ڦٽجي پيا هئا. اُهي ڏينهن رات جي طرح ڪارا هئا. اُهو موتي، جيڪو لالچي طوطي پنهنجي اکين ۾ لڪايو هوءِ اُها تصوير جنهن کي ڪوڙهہ جي ماريل هٿن داغدار بنايو هو. ڪيترين ئي ڏکيون تلخ ڪهاڻيون هيون جيڪي ٻالڪپڻي جي چهرن تي لڪيرنءِ جهرين جو هڪ ڏکهو ڄار ڦهلائي هليون ويون هيون.

ڇون ٿا تہ پرين جي ديس ۾ هر هڪ جي خواهش پوري ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن اِها حقيقت آهي تہ آئون اُن پرين جي ديس جي ٻارڙي کي هنج ۾ کڻي پنهنجي خوشي جو اظهار ڪريان ٿو ۽ چاهيان ٿو تہ ان ٻار جي ڪهاڻي اسان جي نسل جي ڪهاڻي کان مختلف هجي. ان جي ڪهاڻي هڪ اهڙي زماني جي ڪهاڻي هجي، جنهن ۾ ٻارڙو پنهنجو چهرو ڏسي سگهي ۽ ٻارڙن جيان مسڪرائي سگهي.

اُن کان پوءِ آئون پنهنجي ننڊ ستل ٻارڙي کي چمي ڏيان ٿو ۽ هن کي ڳلي سان لڳائي گهر جي طرف هلي پوان ٿو.

اڄ آسمان گهرو نيرو آهي ۽ منهنجي سيراندي ڀرسان گلاب جو گل آهي.

# بي نام رشتا

**اڄوڪي** رات پنهنجي هئي. هونءَ بہ جڏهن ڪيسو خالي هوندو آهي تہ سڄي رات پنهنجي محسوس ٿيندي آهي ۽ جڏهن ڪيسي ۾ پئسا هوندا آهن تہ سڄي رات پرائي محسوس ٿيندي آهي. اُها رات ميرين ڊرائيون تي ٽڙڪندڙ گاڏين جي معلوم ٿيندي آهي. رنگين فليٽن جي پاسندي آهي. ايمبيسڊر هوٽل جي ڇت تي نچندڙ نازنين جي پاسندي آهي. پر اڄوڪي رات بلڪل پنهنجي هئي. اڄوڪي رات، اُپ جا سڀ تارا پنهنجا هئا ۽ بمبئي جون سڀ گهٽيون ۽ رستا پنهنجا هئا. جڏهن ڪيسي ۾ ڪجھ ڏوڪڙا هوندا آهن تہ سڄو شهر پاڻ تي ڇانئيل لڳندو آهي. هر شيءِ گهوريندي آهي. ڏڪا ڏيندي آهي، پنهنجو پاڻ ڪان پري رهڻ تي مجبور ڪندي آهي. خسيس پتلون ڪان وٺي ريڊيو گرام تائين، چوندو آهي مونڪان پري رهہ. پر جڏهن جيب ۾ هڪ پائي بہ نہ هجي تہ اُن وقت سڄو شهر پنهنجي لاءِ جڙيل لڳندو آهي. اُن جي هر پٿر، هر گهٽي، هر موڙ ۽ بجليءَ جي هر ٿنڀي تي لکيل هوندو آهي، ”ٽاٽ جوڪيئي ۽ مست ليڪ لاءِ جوڙيل.“ اُن ڏينهن نہ ٻڌجڻ جو ڊپ هوندو آهي نہ گاڏين هيٺان اچڻ جو ۽ نہ هوٽل ۾ ڪائڻ جي ڳڻتي. هڪ اٽڪت بي فڪري ۽ بي انت بک جي مستي، جيڪا ڪيترن ئي ميلن تائين پکڙيل هوندي آهي. اُن رات آءٌ پاڻ ڪونہ هلندو آهيان، پر اُن رات جو مونکي بمبئي جا رستا کلهن تي کڻي هلندا آهن. گهٽين جا موڙ بازارون ۽ وڏين عمارتن جون اونداهيون ڪنڊون مونکي ڪوٺ ڏينديون آهن، ”هيڏانهن اچ، اسانکي ڏس، اسان سان مل، دوست تون هن شهر ۾ اٺن سالن کان رهين ٿو پر اوپرن وانگي اکيون ڦيري وڃين ٿو. هيڏانهن اچ، اسان سان هٿ ملائي.....“

اڄوڪي رات پنهنجي هئي. اڄ ڪنهن جو بہ ڊپ نہ هو. ڊپ تہ ان کي ٿيندو آهي جنهن جي ڪيسي ۾ پئسا هوندا آهن. هن خالي ڪيسن واري ملڪ ۾ پريل ڪيسن وارن کي ڊپ ٿيڻ گهرجي. مون وٽ ڇا هو جو ڪير ڦري؟

ٻڌو اٿم تہ حڪومت هڪ قانون ناهي رکيو آهي، جنهن تحت ٻارهين وڳي کان پوءِ روڊن تي گهمڻ منع آهي. ڇو؟ ڇا ڳالھ آهي؟ رات جو ٻارهين وڳي کان پوءِ بمبئي ۾ ڇا ٿيندو آهي، جنهن کي هو مون کان لڪائڻ ٿا چاهين؟ آءٌ تہ ضرور روڊن تي گهمندس، ڪٿي اُن جو ڪھڙا بہ نتيجا نڪرن. اڄ آئون هر حال ۾ پنهنجن دوستن سان ملندس.

اهوئي سوچي، آئون چرچ گيٽ جي سامهون وارو رستو پار ڪري يونيورسٽي گرائونڊ ۾ داخل ٿيس. اتان کان وري فلورافائونٽين وڃڻ جو جو خيال هو. ميدان مان گذرندي ڏٺم تہ هڪ ڪنڊ ۾ ڪجھ ڇوڪرا، گول دائري ۾ ويٺل هئا ۽ ڪجھ ڳائي رهيا هئا.

تنهنجو منهنجو پيار ٿي ويو
تنهنجو منهنجو
منهنجو تنهنجو
تنهنجو منهنجو پيار ٿي ويو.

هڪ ڇوڪرو، وات مان بانسري جو آواز ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ ٻيو ڪاٺ جي پيتي کان طبلي جو ڪم وٺي رهيو هو ۽ باقي ڇوڪرا گاني جي لئه تي تاڙيون وڄائي رهيا هئا. سڀ خوشي مان ڪنڌ لوڏي رهيا هئا. مون اُنهن کان پڇيو. "ياءُ ڪريو خبر. ڪنهن جو ڪنهن سان پيار ٿي ويو؟"

هو گانو بند ڪري گهڙي پل لاءِ مونکي ڏسڻ لڳا. خبر ناهي ته آئون ماڻهن کي ڏسڻ ۾ ڪيئن ٿو لڳان؟ پر ايتري سا خبر اٿم ته، هڪ پيري ڏسڻ ۽ ملڻ سان ماڻهو مونسان هري مري ويندا آهن. ايتريقدر جو پنهنجي زندگي جا ڳجهه ۽ پنهنجي ننڍڙي سنسار جون هڙ تصويرون ۽ پنهنجي دل جا سڀ درد، مون سان سلڻ لڳندا آهن. منهنجي چهري ۾ ڪو به رعب ۽ دٻدٻو ناهي، منهنجي لباس ۾ ڪا به چمڪ ڏمڪ ناهي ۽ نه ئي اها رونق جيڪا ڪاري شيرواني ۽ سرخ گلابي گل ۾ يا ڪمپليٽ سوٽ ۾ هوندي آهي. بس پيرن ۾ معمولي چپل هوندي آهي ۽ اُن جي مٿان چوڙيدار پاجامو ۽ اُن جي مٿان بافتي جي قميص، جيڪا اڪثر پنن کان ميري هوندي آهي. ڇو جو هڪ ته مونکي جهڳيءَ ۾ پٽ تي سمهڻ جي عادت آهي، ۽ ٻي خرابي مون ۾ اها آهي ته جتي به ويهندو آهيان، پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهندو آهيان. اها ٻي ڳالهه آهي ته منهنجي زندگي ۾ اڪثر ميريون پٽيون ڪجهه جهجهيون ئي اينديون آهن ۽ صاف سٿريون پٽيون تمام گهٽ. ڪم بخت قميص ڪلهن کان جهٽ ڳري وڃي ٿي ۽ ڪلهن وٽ توهان کي ٽانڪا به گهڻا نظر ايندا. ڇو ته ٽانڪو نالو ئي آهي ڦاٽل ڪپڙي جي ٻن ڪنارن کي ڳنڍڻ جو. ڦاٽل ڪپڙن کي ته بار بار ٽانڪڻ اسان جي وس آهي، پر شيرواني تي، گلاب جي گل کي ٽانڪڻ اسان پارن جي وس جي ڳالهه ناهي. اُن ٽانڪي ۾ ۽ هن ٽانڪي ۾ ايڏو فرق ڇو آهي؟

اِهو سچ آهي ته به انسان هڪ جهڙا ناهن ٿيندا. هڪ مُنهن مهانڊي جا نه ٿيندا آهن. بمبئي ۾ ڏينهن رات مختلف چهرا ڏسندو آهيان. لڪين مختلف چهرا. پر ايئن ڇو آهي جو سيني جي ڪلهن تي اهي ٽانڪا لڳل هوندا آهن. لڪين ٽانڪا، ڦاٽل زندگي جي ڪنارن کي ملائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪن ٿا. هڪ نقاد منهنجا افسانا پڙهي چيو ته، اُنهن ۾ ڪنهن به انسان جو چهرو نظر نٿو اچي. ها مون ۾ اها ئي خامي آهي جو آئون پنهنجي ڪردارن جو چهرو نٿو ڏيکاريان. آءٌ اُنهن جي ڪلهن جا ٽانڪا ڏيکاريان ٿو. ٽانڪا مونکي انسان جي اندر جو چهرو ڏيکارين ٿا. انهن جي ڏينهن رات جي ڇڪتاڻ ۽ محنت جو ڳجهه ٻڌائين ٿا، جنهن بنا زندگي جو ڪو به ناول، ۽ سماج جو ڪو به افسانو مڪمل نٿو ٿئي. مونکي ان ڳالهه تي خوشي آهي ته، منهنجو چهرو ڏسي ڪو مون کي ڪلرڪ ٿو سمجهي ته، ڪو ڪٻاڙي، ڪو گهورڙيو ٿو سمجهي ته ڪو حجام. اڄ تائين ڪنهن به مونکي وزير يا ڪاٽڪو ناهي سمجهيو. مون کي ان ڳالهه تي به خوشي آهي ته، آئون اُنهن لکن ڪروڙن ماڻهن مان هڪ آهيان، جيڪي بنا ڪنهن حجاب ۽ بنا ڪنهن رسمي تعارف يا سڃاڻپ جي، هڪ ٻئي سان رلي ملي وڃن ٿا.

هتي به هڪ پَل جي هٻڪ ڪانسواءِ، اُهي مون ڏانهن ڏسي کليا.

هڪ ڇوڪري مونکي چيو "اڄ دوست! اڄ هتي ويهه ۽ جيڪڏهن اسان سان گڏ ڳائڻ چاهين ته ڳاءِ!"

ايئن چوندي اُن سنهڙي ڇوڪري پنهنجو ڪنڌ لوڏي وار پوبان ڪيا ۽ ڪاٺ جي پيٽي جو طبلو وڄائڻ لڳو. اسين سڀ گڏجي وري ڳائڻ لڳاسين.

تنهنجو منهنجو.

منهنجو تنهنجو.

پيار ٿي ويو.

اوچتوئي ساڳئي سنهڙي ڇوڪري، طبلو وڄائڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي پرسان ويٺل ساٿي کي، جيڪو پنهنجو منهن گوڏن ۾ هٽي ويٺو هو ٺوڪر هنئي.

"چنڊا مڏو بالا! تون ڇو نٿو ڳائين؟"

مڏوبالا پنهنجو منهن وڏي تڪليف سان گوڏن مان ڪڍيو. هن جو چهرو ادا ڪاره مڏو بالا جهڙو خوبصورت نه هو. منهن ڪان وٺي ڪاپي هٽ جي ٺونٺ تائين، باهه سان جلڻ جو هڪ وڏو نشان اپريل هو. هن جي چهري تي، ڏک ۽ پيڙا جا آثار چٽا نظر اچي رهيا هئا. هن جي ننڍين ننڍين اکين ۾ جيڪي هن جي چهري ۾ ڪنڊرن جيان لڳيون ٿي، انتهائي اُداسي ۽ پريشاني نظر اچي رهي هئي. هن پنهنجا چپ پيڙي طبلي وڄائيندڙ ڇوڪري کي چيو "چنڊا مونکي ڇڏ، منهنجي پيٽ ۾ سور ٿو پوي."

"ڇو سور پيو اٿئي؟ تو وري ايراني پلاءُ ته ناهي کاڌي؟"

مڏو بالا ڏک مان ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.

"ڇو کاڌئي نيا ڳا؟"

"ايراني پلاءُ نه کاڻ ها ته ٻيو ڇا کاڻ ها؟ اڄ فقط ٽي جوتا جو پالش ڪيا هئم."

هڪ ٻئي ڇوڪر، جيڪو عمر ۾ سڀني کان وڏو ٿي نظر آيو ۽ جنهن جي ڪاڏيءَ تي ڏاڙهيءَ جا ڪجهه وار نڪري آيا هئا ۽ مٿي جا وار پرن تائين پڪڙيل هئا، پنهنجي نڪ کي موڙو ڏيندي چيو "اڙي چنڊا اُٿي ڊوڙ پاءِ. هل ته آءٌ به توسان گڏجي ڊوڙان ٿو. ٻن چڪرن ۾ سور لهي ويندئي."

"ڇڏ چنڊا رهڻ ڏي."

"اُٿ چنڊا نه ته ٿڦ وهائيندو سانءِ."

مڏوبالا هٿ ٻڌي چيو: "ڪِڪو رهڻ ڏي. آءٌ توکي منٿ ٿو ڪريان، هي پيٽ جو سور ئي مون لاءِ نيڪ آهي."

"چنڊا چوانءِ ٿو اُٿ، ڇوته اسان جي سنگت کي ٽِڪو لڳائين." ايئن چوندي، ڪِڪو هٿ وڌائي مڏوبالا کي اُٿاريو ۽ ٻئي يونيورسٽي گرائونڊ ۾ ڊوڙڻ لڳا.

پهرين ته آءٌ ٻنهي کي، ڊوڙندو ڏسندو رهيس ۽ پوءِ جڏهن منهنجي ويجهو ويٺل ڇوڪري مٿو ڪنهندي ڳالهايو "چنڊي ايراني پلاءُ به وڏي مصيبت آهي. کائو ته به مصيبت، نه کائو ته به مصيبت."

مون چيو "ايراني پلاءُ ته مزيدار ٿيندي آهي اُن سان پيٽ ۾ سور ڇو ٿو پوي."

منهنجي ڳالهه ٻڌي، سڀني کان ٿهڪ نڪري ويا. هڪ ڇوڪرو جنهن جو نالو ڪلديپ ڪورهو ۽ جنهن کي ڪڇو ۽ بشرٽ پاتل هو موڏانهن نهاري کلندي چيو "لڳيم ٿو ته، تو ڪڏهن ايراني پلاءُ ناهي کاڌي؟"

ڪلديپ ڪور پنهنجي بشرٽ جا بٽڻ کوليندي مونکي ٻڌايو "ايراني پلاءُ هنن ڇوڪرن جو خاص اصطلاح آهي. اهي سدائين اهو پلاءُ ناهن کائيندا. پر جنهن ڏينهن ڪنهن ڇوڪري کي پالش جو ڪم گهٽ ملندو آهي، اُن ڏينهن هن کي اهو پلاءُ کائڻو پئجي ويندو آهي ۽ اهو پلاءُ سامهون واري ايراني هوٽل مان رات جو ٻارهين وڳي کانپوءِ ملندو آهي. جڏهن سڀ گراهڪ کائي پي وڃي چڪا هوندا آهن. سڄي ڏينهن جي کاڌي ۾، گراهڪ پليٽن ۾ جيڪي به ڊبل روٽي جا ٽڪرا، گوشت ۽ چوسيل هڏيون، چانور ۽ ٻيون شيون بچائيندا آهن، سي گڏ ڪري، اُن کي ملائي پلاءُ ٺاهيو ويندو آهي، ۽ ٻه آنا في پليٽ جي حساب سان بورچي خاني جي پوئين در وٽ وڪيو ويندو آهي. ان کي ئي اسين ايراني پلاءُ ڪوٺيندا آهيون. ان پلاءَ کي هن علائقي جا غريب ماڻهو به کائڻ پسند ڪونه ڪندا آهن. تڏهن به هر روز سوين پليٽون وڪامنديون آهن. گراهڪن ۾ گهڻا تڻا بوٽ پالش وارا، فرنيچر ڍوئڻ وارا، گراهڪن لاءِ ٽيڪسي آڻڻ وارا ۽ پير پاسي جي بلڊنگن ۾ رهندڙ نوڪر، ۽ ٺهندڙ بلڊنگن ۾ ڪم ڪرڻ وارا مزور شامل هوندا آهن."

مون ڪلديپ ڪور کان پڇيو "تنهنجو نالو ڪلديپ ڪور ڇو آهي؟"

ڪلديپ ڪور بشرٽ لاهي ڇڏيو ۽ گاهه تي ڏاڍي مزي سان ليٽي پنهنجي ڪاري پيٽ تي هٿ ڦيريندو رهيو ۽ منهنجي ڪيل سوال تي کلندو به رهيو. ۽ جڏهن کلي بس ڪيائين، ته پنهنجي هڪ ساٿي کي سڏيندي چيائين، "منهنجي پيتي کڻي اچ." سندس ساٿي ڪيس پيتي آڻي ڏني. ان پيتي ۾ جيتريون به پالش جون ننڍيون وڏيون دٻيون هيون، اُنهن سڀني تي نرگس جون تصويرون لڳل هيون. جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن مان ڪٽيل هيون.

ڪلديپ ڪور چيو "هي چندو نرگس پالش ڪندو آهي. هو نمي ۽ هو وري ثريا . اسان ۾ جيڪي به پالش وارا آهن سڀ ڪنهن نه ڪنهن فلم اداڪارا جون تصويرون ڪٽي پالش جي دٻين تي لڳائيندا آهن ۽ اُن جي نالي تي پالش ڪندا آهن."

"ڇو؟"

چندا گراهڪ انهن ڳالهين مان ڏاڍا خوش ٿيندا آهن. اسين انهن کان پڇندا آهيون، "صاحب ڪهڙي پالش هڻون؟ نرگس، ثريا يا مڌوبالا؟" ۽ پوءِ جيڪو گراهڪ جنهن اداڪاره کي پسند ڪندو آهي ان جي پالش هڻڻ لاءِ چوندو آهي ۽ اسين گراهڪ کي، ان ڇوڪري جي حوالي ڪندا آهيون، جيڪو اُن اداڪارا جي پالش هڻندو آهي. اسين پاڻ ۾ اٺ ڇوڪرا آهيون، ۽ چرچ گيٽ تي هن اسٽينڊ جي پويان ويهندا آهيون. جنهن وٽ جنهن اداڪاره جي پالش آهي، اُهو ئي اُن جو نالو آهي. ايئن ڪرڻ سان اسان جو ڌنڌو سنو ٿيندو آهي ۽ ڪم ڪرڻ ۾ مزو به ايندو آهي."

مون پڇيو، "تون بس اسٽاپ جي فوٽ پاٿ تي، ايراني هوٽل جي سامهون ويهين ٿو. توکي پوليس وارا تنگ نٿا ڪن؟"

ڪلديپ ڪور اونڌو ليٽيل هو ۽ هاڻ سڌو ٿي ويٺو. هن پنهنجي هٿ جي آڱوٺي کي آڱر سان دٻائي هڪدم ايئن لهرايو جڻ ته فضا ۾ ئي اڇلائڻو هجيس "اهي چندا ڇا تنگ ڪندا؟ هن پٽ تي جيڪو به سمهندو آهي اُن لاءِ انهن کي هڪ پئسو ڏيندو آهي." اهو چئي ڪلديپ ڪور فضا ۾ آڱوٺي

سان خيالي اٿ آني اُڇلي، ۽ فضا ۾ نهارڻ لڳو. وري ٻئي هٿ کولي اُن اٿ آني کي جهٽي ورتائين. ڪلديپ ڪور ڪرب وچان کلي ڏنو. هن وڏيڪ ڪجهه ڪونه ڳالهيو ۽ وري چپ چاپ ليٽي پيو.

نرگس مون کان پڇيو: "تون به هتي، دادر ۾ پالش ڪندو آهين؟ لڳي ٿو مون توکي ايراني هوٽل آڏو ڏٺو آهي؟"

مون چيو "ها مونکي به هڪ پالش وارو ئي سمجهه."

"ڇا مطلب؟" ڪلديپ ڪورهاٺي اُٿي ويٺو. هن مون ڏانهن گهوريندي چيو "چنبڙا سڌي ڳالهه ڇو نٿو ٻڌائين، ته ڪهڙو ڌنڌو ڪندو آهين؟"

هن مونکي چنبڙو چيو. مونکي ان جي چنبڙي ڪوٺڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي. ٻيو ڪير ايئن چوي ها ته، ڇني جو ڪير ياد ڏياري چڙيانس ها. پر جڏهن هن ڇوڪري مونکي چنبڙو چيو ته آئون ڏاڍو خوش ٿيس. ڇو جو هتي چنبڙو گار نه هئي. پر برادري جو لفظ هو. اُنهن مونکي برادري ۾ شامل ڪري ورتو هو. انهي لاءِ مون چيو "پائو هڪ لحاظ کان آئون به پالش وارو ئي آهيان. پر آئون لفظن جي پالش ڪندو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڇهرن کي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن پراڻي چمڙي کي چيري ڏسندو آهيان. ته اُن جي تهه ۾ ڇا آهي؟"

نرگس ۽ نمي هڪدم ڳالهيو. "ته چنبڙا تون گڙ ٻڙ گهوٽالو ڪندو آهين؟ صاف صاف ڇو نٿو ٻڌائين ته ڪهڙو ڌنڌو ڪندو آهين؟"

مون چيو "منهنجو نالو بشن آهي. آءُ ڪهاڻيون لکندو آهيان ۽ اخبارن ۾ وڪامندو آهيان."

"اُن جو مطلب آهي ته تون بابو آهين." نمي چيو.

نمي هنن سيني ۾ ننڍو هو. پر هنجي اکين ۾ ذهانت هئي ۽ جيئن ته هو اخبارون به وڪڻندو هو انهي ڪري ان جي مون ۾ دلچسپي وڌي ويئي. هن بلڪل منهنجي ويجهو ايندي چيو. "ڪهڙي اخبار ۾ لکندو آهين؟ فري پريس، ٽائيم يا بمبئي ڪرانيل؟"

مون چيو "آءُ شاهراهه ۾ لکندو آهيان."

"ساهراه وري ڪهڙي اخبار آهي؟"

"دهليءَ کان نڪري ٿي."

"دلي پريس مان؟" نميءَ جون اکيون پٽجي ويون.

"۽ هاڻ ادب لطيف ۾ لکندو آهيان." مون رعب وجهندي چيو.

ڪلديپ ڪور ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳو "ڇا چيئي بدبي خلطيف؟"

"اڙي نمي تون پنهنجو نالو مٽائي بدبي خلطيف رکي ڇڏ، ڏاڍو سٺو نالو آهي. جڏهن هنن سيني کلي دنگ ڪيو ته مون سنجيدگي مان چيو ته. "بدبي خلطيف نه پر ادب لطيف. لاهور کان نڪري ٿو ڏاڍو سٺو رسالو آهي"

نرگس بي پرواهي مان ڪنڌ لوڏيندي چيو "ها چنبڙا ضرور هوندو. ادب خطيف ئي هوندو. اسانجو ڇا وڃي؟ اسين اُن کي وڪڻي ٿوروئي پئسا ڪمايون ٿا؟"

ڪلديپ ڪورمون ڏانهن ڏسي وري کلڻ لڳو ۽ کلندي چيائين، "ها پر تون منهن مهانڊي مان

تہ پڙهيل ڳڙهيل ڪونہ ٿو لڳين. بلڪل اسان وانگي، بوٽ پالش وارو لڳين ٿو.”

پوءِ هو سڀ کلڻ لڳا. آءُ بہ انهن سان ٺهڪ ڏيڻ لڳس. ٻيو ڪو رستو بہ تہ ڪو نہ هو.

ڪلديپ ڪور کلندي کلندي هڪدم سنجيده ٿي ويو ۽ مون ڏانهن ڏسندي پڇيائين، “هڪ کهاڻي جي عيوض توکي ڇا ملندو آهي؟”

“بس! ايترو ئي جيترو توهان کي بوٽ پالش مان ملندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڪري ايترو بہ نہ ملندو آهي. جڏهن آئون لفظن تي پالش ڪري چڪو هوندو آهيان، تہ اخبار وارا مهرباني مجي مفت ڪٽي ويندا آهن ۽ ان سان پنهنجي اخبار يا رسالي کي چمڪائيندا آهن.”

“تہ پوءِ نلهي مغزماري ڇو ٿو ڪرين؟ اسان وانگي بوٽ پالش ڇو نٿو ڪرين؟ سچ ٿو چوان تہ اسانجي برادري ۾ هليو آ، باقي تنهنجي ئي کوٽ هئي. تنهنجو نالو بدلائي بدبي خلطيف رکنداسين. ڪيئن ٺيڪ آهي نہ؟ تہ پوءِ هٿ ملائي.”

مون ڪلديپ ڪور سان هٿ ملايو.

ڪلديپ ڪور چوڻ لڳو “پر چار آنا هر روز پوليس واري کي ڏيڻا پوندئي.”

“۽ جي ڪڏهن ڪنهن ڏينهن چار آ نہ هجن تہ پوءِ؟”

“پوءِ جي اسانکي خبر ناهي. باقي چار آنا سو پوليس واري کي ڪيئن بہ ڪري ڏيڻا پوندا. اُن جي لاءِ ڪٽي ڏاڙهو هٽڻو پوي تہ بہ هٽڻو پوندو ۽ مهيني سوا بہ ڏينهن جيل ۾ بہ رهڻو پوندئي.”

“چنبا سو وري ڇو؟”

“اها اسانکي خبر ناهي. پوليس واري کي اسين هر روز چار آنا ڏيندا آهيون، تہ بہ ڪڏهن ڪڏهن اسان کي پڪڙي وٺي ويندو آهي. چوندو آهي اسين ڇا ڪريون. قانون جي خانا پورائي ڪرڻ لاءِ، اسان ايئن ڪرڻ لاءِ مجبور آهيون.”

مون چيو “ٺيڪ آهي بہ ڏينهن جيل ۾ بہ رهي وٺبو.”

ڪلديپ ڪور چيو “۽ مهيني ۾ هڪ ڀيرو توکي ڪورٽ ۾ بہ وڃڻو پوندو. اُتي تنهنجو چالان پيش ٿيندو ۽ ڪورٽ جو ڏنڊ بہ ڀرڻو پوندو. يعني ٻن کان ٽن پئسن تائين اُهي بہ ڏيڻا پوندا.”

“اِهي وري ڇو؟ جڏهن ڏهاڙي چار آنا پوليس واري کي ڏيندس تہ پوءِ ڏنڊ ڇا جو ڀرڻو پوندو؟”

“اڙي چنبا! پوليس کي بہ تہ پنهنجي ڪار گذاري ڏيکارڻي پوي ٿي. تون سمجهين ڇو نٿو بدبي خلطيف.”

مون اک پچندي ڪلديپ ڪور کي چيو “چنبا سڀ سمجهان ٿو.” اسين سڀ کلڻ لڳاسين. ايتري ۾ مڏوبالا ۽ ڪڪو ميدان مان چڪر ڪاٽي واپس موٽي آيا.

“پيٽ جو سور لهي ويو؟” مون مڏوبالا کان پڇيو.

“سور تہ لهي ويو پر هاڻ بک پئي چڪ هڻي.” مڏوبالا وراڻيو.

“۽ مونکي بہ” نرگس بہ رڙ ڪئي.

“تہ ڇا وري ايراني پلاءُ؟” نمي ڪنڌ لوڏيندي چيو.

“وري پيٽ ۾ سور پوندو. وري ميدان جا چڪر ۽ وري بک.” ڪلديپ ڪور تلخي مان چيو.

”آءٌ بہ پئسا ڏيئي سگهان ٿو.“ نمي آڇ ڪئي.

”آنڪ منهنجي طرفان.“ مون موٽ ڏني.

سڀ ملائي چار آنا ٿيا. نمي کي ايراني پلاءُ وٺڻ لاءِ موڪليو ويو. اسان ۾ هو سڀني کان ننڍو هو ۽ ايراني هوٽل جو بورچي کيس پسند بہ ڪندو هو. ان ڪري ممڪن هو تہ هو نمي کي ڏسي، ٻن پليٽن جي بجاءِ ٽي، يا گهٽ ۾ گهٽ ٽن پليٽن جيترو پلاءُ ڀري ڏي.

نمي جي وڃڻ کانپوءِ مون پڇيو ”توهين روزانہ هتي سمهندا آهيو؟“

”مڏوبالا کانسواءِ ٻيا سڀ.“ ڪڪو چيو ”مڏوبالا روز پنهنجي گهر ويندو آهي پر اڄ ناهي ويو.“

مون مڏوبالا کان پڇيو. ”تنهنجو گهر آهي؟“

”ها، سائيٽ ايريا ۾ جهوپڙي آهي. جتي امان سان گڏ رهندو آهيان.“

”۽ بابو؟“

”بابي جي مونکي کهڙي خبر، هوندو ڪو چنبو سامهون واري بلڊنگ جو مالڪ.“ مڏوبالا وراڻيو.

اوچتو سڀ چپ ٿي ويا، ڇڻ سندن منهن تي ڪنهن ٿڦ وهائي ڪڍي هجي. هي ڇوڪرا بي گهر هئا. بنا ڪنهن سهاري بنا ڪنهن نالي. هنن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ پائڻ واري محبت کي ڏنن ۾ جهونگارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

”تنهنجو منهنجو پيار ٿي ويو.“

”ڪٿي آهي تنهنجو پيار؟ اي منهنجا پيء؟ او منهنجي ماءُ؟ او منهنجا ڀاءُ؟ تہ پوءِ تو ڇالاءِ مونکي جهان ۾ آندو؟ ۽ هنن سخت ۽ بي رحم ٽيڪس مڙهيل فٽ پاٿن تي ڏکن کائڻ لاءِ اُڇلي ڇڏيو؟“

گهڙي پل لاءِ ڇوڪرن جا سوالي چهرا ڪنهن اَڻ ڏٺي ڊپ کان هيسجي ويا ۽ هو هڪ ٻئي سان ڏاڍو زور سان چهٽي پيا. ڇڻ ڪنهن کي ڪٿان بہ ڪو آسرو نہ مليو ڇڻ انهن کي شهر جي هر وڏي عمارت، ۽ هر فٽ پاٿ تي هلڻ وارو نوڪر ماري رهيو هجي ۽ اُنهن کي رات جي اونداهہ ۾ هڪ ٻئي کي مضبوط جهلڻ لاءِ مجبور ڪيو هجي.

مونکي اهي اُن وقت ايئن ڊنل لڳا جيئن ٻولا ٻالا، ڪنهن اَجاتل ۽ اَڻ ڪٽ جهنگل ۾ وڃائجي ويا هجن. ان ڪري بمبئي بہ مونکي ڪڏهن ڪڏهن شهر نہ پر جهنگل لڳندو آهي. جنهن ۾ معاشري جو بي نام اولاد روڊن جي رنگينين ۾، پنهنجو رستو ڳوليندو آهي ۽ جڏهن اُنهن کي رستو نہ ملندو آهي تہ هو اکيون بند ڪري وڻ جي هيٺان ويهي رهندا آهن... ۽ وري سوچڻ لڳندو آهيان تہ نہ ايئن بہ ناهي. بمبئي جهنگل نہ، پر هڪ شهر آهي. ماڻهو چون ٿا اُن جي هڪ ميونسپل ڪارپوريشن آهي. اُن جي هڪ حڪومت آهي. بازارون آهن، گهٽيون آهن، دڪان آهن، رستا آهن ۽ اهي سڀ هڪٻئي سان ايئن جڙيل آهن، جيئن هڪ مهذب ۽ تمدن واري شهر ۾ شيون هڪ ٻئي سان جڙيل ۽ ڳنڍيل هونديون آهن.

آءٌ اهو سڀ ڄاڻان ٿو. بمبئي جي رستن ۽ گهرن جي خبر اٿم. ۽ اُنهن جي عزت ۽ احترام ڪريان ٿو. پر اُن عزت ۽ احترام ۽ محبت جي باوجود بہ مونکي بمبئي شهر ۾ اهڙيون اٽڳٽيون گهٽيون

نظر اچن ٿيون، جن مان ٻاهر نڪرڻ جو ڪون بہ گس ناهي. ڪيترا اهڙا رستا آهن، جن کي پنهنجي منزل جي خبر ئي ناهي. ڪيترائي اهڙا ٻارڙا آهن، جن کي پنهنجي گهر جي خبر ئي ناهي.

ان خاموشي کي نمي جي واپسي ٽوڙيو.

هو ڊوڙندو ڊوڙندو اسانجي ويجهو آيو. هن جي هٿ ۾ ايراني پلاءُ جون ٽي پليٽون هيون، جن مان گرم گرم ٻاڦ نڪري رهي هئي. جڏهن هن پليٽون ڪٽي ڇپر تي رکيون، تہ اسانجي نظر نمي جي ڇهري تي پئي. نمي جي اکين ۾ لڙڪ هئا.

”ڇو ڇا ٿيو؟“ ڪلديپ ڪور پڇيو.

نمي ڪاوڙ مان چيو، ”بورچيءَ هتي ڏاڍو زور سان چڪ پاتو آهي.“ نمي پنهنجو ساڄو ڳل اسانجي طرف ڪيو.

نمي جي ڳل تي وڏو نشان هو.

ڪلديپ ڪور بورچي کي گاريون ڏيندي چيو، ”حرامزادو پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو؟“ ۽ پوءِ هو سڀ ايراني پلاءُ کائڻ کي لڳي ويا.

❊❊❊

# جبل مٿي جوڀن

**جبل** مٿي تلاءُ هو. جتان شهر جو ڏيک من مهٽو ۽ دل لپائيندڙ لڳو ٿي. ننڍڙو جابلو شهر، گهرن جون ٽين جون ڇتيون اُس ۾ چانديءَ جيان چمڪيون ٿي. شوالن جا رنگين ڪلس، رستا جن تي ميرانجهڙي هيڊي رنگ جي بجري وڇايل هئي ۽ جن جي ٻنهي پاسي ڪان سرنهن ۽ ٽالين جا وڻ بيٺل هئا. باغ آڙن ۽ زردالن سان سٽيل هئا. انهن سيني گڏجي هن ننڍڙي واديءَ جي سونهن ڪي وڌائي ڇڏيو هو. جيڪا اتر اولهه جي جابلو سلسلي جي هڪ گهاٽي ڊنڊ جي چادر ۾ ويڙهيل هئي. پهاڙ جي هنج ۾ بام جي وڻن جو هڪ وڏو جهڳٽو هڪ ڊگهي ۽ ڦهليل ڪيت تي ڇانوءَ ڪري رهيو هو. ڪيت جي وچ ۾ پٿر جا ٻه ڊيگا تراشي بيهاريل هئا ۽ اُهي ان بلندي تان خوبصورت رانديڪن جيان ڏيکائي ڏنا ٿي.

مون انهن ٻن ڊيگن ڏانهن ڏسندي تلاءَ جي چوڪيدار کي چيو "فيروز ڏاڍو افسوس ٿيو جڏهن اسان اها نياڻي خبر ٻڌي... ٿيون ڏينهن ڊاڪٽر ساجد وٽ وينو هوس ته ڪنهن مون کي ٻڌايو ته تنهنجو ٻارڙو تلاءَ ۾ ٻڏي مري ويو. ڇا ٻڌايان بس اهو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. ان ڪارڻ اسين سڀ (پنهنجن دوستن ڏانهن اشارو ڪندي) ڪالهه هتي تلاءَ تي ترڻ لاءِ ڪو نه آياسين. هڪ ٻه ڀيرا دل چاهيو ته هلو هلون، شايد اسان جي چند رسمي ڳالهين سان تنهنجي دل کي تسڪين ٿئي، پر اسان جون طبيعتون ئي ڪجهه اهڙيون اُداس ۽ رنج هاڻيون ٿي پيون هيون جو ايڏانهن قدم ئي نه هلن".

فيروز چنار جي وڻ کي ٽيڪ ڏيندي چيو "صحيح ٿا چئو بابوجي، ڪلهه مون سوچيو پي ته بابوجي چو ڪو نه آيا. آئون غريب ته آهيان پر پوءِ به مون کي اُميد هئي ته توهان ضرور ڏک ونڊڻ ايندا ۽ منهنجو حوصلو وڌائيندا".

جڳديش چيو "بس اِها ئي ڳالهه هئي (منهنجي طرف اشارو ڪندي) جيڪا هن ٻڌائي ڇڏي آهي".

دت چيو، "هاها پلا نه اچڻ جو بيو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو".

سرجيت پڇيو "پر اهو ٿيو ڪيئن؟"

فيروز هڪ آهه ڀريندي چيو "بابوجي ڇا ٻڌايان ته اهو ڪيئن ٿيو؟ ڪهڙي طرح منهنجو ننڍڙو لال ڏسندي ڏسندي هميشه لاءِ منهنجين اکين کان اوجهل ٿي ويو. آئون اڃان تائين ان امر کي سمجهي نه سگهيو آهيان ته هن کي موت ڇو آيو؟ پلا اهو به ڪو موت آهي؟ جيڪڏهن هن کي مرڻو ئي هو ته ڀهرين بيمار ٿئي ها، آئون هن جو علاج ڪرايان ها. ڊاڪٽرن، حڪيمن ۽ پنسارين وٽ ڪٽي وڃان ها. اُنهن کي هٿ ٻڌي عرض ڪريان ها. خدارا منهنجي پٽ جو سٺي نموني علاج ڪريو. اسين ٻيئي زال مڙس راتيون جاڳي ڪاٽيون ها. سارو ڏينهن هن جي سيراندي کان وينا هجون ها. هن جي ذري ذري فرمائش پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ها. هو ڪيترن ئي ڏينهن کان ربڙ جي رانديڪي لاءِ ضد ڪري رهيو هو. هائي! مون هن کي ربڙ جو رانديڪو ڇو نه وٺي ڏنو؟. مون هن کي اهو چئي ٽاري ڇڏيو ته ايندڙ پگهار تي وٺي ڏيندس. ڪهڙي خبر هئي ته جڏهن پگهار ايندو ته منهنجو پٽ رانديڪي

سان ڪيڏڻ لاءِ موجود نہ هوندو. دل چاهي ٿي تہ آئون ربڙ جو رانديڪو جيڪو هن کي پسند هو خريد ڪري پنهنجي پٽ جي قبر تي وڃي رکان ۽ هن کي چوان “هاڻي اُٿ پٽ منظور! تنهنجو پيءُ تنهنجي لاءِ ربڙ وارو رانديڪو وٺي آيو آهي. ڇا بابوجي هو منهنجي ڳالھ ٻڌندو؟”

“سرجيت پڇيو ڪيترن سالن جو هو منظور؟”

“اڍائي ٽن سالن جو هوندو. ننڍڙو ئي تہ هو.”

فيروز چيو: “ها بابوجي! بس ايتري ئي عمر جو هو. توهان تہ ڏٺو هو نہ. سانورو رنگ ٿلها ٿلها هٿ. هن جي ماءُ سعيده هن کي ڪيترين تڪليفن کان پوءِ پاتو هو. تعويذ ورتا، سڪائون باسيون تڏهن وڃي گهر ۾ ٻچڙو آيو. اها خبر نہ هئي تہ ايترو جلدي اسان کي جدائي جو داغ ڏيئي ويندو حيرت آهي تہ اها. ايمان سان چوان ٿو تہ منهنجي دل ۾ بس اهو ئي سور رهجي ويو تہ هو بيمار ٿئي ها، منهنجي اکين جي سامهون ڪمزور پوي ها. منهنجي اکين جي سامهون پنهنجي ماءُ جي گود ۾ جان ڏي ها. پوءِ آئون هن کي ڪفن ڏئي دفنايان ها تہ مون کي ايترو افسوس نہ ٿئي ها. پر هي ڇا ٿيو جو آئون هتي تلاءُ جي بلڪل مٿي (هڪ گهر جي طرف اشارو ڪندي) پنهنجي اڱڻ ۾ بيٺل ڪافي هيٺ جبل جي پيچري تي ويندي انهن خوش باش بي فڪر نوجوان کي ڏسي رهيو هوس، جيڪي نچندي ڳائيندي بيساکي جي ميلي تي وڃي رهيا هئا. تلاءُ ۾ الهندي پاسي ڪجھ ڇوڪرا وهنجي رهيا هئا ۽ اُيرندي پاسي ڪجھ عورتون ڪپڙا ڌوئي رهيون هيون. منظور جي ماءُ سعيده اڱڻ ۾ چلهي تي مڪائي جون مانيون پچائي رهي هئي. منظور هن جي پرسان بيھ ٻاتڙي آواز ۾ چئي رهيو هو “امان اَئي، امان اوٺي” سعيده جي ماءُ ڪٽ تي ڇانھ پي رهي هئي، خبر ناهي ڪيڏي مهل منظور پنهنجي ماءُ جي پاسي کان اُٿي هليو ويو. ڪپڙا ڌوئيندڙ عورتن جي ڇُوڇُو جو آواز سڪ ڇوڪرن جا ٽهڪ، بيساکي جي ميلي جي ميلي تي وڃڻ وارن ياترين جو هل هنگامو. بس اسان گهڙي پل لاءِ منظور کي پنهنجي دل مان وساري ڇڏيو. ڪجھ دير ۾ تلاءُ جي ڪناري کان ڪنهن کي چوندي ٻڌو هو ڏسو ڪائي جهڙي ڪا شئي تري رهي آهي. آئون ڊوڙندو ڪناري ڏانهن ويس. ڪنهن هٿ پير ڇهي ڇيو مري ويو شايد (ڇاتي تي هٿ هڻندي) هاءِ.”

جڳديش: “بس صبر ڪر! فيروز صبر ڪر!”.

فيروز چيو “بابوجي! صبر ڪريان تہ ڪيئن؟ اکين جي اڳيان اُن جي ٻولي ٻالي صورت ڦري اچي ٿي. هاڻ اسان وٽ هن جي ياد کان سواءِ ٻيو ڇا رهجي ويو آهي؟ (فيروز جيب ۾ هٿ پائي ٿو) ۽ هي..... (جيب مان هٿ ٻاهر ڪيندي) هي مساڳ ۽ هڪ ننڍڙي مٽي جي پيالي، مون کي اهي ٻئي شيون نهر جي ڪناري تي مليون. جيڪا هن تلاءُ کي پاڻي مهيا ڪري ٿي. شايد هو اڱڻ مان نڪري نهر جي انهن ڏاڪڻ طرف آيو هوندو. آهستي آهستي هن جهڪي مٽي جي پيالي ۾ پاڻي پريو هوندو. مساڳ کي زمين تي رکي هن نهر ۾ هٿ وجهي پاڻي سان گرڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي ۽ پوءِ هو هڪدم ترڪي ويو هوندو. پاڻي ۾ هلڪو گڙگڙ جو آواز پيدا ٿيو هوندو. هن رڙيون بہ ڪيون هونديون. تلاءُ جي ڪناري تائين ويندي ويندي هن هٿ پير بہ هنيا هوندا پر افسوس منهنجي اکين ڪجھ نہ ڏٺو ۽ ڪنن ڪجھ نہ ٻڌو. سواءِ اُنهن گيتن جي جيڪي واٽهڙو ڳائي رهيا هئا. سعيده ماني

پڇائيندي رهي. منهنجي سس ڪٽ تي چانهه پيئندي رهي ۽ هن نهر جي ڪناري اسان جي اکين جي اڳيان.... هائي.... بابوجي ڀلا صبر اچي ته ڪيئن اچي؟.”

سرجيت “بس جيڪا رب جي رضا. اُن ۾ ڪنهن جو ڪهڙو عمل دخل؟ خدا توکي ڏنو اُنهي وٺي لاٿو. تنهنجو اُن تي بس ايترو ئي حق هو.”

فيروز چيو “سچ ٿا چئو بابو جي. ويچارو انسان ڇا ٿو ڪري سگهي؟.”

دت چيو “ڪيڏو نه پيارو ٻارڙو هو. جڳديش توکي ياد آهي اُهو ڏينهن؟ هو پنهنجي ننڍڙي قميص پاٽي ۾ پسائي رهيو هو. ڪيترو نه پيارو لڳو ٿي!. ياد اٿئي، مون توکي چيو هو اُن وقت جي ڪيميرا هجي ها ته هن جي تصوير ڪڍي وٺون ها ۽ انعامي مقابلي لاءِ موڪليون ها.

سعيده جيڪا هن وقت تائين پرسان بيٺي هنن چپ چاپ ڳالهيون ٻڌي رهي هئي ۽ پنهنجا لڙڪ پوتي سان اُگهي رهي هئي، پريل آواز ۾ چيو “بابوجي! ڪنور لوڪ ناٿ سنگهه جي، جيڪو ڊاڪ بنگلي جي ويجهو هڪ ڪوٺي ۾ رهي ٿو اُن هڪ ڀيرو منظور جي تصوير ڪڍي هئي. اسان اُن کان ڪيترا ڀيرا اُها تصوير گهري آهي پر هو ڏي نه ٿو. توهان اُن کي چئو ته....”

جڳديش چيو “ٺيڪ آهي سعيده آئون ضرور اُن کي چوندس، اُميد آهي هو تصوير ڏيئي ڇڏيندو”.

هاڻي اسين وهنجڻ وارا ڪپڙا پائي تلاءُ تي پهچي چڪا هئاسين. تلاءُ هڪ وڏي ڦهليل چادر جيان جي وسيع چادر اسان جي سامهون هو جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪنول جا گل ٽڙيل هئا. هٽ ڦهلائي ٺپي هٽڻ وارو ئي هوس، جو سرجيت آهستي آهستي منهنجي ڪن ۾ انگريزي زبان ۾ چيو “پويان نهارا”.

مون مڙي ڏٺو. چنار جي وڻ جي ويجهو جهنگلي گلاب جي ولين جي وچ ۾ هڪڙي ڇوڪري بيٺي هئي. سرنهن جي وڻ جيان خوبصورت ۽ ڊگهو قد ۽ جهنگلي گلاب جي گل جيان نفيس ۽ نازڪ جسم. هن ٻنهي ٻانهن سان مٽي تي مٽي جي گهڙي کي جهلي رکيو هو. سعيده هن جي پاسي ۾ بيٺل هئي ۽ هن کي اشارن ۾ ڪجهه چئي رهي هئي. مون کي محسوس ٿيو ته هي عورت مصور چغتائي جي تصوير جيان سندر آهي.

مون سرجيت کان پڇيو “هي ڪير آهي؟”

سرجيت حيرت ظاهر ڪندي چيو “توکي خبر ناهي ته هي ڪير آهي؟”

“هي ڪنيارڻ آهي. مٿي تلاءُ جي هن پار (آڱري سان اشارو ڪندي) هو جو ڪچو گهر آهي اُن ۾ رهي ٿي. سب جج صاحب جو ڇوڪرو روز هتي وهنجڻ لاءِ ايندو رهندو آهي. هن ان جو نالو تلاءُ جي سندري رکي ڇڏيو آهي.”

“تلاءُ جي حسينه.... تلاءُ جي سندري” مون دهرائيندي چيو.

“اها! ته هي سعيده هن کي ڪهڙا شارا ڪري رهي آهي؟”

“هي ويچاري غريب ڇوڪري گونگي آهي”.

“اوهه!....” مون آهستي چيو ۽ هڪدم منهنجي دل ۾ وري خيال آيو. هي ڇوڪري گونگي آهي

تہ وڏيڪ صحيح آهي. يلا ڪنهن چغتائي جي تصوير کي بہ ڳالهائيندي ڏٺو آهي؟ جيڪڏهن تصوير، هڪ خاموش تصوير ڳالهائڻ لڳي تہ اُن جي اڌ شاعري جهڙو ميناس، رنگ برنگي ۽ جادوئي اثر ڪنڌڙسونهن فنا ٿي وڃي. ڪاش دنيا جون سڀ حسين عورتون گونگيون هجن.

اسان سڀني جون نظرون پنهنجي طرف ڏسي ڇوڪري حيران ٿي ويئي. هن وڏين وڏين وحشي هرڻين وارين اکين سان اسان ڏانهن ڏٺو ۽ گهبرائجي هرڻي جيان هيسجي ويئي. هن پنهنجو چهرو اسان کان هٽائي ٻئي طرف ڪري ورتو. ڪنن ۾ پيل موتين جون واليون سج جي ڪرڻن تي چمڪي اُٿيون. هن سعيده جي طرف ڏسندي ڪنڌ کي لوڏيو. مٿي جي گهاگهر ۾ هلڪي لهر پيدا ٿي. پيرن ۾ ڇيرون ڇمڪڻ لڳيون. ساڪن ۽ خاموش تصوير ۾ زندگي جي لهر اُٿڻ لڳي. هوءَ آهستي آهستي جبل جي پيچري تان هيٺ لهڻ لڳي.

مون هڪدم چيو "توکي خبر آهي سرجيت! هندستاني رقص جي ايجاد ڪيئن ٿي؟"

"نہ. ڇو؟"

مون جبل جي پيچري کان هيٺ لهندڙ ڇوڪري ڏانهن اشارو ڪندي چيو "هو ڏس هڪ مٽي جي گهاگهر کڻي ايندڙ سندري ۽ پيرن ۾ وڄندڙ چاندي جون ڇيرون. اها ئي هندستاني رقص جي ابتدا ۽ انتها آهي."

جڳديش کلندي چيو "منهنجو خيال آهي تہ تون هن غريب ڇوڪري کي نگاهن سان ڳڙڪائي ويندين. ڪيئن نہ غضب ناڪ نگاهن سان ڏسي رهيو آهين هاڻي وهنجين بہ ٿو يا ڏيئين پاڻي ۾ ڏڪو؟"

ايترو چئي هن ڪلها ڦهلائي، مٿي آڱريون کڻي هوا ۾ ابابيل جي طرح هڪ اُڏام پري ۽ ٻئي پل هن پاڻي ۾ ڏڙام سان ٽٻي هنئي.

اُن کان پوءِ ڏڙام سان اسين سڀ پاڻي ۾ ٽپي پياسين. فضا ٽهڪن سان پرجي وئي. پاڻي جي سطح تي ٻانهن جا تيز تيز ونجهہ هلي رهيا هئا. هڪ ٻئي کي پاڻي جا ڇنڊا هڻي رهيا هئاسين. ڪنول جا گل توڙي هڪ ٻئي ڏي اُڇلي رهيا هئاسين. دت بار بار وات ۾ پاڻي پائي گرڙيون ڪيون ٿي. سرجيت کي ترڻ گهٽ آيو ٿي. اُن ڪري هن سڀني کان الڳ ٿلڳ آهستي آهستي هٿ پير هلائي ترڻ جي مشق ڪئي ٿي. جڳديش هن جي ويجهو ويو ۽ اُنجي ڪنڌ کي پنهنجين ٻانهن ۾ ڪري پيار سان چيو "اهو ترڻ بي معنيٰ آهي هڪ ٽٻي هڻي اونهائي ۾ هيٺ لهي وڃ" سرجيت رڙيون ڪرڻ لڳو. ڪناري تي فيروز ڏکاري نگاهن سان تلاءُ کي ڏسي رهيو هو.

فيروز جي اُداس نگاهن منهنجي دل ۾ عجيب قسم جي پريشاني پيدا ڪري ڇڏي هئي. ترندي ترندي مون سوچيو تہ "هن زندگي جي بي انت تلاءُ ۾ هميشہ ائين ئي ٽپندو رهندو. هتي مسڪراهٽ ۽ ٽهڪن جون لهرون بہ آهن ۽ موت جا ڇنڊا بہ ـ ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن ڪا خوبصورت ڪنيارڻ بہ."

❊❊❊

# آدم ڪان اڳي ۽ آدم ڪان پوءِ

**جيڪا** سڙڪ سري نگر ڪان گل مرگ جي طرف وڃي ٿي، اُهو پري پري تائين شمشاد جي خوبصورت وڻن سان ڍڪي پئي آهي. هي سڙڪ سارين جي کيتن جي وچ مان گذري ٿي. سڙڪ جي ٻنهي طرفن آهستي آهستي هلندڙ ندين سارين جي فصلن کي سيراب ڪنديون وهي رهيون آهن. کيتن جي ڪناري جتي پاڻي موجود آهي يا هلندي هلندي رڪجي ويو آهي اُتي نيرا ڪنول ۽ مکڻ جي پيالن جهڙا پيلا پن اُڀري آيا آهن. ڪٿي ڪٿي چنار جي وڻن هيٺان ڊراڙ ڍڳيون ۽ ٻڪريون چاري رهيا آهن. عورتون ٽن يا چئن جون ٽوليون گيت ڳائيندي سارين جو فصل لڻي رهيو آهن. ....... هڪ عورت مٿي تي گهڙو رکي پاڻي ڀرڻ وڃي رهي آهي. لاري کي ڏسندي بنا ڪنهن سبب جي کلي ڏئي ٿي. هن جا موتين کان به اڇا ڏند ڪافي عرصي کان اکين ۾ پوءِ تخيل ۾ ڏکندا رهن ٿا.

جيڪا سڙڪ ننگ مرگ کان گل مرگ وڃي ٿو اُهو فقط ٽي ميل ڊگهي آهي. ان سڙڪ تي انگريز مرد ۽ عورتون عمده گهوڙن تي سواري ڪندي نظر اچن ٿا. اُنهن جي پويان پوري رنگ وارا ڪشميري نوڪر ڊوڙندي ۽ سهڪندي هلي رهيا آهن. ڪنهن جي هٿ ۾ ٽوڪري آهي ته ڪنهن جي هٿ ۾ ٿرماس. ته وري ڪنهن جي ڪلهي تي ڪنهن ميم صاحب جو ٻار ڪنيل آهي. مزور پنهنجي پٺي تي اڍائي مڻ جو وزن کڻي جهڪندي چڙهائي چڙهندا ويندا آهن هو پنچائت جا به قول اجان تائين پڙهي نه سگهيا آهن جيڪي بيمارين جي اشتهارن جيان هر جڳهه تي لڳل هوندا اهن "مزوري ۾ عزت آهي".

"مزوري کان لهرايو نه. مزوري ڪرڻ سکو" هن سڙڪ جي ٻنهي پاسن چيڙ ۽ ديودار جا گهاٽا وڻ آهن جن جي پيرن ۾ سفيد چٽي نما ڪنيپون ڦٽي آيون آهن. اُن کان سواءِ رستي جي ٻنهي طرف سدا بهار جا گل ۽ سرپڙ جي ساوڪ ته وري ڪٿي ماکي جي مکين جا مانارا نظر اچن ٿا ۽ سجو جهنگل اُنهن جي مدهم آواز سان گونججندو محسوس ٿئي ٿو. ان ماکي ۾ جهنگلي گلن جي ملاوٽ هوندي آهي ۽ اُن ۾ طاقت سان ڀرپور وٽامن موجود هوندا آهن.

ٻه ننڍا ڪشميري ڇوڪرا هن سڙڪ تي هلندا نظر اچي رهيا آهن. جي گل مرگ کان ٽڪيل ٽڪيل قدمن سان هلي رهيا آهن. شايد گهر پهچڻ تي سندن ماءُ پيءُ به ناراض ٿيندا. ٿي سگهي ٿو ته کين ماني به نه ملي، صرف مار ئي ملي. سڙڪ جي پاسي کان گهٽو پري تائين گجگوڙ ڪندي فيروز پورندي وهي رهي آهي. نيرو پاڻي جنهن ۾ سفيد گجي مليل آهي. اهڙو نيرو جهڙيون اُنهن ڪشميري ڇوڪرن جون اکيون، سفيد سفيد جهڙا لاري جي طرف ڏسندڙ ڪشميرڻ جا ڏند. پر ـ انڌا پوءِ به نه وکيا.

ڏهه ٻارهن ڪشميرڻ ڇوڪريون پيالي نما ٽوڪرين ۾ جهنگل مان ڪيل ڪاٺيون کڻي اچي

رهيون آهن. انهن ڇوڪرين سان هو ننگ مرگ جي رهڻ وارن سياحن جي پاسي کان ٽي بي جي مريضن جيان لنگهي رهيون آهن. ڇو ته ڪانيون ڪٺڻ وقت جهڪي هلڻو پوي ٿو. اُنهن جون ٽنگون نِنڍپڻ کان ئي مُڙي بي ڍوليون ٿي وڃن ٿيون. اُنهن جي چال ۾ ناهمواري, ڳلن ۾ ڪڏون ۽ ڇاتين ۾ گهنج پئجي وڃن ٿا. هي ڇوڪريون ڪڏهن به جوان نٿيون ٿين ۽ وري جلدي مائرون بڻجي وڃن ٿيون. جواني ڇا آهي؟ رس ڇا آهي؟ جهنگل ۾ ماکي جي مک ڇا جي لاءِ گلن جو رس جمع ڪري ٿي؟ ڪنول جا گل ڇو مسڪرائن ٿا؟ مکڻ پيالن جهڙا پيلا پن ڇو لڏندا رهن ٿا؟ انهن کي ان ڳالهه جي خبر ۽ سمجهه ئي ناهي.

جيڪا سڙڪ نو هزار فٽن جي اوچائي تي گل مرگ جي پيالي نما واري جي چوگرد سونهري ڦيٿي جيان گهمي وڃي ٿي اُن کي سرڪيولر روڊ چوندا آهن. هتان سڄي ڪشمير جي وادي ڏيکائي ڏي ٿي. سوين ميلن تي مشتمل هي وسيع ميدان چئني طرفن کان وڏن ۽ اوچن پهاڙن ۾ گهيريل آهي. جنهن کي ڏسڻ سان ئي اندازو نه پر يقين ٿئي ٿو ته اڄ کان هزارين سال اڳ, جڏهن انسان اڃان پيدا به نه ٿيو هو انهن پهاڙن هڪ نيري ڍنڍ کي گهيري رکيو هوندو. چئني طرفن برف جا گلشيئر هوندا ۽ وچ ۾ هي ڍنڍ هوندي جنهن جا نشان اڄ به ڍِل, دلر ۽ مانس بل جي ڍنڍن ۾ ملن ٿا, ڪڏهن ڪڏهن اهو احساس ٿئي ٿو ته هاڻي به اُها ساڳي پراڻي ڍنڍ موجود آهي. اُهي ئي برف سان ڍڪيل پهاڙ آهن ۽ سڄ جي پهريئين ڪرڻي جي ظاهر ٿيڻ سان آئون ئي اُهو پهريون ماڻهو آهيان جيڪو اُهو پراسرار مافوق الفطرت منظر ڏسي رهيو آهيان. ۽ پوءِ- اُهو ڍنڍ جو پاڻي جڻ هڪدم غائب ٿي وڃي ٿو ۽ وادي جي ساوڪ ۽ اُن جا ميدان ۽ اُن جا ڳوٺ ۽ شهر اکين جي اڳيان ڦهلجي وڃن ٿا. ديوداروڻن جي خاموشي فيروز پورندي جي گجگوڙ ۾ حل ٿي وڃي ٿي ۽ زندگي هزارين سال اڳيان جي طرف موٽي اچي ٿي.

هن سڙڪ تي منهنجي ملاقات هڪ آئرش ڇوڪري سان ڪرائي. نالو آهي ليرا اوڪانر. ليرا جون اکيون نه نيريون آهن, نه ڀوريون ۽ نه سبز. پر انهن ٽنهي رنگن سان ملندڙ جلندڙ ڪوئي رنگ. ليرا جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ آهي. جڻ هي اکيون سدائين سپنا ئي ڏسنديون رهن ٿيون. ليرا جي وارن جو رنگ پلاٽينم جهڙو آهي. نازڪ ۽ پشم جهڙي ڳچي, هوءَ آرام سان ديودار وڻ جي ڇانو ۾, هن گهاٽن وڻن سان سٽيل ماٿري جو خاڪو ناهي رهي آهي, جنهن ۾ وڻن جو هڪ وڏو ڄار وڇايل آهي ۽ آخر ۾ پاڻي جي ندي هڪ ڊگهي لڪير جيان پاڻي جي ندي ڇڪيل آهي.

“هتي بيني ڇا پيو ڪرين؟ مانڙي ڪري پنهنجو رستو وٺ.”

مون اطمينان سان چيو. “هن اسڪيچ ۾ ساوڪ اجائي گهري ڏيکاريل آهي. گلن جي پنکڙين ۽ ديودار وڻن جي جي قطار جي بيهڪ به صحيح ناهي, هتي ته......”.

“ويهه آئون هاڻي ئي صحيح ڪريان ٿي. ڇا توکي واٽر ڪلر جي ڄاڻ آهي؟.”

“مون کي واٽر ڪلر سان عشق آهي. ايئن سمجهو ته هاڻي ئي ٿيو آهي” ليرا مسڪرائي ڏنو. هوءَ ڪافي دير تائين خاموسي سان اسڪيچ ٺاهيندي رهي.

“مون کي بک لڳي آهي ۽ مون وٽ صرف هي ڪجهه بسڪٽ آهن” ليرا هڪ بسڪٽ ڇپن جي وچ ۾ رکندي چيو.

“پر” مون چيو “مون وٽ رڌيل مرغي جو ٻوڙ آهي ۽ ٽفن ۾ ڪجھ مانيون بہ آهن. جيڪڏهن توهان کي هندستاني کاڌن کان نفرت نہ هجي!؟.”

“بلڪل نہ. بلڪ آئون تہ.....”

هوءَ شوق مان کاڌو کائڻ لڳي.

“هن ۾ مرچ تمام گهڻا آهن نہ ڄاڻ ڇو توهين ماڻهو ايتريقدر مرچ ڇو پسند ڪريو ٿا؟.”

“مرچ کاڌي جو ذائقو وڌائن ٿا. هندستانين جي سمورن دنيا ۾ سڀ حسون مري چڪيون آهن سواءِ ذائقي جي حس جي جيڪا اڃا برقرار آهي بلڪ اها لڳاتار اڃان بہ وڌيڪ تيز ٿي رهي آهي. انهي لاءِ ٻاڙها مرچ.”

“نہ ڄاڻ توهان ماڻهن ۾ اها ڪهڙي عادت آهي؟” هن پنهنجي پلاٽينيم جهڙن وارن کي ڪنڌ سان لوڏيندي چيو. “ڪنهن پڙهيل لکيل هندستاني سان ڳالهايو هو ڦري گري سياست تي اچي ويندو. آئون مرچن جي ڳالهہ ڪري رهي هيس، تون وري پنهنجي ملڪ جي سياست جي ڳالهہ ڪرڻ ويهي رهيئين. نہ ڄاڻ اوهان جو ڇا مسئلو آهي؟” هن جا ٻاڙ ڇپ غصي کان پڪوڙجي ويا هئا.

مون چيو “رهڻ ڏيو ٻاڙهن مرچن جي ذڪر کي، اچو تہ ٻاڙهن چپن جو ذڪر ڪريون. اُنهن گلاب جي گلن جو جيڪي توهان جي وارن تي ڪڙيل آهن. اُنهن چاندي جي ڪرڻن جو جن مان توهان جا وار ٺهيل آهن، اُنهن سپنن جو جيڪي توهان جي اکين جي پتلي ۾ ايئن چرپر ڪري رهيا آهن، جيئن ڪنهن خاموش جهرڻي تي ترناري جا حيران ۽ لڏندڙ گل!”

ٻئي ڏينهن شام گل مرگ جي بازارن ۾ ليرا اوڪانر گهوڙي تي وڃي رهي هئي. مون هن کي ڏٺو. هن مون کي ڏٺو پر هوءَ مون کي سڃاڻي نہ سگهي. مشرق مشرق آهي ۽ مغرب مغرب.....

جيڪا سڙڪ گل مرگ جي وادي جي وچان وڃي ٿي اُها گاف ڪورس کي وچ مان ڪٽي ٿي. ان سڙڪ جي ٻنهي طرفن انگريز مرد ۽ عورتون گاف ڪٽڏندي نظر ايندا آهن ۽ ڪشميري هٿن ۾ گاف جا باسڪيٽ ۽ ڇڙيون کڻي اُنهن جي پويان پڄندا نظر ايندا آهن. ان سڙڪ تي گل مرگ جو ڪلب آهي ۽ اڳيان هلي بلڪل وچ ۾ هڪ اوچي جڳھ تي امپريل ۽ اينڊبور هوٽل آهي. جاگيردارانہ نظام ۾، ۽ اُن کان پهرين جيڪا اهميت ڌرم شالا ۽ عبادت خاني کي هوندي هئي، هن انگريزي نظام ۾ اُها ئي اهميت هوٽل ۽ بينڪ کي حاصل آهي. نئين نظام جا نوان مظهر، البتہ پوڄاري اُهي ئي آهن.

هن سڙڪ تي انگريز ۽ انگريز نما هندستاني گهوڙا ڊوڙائيندا ڦرندا آهن. ڪشميري پورهيت ٻاڙهي شلغم ۽ بصر جا ٻورا کڻندا نظر ايندا آهن. انڊن جون ٽوڪريون، گوشت، ڇٽا ۽ ميوو ڍوئيندا نظر ايندا آهن. پر هي سڀ شيون اُنهن جي کاڌي لاءِ ناهن. صاحب لوڪن جي ٻارن ٽوپلا پائي رکيا آهن ۽ قيمتي سوئٽر. ميم صاحبائن مخمل جون مهانگيون پتلونون پائي رکيون آهن، جن کي گل مرگ جي ڪشميري درزين سبيو آهي، پر هي ماڻهو اُنهن پتلونن کي بہ پائي نٿا سگهن. هي ماڻهو صرف مزدوري ڪري سگهن ٿا جيئن پنچائت جو فرمان آهي “مزوري ۾ عزت آهي”. انهي سڙڪ تي هڪ هاري وينو آهي. اُن جي ڀرسان هڪ جوتا مرمت ڪرڻ وارو وينو آهي ۽ هڪ فقير هڪ مزور پيليون پيليون پڪل زردالن جي ٽوڪري سامهون رکي وينو آهي. هي زردالون هو پنهنجي کيت جي منڊ ۾

بيٺل زردالن جي وڻ مان پٽي آيو آهي. هن کيت ۾ جيڪو اناج هو اُهو زميندار، دڪاندار، واڻيي ۽ حڪومت پاڻ وٽ رکيو. هاڻي ٻه ٽي زردالن ۽ صوفن جا وڻ باقي رهجي ويا آهن. هو اُنهن جو ميوو گل مرگ کٽي وڃي وڪڻندو آهي ته جيئن هو صاحب لوڪن کي، زردالون ۽ صوف کارائي پنهنجي ٻارن جي لاءِ ٿورڙا چانور خريد ڪري سگهي. فقير پاٽولي ماري ٻي حيائي سان خيرات گهري رهيو آهي. جوتو مرمت ڪرڻ وارو هڪ اهڙو جوتو مرمت ڪري رهيو آهي، جنهن جي قيمت پنجاهه رپين کان گهٽ ڪو نه هوندي. خود هن جا پير اُگهاڙا آهن. پيرن ۾ لفون پئجي ويون آهن ۽ هڪ جاءِ کان ته خون به وهي رهيو آهي. خير جوتن جي قيمت هوندي آهي!؟. ڀلا هن جي خون جي ڪهڙي قيمت هوندي؟

هڪ پوڙهي انگريز عورت پنهنجي رنگين ڇٽي گهمائيندي گهمائيندي گڏ هلڻ واري عورت کي چئي رهي آهي، “مائي ڊيئر! توکي خبر ناهي ته جڏهن هو هندستاني اسان جي گهر ۾ گهڙي آيو هو ته مون کي ڪيترو نه ڊپ لڳو هو. ڊپ ۽ غصي ۾ ڊوڙي ٻي ڪمري ۾ پنهنجي مڙس وٽ هلي ويئي هيس..... ”

اڄ وري گهڻن ڏينهن کان پوءِ انهي سرڪيولر روڊ تي سير ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان. هي جهنگل بلڪل خاموش آهي. ڪشمير جي وادي تي سورج غروب ٿي رهيو آهي ۽ وڏنڊڙ انڌيرو ۽ گهٽجندڙ روشني هڪ مسلسل شطرنج جيان معمو بڻجندي پئي وڃي. هي جهنگل ڇو خاموش آهي؟ هن وادي جي قسمت ڇو خاموش آهي؟ هي جهنگ پنهنجي پٽن لاءِ به نٽو ڳالهائي؟ هن جهنگل جي ماڪي، هن جا اڪروٽ، هن جا صوف، ..... ڪاٺ، هن جو ريشم، هن جي ساري خوبصورتي ۽ چمڪ ڏمڪ، هن جي ڪا به شئي ان جي پنهنجي پٽن لاءِ ناهي؟ هي ڪهڙي خدائي آهي؟ هي جهنگل ڇو خاموش آهي؟ هي ڇو نٽو چوي، “مزوري نه ڪريو. محفلن ۾ اُڇيون پتلونون پايو. صوف کائو زردالون کائو اڪروٽ کائو مزوري کان انڪار ڪري ڇڏيو. گهوڙن تي سواري ڪريو رمندا، گهمندا ۽ موج مستيون ڪندا ڦرو هي زمين توهان جي آهي. هي آسمان توهان جو آهي...... ۽ جيڪڏهن - اهو سڀ ڪجهه توهان جو ناهي، ته اڇو! هن ساري وادي کي هڪ ڊنڊ بنائي ڇڏيون. پاڻي سان ڪناڪن ٽمتار ڊنڊ جنهن ۾ ننگ مرگ ۽ گل مرگ سڀ سمائجي وڃن. جنهن جي پاڻي ۾ انساني بي رحمي جا جهنمي ۽ وحشي گهر ۽ پناهه گاهون سڀ فنا ٿي وڃن. بس چئني طرف اُها پراڻي ڊنڊ هجي، هزارين لکين سال پراڻي ڊنڊ ۽ اُنجي چوطرف گليشيئر ۽ برف سان سٽيل پهاڙ بيٺل هجن. ته جيئن جڏهن آسمان جي اوچائين کان سج جو پهريون ڪرڻو ڊنڊ تي پوي ته خوشي مان رڙ ڪري چوي:

“شڪر آهي جو اڄان انسان پيدا ناهي ٿيو.”

❃❃❃

# عورت جو عطر

**ڪهاڻي** ٻڌائڻ واري چيو:

“ءِ هن عورت جي پگهر مان بہ خوشبوءِ اچي رهي هئي!”

سيٺ موهن لال ٻڪي هلائيندڙ جيڪو صرف ڪادي جا ڪپڙا پائيندو هو. صرف وسڪي پيئندو هو ۽ صرف بليڪ مارڪيٽنگ جو ڌنڌو ڪندو هو. مسلسل ڪهاڻي ٻڌندي ٻڌندي هڪ جملي تي اٽڪي بيهہ رهيو. هن افسانہ نگار نروتم پائي پانڊيا کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو:

“اڙي پانڊيا! هي تو وري ڇا چيو؟”

“جي! مون چيو تہ اُن عورت جي پگهر مان دل کي پائيندڙ خوشبوءِ اچي رهي هئي.”

“ڇا عورت جي پگهر مان خوشبوءِ نڪرندي آهي!؟ “ٻڪي هلائيندڙ موهن لال حيراني مان پڇيو.

“جي ها! يقين نہ اچي تہ مس پريماوتي کان پڇي وٺو.”

مس پريما وتي ٿورڙو مرڪيو. ٿورڙو شرمايو. پر سيٺ موهن لال اڳيان وڌي سونگهي ئي ورتو. مس پريماوتي هڪ هلڪي ٽڏيرڙي خوشبو لڳائي رکي هئي. سيٺ جي ناسن ۾ اها هلڪي بي نام خوشبوءِ گهر ڪري ويئي.

سيٺ خوش ٿيندي چيو: “ها اچي ٿي. پر سڀني عورتن جي پگهر مان اهڙي خوشبوءِ اچي ٿي؟.”

“سڀني مان تہ نہ.” پانڊيا فلاسافرن جيان سمجهائيندي چيو. “صرف ڪنوارين ڇوڪرين جي پگهر ۾ اها هوندي آهي.”

مس پريماوتي جو چهرو خوشي مان ڳاڙهو ٿي ويو. سيٺ بہ خوش ٿيو. ڇو جو انهن ڏينهن ۾ هو هڪ فلم ٺاهڻ جو سوچي رهيو هو ۽ انهي سلسلي ۾ هو نروتم پائي پانڊيا کان ڪهاڻي ٻڌي رهيو هو. انهي ئي سلسلي ۾ هن مس پريماوتي کي هيروئن جي ڪردار لاءِ چونڊيو هو. نروتم پائي پانڊيا چيو. “سيٺ صاحب اڳيان ٻڌايان.”

سيٺ موهل لال ٻڪي مالڪ، هڪ چيڪ بڪ ڪڍيو ۽ سئو رپين جو چيڪ ڪهاڻيڪار کي ڏيندي چيو:

“تنهنجي ڪهاڻي تمام سٺي آهي. بلڪل زبردست، پر باقي ڪهاڻي سڀاڻي ٻڌنداسين سڀ ٺيڪ ٿي ويندو ۽ ڪٿي ڪهاڻي صحيح نہ بہ هوندي تہ آئون اُن کي خود ٺيڪ ڪري وٺندس. هن وقت تون وڃ.”

سيٺ مس پريماوتي کي بہ اشاري سان چيو. هوءِ ۽ پانڊيا نمستي چئي اُتان روانا ٿي ويا.

سيٺ صاحب ڪجهہ دير لاءِ ڪرسي تي ويٺو ئي رهيو ۽ گهري سوچ ۾ گم ٿي ويو.

رات جو سيٺياڻي ڪاڏي جي ٿالهي ڪٽي رڌڻي کان ٻاهر نڪتي ۽ صندلي تي رکندي چيو. “اچو ماني کائو.”

سيناڻي جو لهجو هميشہ جي طرح کهرو ۽ تيزهو. پيشاني تي هر وقت گهنج هئڻ جي ڪري هن جي هڪ اک هيٺ ۽ هڪ اک مٿي ڏيکائي ڏيندي هئي. سيٺ بہ هميشہ سينياڻي سان تلخ لهجي ۾ ڳالهائيندو هو. پر اڄ هن سينياڻي جو غصو ڏسندي بہ مسڪرائي ڏنو. هن سينياڻي جو هٿ پڪڙي پنهنجي پرسان ويهاريو. دراصل هن اُن کي سونگهڻ چاهيو ٿي.

سينياڻي پيشاني تان پگهر اُگهندي چيو.

"اڙي ڇا ٿو ڪرين. ڪوئي ڏسندو تہ ڇا چوندو؟"

سيٺ ناسن سان سونگهڻ کان پوءِ چيو.

"سينياڻي تنهنجي پگهر مان تہ بدبوءِ پئي اچي."

"اڙي تنهنجي عقل کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ايتري خبر بہ نٿي پوندئي تہ پگهر مان بدبوءِ نہ ايندي تہ ڇا خوشبوءِ ايندي؟". سينياڻي ٺورڙو پري سرڪندي چيو.

سيٺ چيو: "سينياڻي جڏهن تون ڪنواري هئين تہ تنهنجي پگهر مان خوشبوءِ نڪرندي هئي."

سينياڻي چيو. "ڏي منهن. الاهجي ڪڏهن جي ڳالهہ ڪرين ٿو؟ جڏهن آئون ستن سالن جي هئس، تڏهن منهنجي توسان شادي ٿي ويئي هئي. جڏهن سڄي عمر گهر جي رڌپچاءَ ۾ گذري ويئي تہ آئون ڇا ڇاٽان خوشبوءِ ۽ شبوءِ ڪي. ۽ هي اڄ تون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهين؟ ڪٿي فلمي ڪمپني کولي اداڪارائن جي چڪر ۾ تہ نہ اچي ويو آهين؟ ياد رکجئين اهڙو حشر ڪنديسانءِ جو..."

سيٺ پنهنجا ٻيئي هٿ مٿي ڪندي جلدي مان چيو "نہ نہ سينياڻي ڪهڙي ڳالهہ ٿي ڪرين؟. آئون تہ بس ائين ئي پڇي رهيو هوس".

ايترو چوندي هن جلدي مان ڪاڏي ڏانهن هٿ وڌايو. پر سينياڻي ڏنو تہ ڪاڏو ڪائڻ وقت ڪيترا ڀيرا سيٺ جو هٿ رڪجي ٿي ويو ۽ گرهہ هٿ ۾ ئي رهجي ٿي ويو.

سينياڻي زور سان رڙ ڪندي چيو.

"ڇا پيو سوچين؟ ڪاڏو ڪائڻ وقت ڪجهہ بہ سوچڻ نہ گهرجي."

سيٺ صاحب اوچتو ئي ڇرڪ ڀريو. هو تصور جي دنيا مان نڪري واپس سينياڻي جي دنيا ۾ اچي ويو ۽ چيو.

"ڪا ڳالهہ ناهي، ڪا ڳالهہ ناهي، آئون تہ آهستي آهستي ڪاڏي جو مزو وٺي رهيو آهيان."

"ڪهڙو ڪاڏي مان مزو پيو وٺين؟. اُهائي روز واري پٽاٽن جي ڀاڄي آهي." ايترو چئي سينياڻي پاڻي جو گلاس ڀرڻ لاءِ بورچيخاني ڏانهن هلي وئي.

ٻئي ڏينهن مقرر وقت تي نروتم ڀائي پانديا کاٽي ٻڌائڻ لاءِ سيٺ جي دفتر ۾ پهچي ويو.

سيٺ ۽ پريماوتي پهرين کان ئي موجود هئا. پانديا پنهنجو چمڙي جو ٿيلهو کوليو. اُن مان کاٽي ڪڍي ٻڌائڻ وارو ئي هو جو سيٺ روڪي ورتس.

سيٺ چيو: "رات مون تنهنجي کاٽي تي تمام گهڻو سوچيو ۽ هڪ ترڪيب منهنجي ذهن ۾ آئي آهي."

پانديا ۽ پريماوتي ٻيئي خاموش ٿي ويا.

سيٺ چيو: "مون سوچيو ته ڇو نه تنهنجي ڪهاڻي تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ عورتن جو عطر به تيار ڪيو وڃي."

"عورتن جو عطر؟" پريماوتي حيراني مان پڇيو.

"ها_ها." سيٺ موهن لال بڪي هلائيندڙ هڪدم خوشي سان ڀرپور زوردار آواز ۾ چيو: "جيڪڏهن عورتن جي پگهر مان خوشبوءِ نڪري ٿي ته اُن خوشبوءِ مان عطر به تيار ڪري سگهجي ٿو. جيئن گلاب جي پنکڙين مان عطر نڪري ٿو. اهڙي طرح عورتن جي پگهر مان به عطر تيار ڪندس. آئون اُن کي تيار ڪرڻ لاءِ وڏو ڪارخانو لڳائيندس. اُن تي ڏهه ڪروڙ رپيا خرچ ڪندس ۽ اُن ۾ هزارين لکين ڪنواريون ڇوڪريون نوڪري تي رکندس. اُنهن کي پورو ڏينهن اُس ۾ ويهاري اُنهن جو پگهار ڪيرائيندس ۽ پوءِ ان پگهر مان عطر ٺاهڻ جو مرحلو ايندو. ٿورڙو ساهي پٽيندي. "اُهو به مون سوچي ورتو آهي". سيٺ جون اکيون خوشي منجهان چمڪي رهيون هيون "آئون آمريڪا مان وڏا وڏا آرڪ ليمپ گهرائيندس جن جي گرمي ۽ تيز روشني اُنهن ڇوڪرين تي وجهندس جيڪي منهنجي ڪارخاني جون ملازم هونديون. آءُ گرمي جي موسم ۾ اُنهن کي اوني ڪپڙا پهرائيندس ته جيئن اُنهن جي چمڙي جي سوراخن مان خوب پگهر وهي سگهي ۽ پوءِ_ برسات جي ڦوهاري جيان پگهر وهڻ لڳندو. جيترو پگهر زياده وهڻ لڳندو. اوترو عطر زياده تيار ٿيندو. منهنجو ڪارخانو هڪ جي بجاءِ ٻن شفٽن ۾ ڪم ڪندو. ڏينهن جو اُس جي شفٽ ۽ رات جو بجلي جي روشني ۾ ڪم ٿيندو. هڪ مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڇوڪري مان هڪ سير عطر تيار ٿي سگهندو. مون سڀ حساب لڳائي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن آئون هڪ لک ڪنوارين ڇوڪرين جو ڪارخانو کوليان ۽ اُنهن جي پگهر جو عطر تيار ڪريان ته ٻن سالن ۾ منهنجي موڙي واپس اچي ويندي ۽ ٽيئين سال مون کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڪروڙ جي آمدني ٿيندي.

"اهو وري ڪيئن؟" پريماوتي حيراني مان پڇيو.

"اشتهار بازي جي ذريعي." سيٺ خوشي مان نه ماپندي چيو. "اڄڪلهه دنيا ۾ اشتهارن جي ذريعي سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو. ۽ وري عورتن جو عطر. مس پريماوتي تون خود سوچ ته ڪهڙو مرد آهي، جيڪو عورتن جو عطر خريد ڪرڻ پسند نه ڪندو؟ مون کي افسوس ته اهو آهي ته مردن جي جسم مان اهڙي خوشبو ننڍي نڪري ورنه عورتن جو عطر مردن لاءِ ۽ مردن جو عطر عورتن لاءِ وڪڻا ها، ۽ ٻيڻو فائدو ڪمايان ها. خير! اُن تي سوچڻ مان ڇا فائدو جيڪو ڪم ٿي ئي نٿو سگهي. في الحال مون ڪمپني جا پراسپيڪٽس ڇپجڻ لاءِ ڏنا آهن. ايندڙ هفتي ڪمپني ٺهي ويندي ۽ اُنجا سڀ جا سڀ حصا منهنجا ۽ منهنجي رشتيدارن جا هوندا. ڪجهه اشتهارن جا خاڪا به مون سوچي ورتا آهن. پانديا تون صلاح ڏي هي اشتهار ڪيئن رهندو؟".

"هاڻي ڪنوارين جي پويان ڀڄڻ جي ضرورت ناهي."

"ڪنواري ڇوڪرين جو عطر استعمال ڪريو" ۽ هي....

"شادي جي خرچن کان بچڻ لاءِ صرف عورتن جو عطر استعمال ڪريو."

“ڏسو اسان جي ملڪ ۾ هزارين لکين اهڙا نوجوان آهن جيڪي معاشي حالتن جي مجبوري ڪري شادي ڪري نٿا سگهن ۽ برائي ۽ بي راه روي جي طرف مائل ٿي وڃن ٿا. انهن سڀني لاءِ عورتن جو عطر بهترين رهندو. بس ٿورو عطر ڪپڙن تي لڳائي اُن مان اٿندڙ خوشبوءِ مان عورت جو مزو وٺندا لڏندا جهومندا سئنيما ڏسڻ هليا ويندا.

“ڪيئن ٿا خيال آهي. آئون پلا ان فضول فلم ڪمپني جي چڪر ۾ ڇو پوان؟ صرف عطر ٺاهڻ جوئي ڪارخانو ڇو نه لڳايان؟”.

“ايئن نه ڪريو.” افسانه نگار پانديا بي وس ٿيندي چيو. “غضب ٿي ويندو”.

“ڪهڙو غضب ٿيندو؟.”

“او سيٺ صاحب! اوهان کي پنهنجي فلم ڪمپني جي ذريعي لکن جو فائدو ٿيڻ وارو آهي.”

“اُهو وري ڪيئن؟”

“ڏسو! جيڪي آرڪ ليمپ توهان پنهنجي ڪارخاني ۾ استعمال ڪندا. اُهي ئي اسان جي فلم ڪمپني ۾ به استعمال ٿيندا. فلم ٺاهڻ لاءِ آرڪ ليمپن جي گهڻي ضرورت پوندي آهي. بس هتي ڪارخاني ۾ عورتن مان عطر ڪڍايو ۽ هتي فلم ڪمپني ۾ اداڪارائن جو عطر ڪڍايو. نرگس جو عطر، مڌوبالا جو عطر. آئون ته چوان ٿو ته توهان ان کي هندستان تائين ئي ڇو محدود رکو. توهان هڪ بين الاقوامي فلم ٺاهيو ۽ گريٽا گاربو جو عطر ڪڍايو. پڳوان جو قسم ڪٽي چوان ٿو ته هڪ لک ۾ ته آساني سان وڪامندو. فلمون الڳ تيار ٿينديون ۽ فلم ٺهڻ وقت تيز روشني جي سامهون ويهڻ سان جيڪو پگهر نڪرندو اُن مان به عطر ٺاهجو. هڪ ڏڪ سان به شڪار ۽ هڪ پنٿ به ڪاج. ماڻهو به خوش.

هي ڏسو! ماڻهو نرگس جي فلم تصوير ڏسڻ وڃي رهيا آهن نرگس جو عطر لڳائي. مڌوبالا جي فلم ڏسڻ وڃي رهيا آهن مڌوبالا جو عطر لڳائي. مون ويجهڙائي ۾ اخبار ۾ پڙهيو هو ته مڌوبالا جو هڪ عاشق مڌوبالا جي نالي جو ورد ڪري مري ويو. جيڪڏهن اُن ويچاري کي مڌوبالا جو عطر ئي ملي ها ته هڪ غريب جي جان ته بچي وڃي ها. آءُ ته چوان ٿو سيٺ جي! توهان هي ڪمپني کولي ڇڻ قوم تي وڏو احسان ڪندا. هزارين نوجوانن جون زندگيون بچائيندا. لکين نوجوان کي بداخلاقي کان بچائي وٺندا”.

سيٺ موهن لال بڪي مالڪ پنهنجي چيڪ بڪ مان به هزار جو چيڪ لکي نروتم پائي پانديا جي هٿ ۾ ڏيندي چيو “تو تمام سٺي تجويز ڏني آهي. هڪدم نئون خيال. آءُ ڏاڍو خوش آهيان. آئون توکي هميشه پاڻ سان گڏ رکندس.”

پانديا چيڪ کي کيسي ۾ رکندي چيو. “هڪ ٻيو خيال ذهن ۾ آيو آهي. توهان عورتن کي ته ملازم رکي ئي رهيا آهيو اُن سان ڪارخاني کي ٻيا به فائدا ٿي سگهن ٿا.”

“مثلن؟”

“اسين عورتن جي لڙڪن کي ڄمائي اُن مان قلفي ٺاهي سگهون ٿا. لڙڪن مان لوڻ الڳ ڪري عورتن جو لوڻ بازار ۾ وڪڻي سگهون ٿا وغيره وغيره.....”

"ها.ها! بلڪل ٿي سگهي ٿو پر اهو مهانگو واپار آهي." سيٺ صاحب چيو. ان مان ڪجھ ٻيا فائدا بہ ٿي سگهن ٿا. نيڪ آهي اسين ان تي ڪجھ ڪميشن بہ ڏيئي ڇڏينداسين."

"توهان جي وڏي مهرباني ٿيندي". افسانہ نگار انتهائي مفلسي واري انداز ۾ چيو.

پريماوتي جيڪا هيستائين چپ چاپ ويٺي هئي، پريشان نظرن سان سيٺ ڏانهن نهاريندي چيو.

"ظاهر آهي توهان هن ڪارخاني ۾ ڪنوارين ڇوڪرين کي رکندئو."

"ها. ڇو تہ خوشبوءِ تہ صرف انهن جي پگهر مان ئي نڪري ٿي."

"پر جيڪڏهن ڪا شادي ڪرڻ چاهي تہ؟"

"اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ منهنجي ڪارخاني جي ڪا بہ ڇوڪري شادي نہ ڪري سگهندي. پهرين آئون هي ڪارخانو فقط هندستان ۾ لڳائيندس. پر بعد ۾ ٻين ملڪن ۾ بہ کوليندس. آمريڪا ۾، برطانيا ۾، فرانس ۾، اُتي انهن ملڪن ۾ عطر جو تمام گهڻو قدر ٿيندو. پر اهو شرط تہ هر جڳھ رکندس تہ اسان جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ واريون ڇوڪريون ڪڏهن بہ شادي ڪري نٿيون سگهن."

"تہ توهان دنيا جي لکين عورتن کي شادي کان محروم ڪندا؟"

"ٻيا ڪجي. بزنيس بزنيس آهي."

مس پريماوتي پنهنجو پاڻ مسڪرائڻ لڳي.

"ڇو پئي مسڪرائين؟" سيٺ موهن لال پڇيو.

"ڪا ڳالھ ناهي." پريماوتي آهستي چيو "بس ايئن ئي ڪجھ سوچي رهي هيس."

ٿورڙي دير لاءِ ڪمري ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. پر سيٺ صاحب ڪلي چيو "ٻيو تہ سڀ نيڪ آهي، پر هي سائنس جو زمانو آهي، سموري تحقيقات ڪرڻ گهرجي ۽ سٺي نموني جاچ ڪرڻ گهرجي تہ ڪهڙي قسم جي ڇوڪري ۾ ڪهڙي خوشبوءِ هوندي آهي. ڪهڙي عمر ۾ اها خوشبوءِ زياده هوندي آهي. ڪهڙي عمر ۾ گهٽ هوندي آهي. ضروري ڳالهيون دريافت ڪرڻ لاءِ هڪ سائنسدان سان ڳالهايو آهي. اُهو نيشنل ليبارٽري ۾ پنج سئو رپين تي ملازم هو مون بہ هزار مهيني تي اُن کي گهرائي ورتو آهي. ڊاڪٽر عبدالحفيظ اُن جو نالو آهي. نوجوان آهي. پي ايچ ڊي آهي. محنت ۽ دلچسپي سان ڪم ڪندو. ٻاهر ڪمري ۾ ويٺو آهي". پانديا ڪجھ چوڻ وارو ئي هو جو پريماوتي جلدي مان چيو. "اُن کي اندر گهرائي وٺو". سيٺ گهنٽي وڄائي سائنسدان کي اندر سڏي ورتو ۽ اُن کي سٺي نموني ڳالھ سمجهائي ڇڏي.

ڊاڪٽر عبدالحفيظ چيو "هن تحقيقات ۾ ڇھ مهينا تہ لازمي لڳندا".

سيٺ رڙ ڪندي چيو "هي وري ڪهڙي ڳالھ ڪرين ٿو؟ آئون پراسپيڪٽس ڇپائي رهيو آهيان. ڪمپني جا حصا وڪڻي رهيو آهيان. ڪمپني جي ڪارخاني لاءِ مشينري جو آرڊر ڏيئي رهيو آهيان ۽ تون ڇھ مهينا تحقيقات ۾ لڳائيندين؟ ايستائين آئون انتظار نٿو ڪري سگهان. صرف ٽي مهينا ڪافي آهن. ٽن مهينن کان پوءِ تون مون کي هن دفتر ۾ ملجان. هي وٺ ٽن مهينن جو اڳواٽ

پگھار”. سيٺ ڇھ هزار جو چيڪ سائنسدان کي ڏنو ۽ سائنسدان هٿ ٻڌندو روانو ٿي ويو.

پورن ٽن مهينن کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالحفيظ سيٺ جي دفتر جي گھنٽي وڄائي. سيٺ اُن کي هڪدم اندر گھرايو. سيٺ سائنسدان کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. سائنسدان جي اکين جي هيٺان ڪارا نشان پئجي ويا هئا. هن جي ڏاڙهي وڌيل هئي ۽ اڌ کان زياده وار سفيد ٿي چڪا هئا.

“هي توهان کي ڇا ٿيو؟” سيٺ حيراني مان پڇيو.

مس پريماوتي ۽ پانڊيا بہ حيراني مان سائنسدان جي شڪل ڏسڻ لڳا.

ڊاڪٽر عبدالحفيظ چيو. “اهو سڀ ڪجھ اوهان جي تحقيقات جي نتيجي ۾ ٿيو. جنهن ڏينهن توهان مون کي ڪم سونپيو بس انهي ڏينهن کان تحقيقات ۾ لڳي ويس. سڀ کان پهرين سوچيم تہ اها تحقيقات ڪرڻ گھرجي تہ عورتن جي پگھر ۾ ڪهڙي خوشبوءِ هوندي آهي. ان لاءِ سڀ کان پهرين مون اداڪارائن ڏانهن ويس ۽ نرگس جو پگھر سونگھڻ جي ڪوشش ڪيم جڏهن هو فلم جي هڪ سيٽ تي ڪم ڪري رهي هئي. نياڳي نہ ڪجھ سوچيو نہ سمجھيو منهنجي ڳل تي زوردار چماٽ هڻي ڪڍي. پوءِ اها چماٽ سهسائيندو مڌوبالا ڏانهن ويس. پر هن مون سان ملڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح ٻين اداڪارائن بہ منهنجي بيعزتي ڪئي. پوءِ بہ آئون ڪجھ فلمي اداڪارائن جو پگھر سونگھڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. اُن جي رپورٽ منهنجي فائل ۾ موجود آهي. اُن کان پوءِ مون عام ڪنوارين ڇوڪرين تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. پر اها مصيبت ٿي تہ جيئن ئي اُنهن جو پگھر سونگھڻ جي ڪوشش ٿي ڪيم تہ هو چپل لاهي پويان پئجي ٿي ويون. هڪ ڀيرو بازار ۾ هلندي هڪ ڇوڪري کي سونگھڻ جي ڪوشش ڪرڻ تي پوليس مون کي پڪڙي ورتو ۽ هڪ هفتو جيل ۾ رکيو. جج مون کي هڪ مهينو نو ڏينهن جي سزا ڏني. هاڻي جيل کان سڌو هتي پهتو آهيان. “پر انهن تڪليفن جي باوجود پوءِ بہ مون پنهنجي رپورٽ مڪمل ڪري ورتي آهي. اڄ تائين مون تقريبن ڇھ سو ڪنوارين ڇوڪرين جو پگھر سونگھيو آهي ۽ آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ.....”

“تہ.....؟” سيٺ انتهائي بي چيني مان پڇيو.

“تہ عورت جي پگھر ۾ خوشبوءِ هوندي ئي ناهي”.

“بابا ڙي” سيٺ زور سان رڙ ڪئي.

“نہ ڪنوارين ڇوڪرين ۾ نہ شادي شده عورتن جي پگھر ۾، خوشبوءِ هوندي آهي. بلڪ اُنهن جي پگھر ۾ بہ اهڙي ئي بدبوءِ هوندي آهي جهڙي مردن ۾، پوءِ مون ان بدبوءِ تي تحقيقات ڪرڻ جو سوچيو تہ ايئن ڇو آهي؟.

“پر مون تہ توکي خوشبوءِ تي تحقيقات ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو هو نہ ڪ بدبوءِ تي تحقيقات لاءِ؟.”

“اهو درست آهي. ليڪن مون سوچيو تہ جيڪڏهن بدبوءِ جو پتو پئجي وڃي، تہ ممڪن آهي تہ خوشبوءِ ڪڍڻ جي صورت نڪري اچي. پر ان ۾ بہ مون کي ناڪامي ٿي. ڇو تہ عورت جي پگھر ۾ جيڪي جزا موجود آهن اُن جو تفصيل هي آهي.

عورت جو پگھر نهيل آهي = گندو پاڻي+ چند زهريلا مادا+ امونيا+ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ+

سوڊيم ڪلورائيڊ وغيره ۾ انهن مان ڪنهن مان به خوشبوءِ نٿي نڪري“.

”اڙي آئون ته لٽجي ويس“. سيٺ پنهنجي ڇاتي تي زور سان هٿ هنيا.

”مون ته ڪارخاني جي عمارت جو ٺيڪو به ڏيئي ڇڏيو آهي ٻن ڪروڙن ۾.

”ترسو ترسو“. مس پريماوتي تسلي ڏيندي چيو۽ ڊاڪٽر عبدالحفيظ جي طرف مڙي اطمينان سان چيو ”ڊاڪٽر جيڪڏهن عورتن مان عطر نٿو نهي سگهي ته عورتن جي لڙڪن مان لوڻ ته ٺهي سگهي ٿو؟“

”ان تي به مون تحقيقات مڪمل ڪري ڇڏي آهي“. ڊاڪٽر انتهائي يقين سان وراڻيو. ”لوڻ بلڪل ٺهي سگهي ٿو پر مون اندازو لڳايو آهي ته اهو ڪو نفعي بخش ڪاروبار نه هوندو. ڇو ته جيڪڏهن هڪ لک عورتن کي هڪ سال تائين رئاڙيو وڃي ته اُن جي لڙڪن مان فقط هڪ ڇٽانگ لوڻ ملندو“.

”گهوڙا ڙي آئون ته ڦرجي ويس برباد ٿي ويس، هاڻي ته هن ڪارخاني مان اضافي فائدن جي اُميد به نه رهي. اڙي پانڊيا جا پٽ تو ته منهنجو ڊينگو ئي ڊيري ڪري ڇڏيو۽ تون به وري سائنسدان بڻيو ڦرندو ٿو وتين. نڪري وڃو توهين ٻئي منهنجي ڪمري مان هن ئي وقت“ پانڊيا ۽ سائنسدان اُتان جلدي کسڪي ويا. ڪمري ۾ صرف پريماوتي ۽ سيٺ صاحب رهجي ويا. مس پريماوتي رکي رکي مسڪرائي رهي هئي.

سيٺ غصي ۾ اچي پڇيو ”تون ڇو مسڪرائي رهي آهين؟“

”بس ايئن ئي ڪجهه سوچي رهي هيس“.

”ڇا سوچي رهي هئين؟“

مس پريماوتي مسڪرائيندي چيو ”اهو ته سئو ٿيو ته قدرت عورتن جي جسم ۾ خوشبوءِ نه رکي نه ته توهان سرمايه دار ماڻهو ته ......!“

✻✻✻

# صاحب

***صاحب!*** هي ڇا پيو ٻڌان ته هن ملڪ ۾ ڪاڌي جي کوٽ آهي. ماڻهن کي ماني ڳيو ڪو نه ٿو ملي. اهو ته نسورو آهي. الزام آهي ۽ منهنجي خيال ۾ اهو سڀ ڪوڙ ڪنهن ڪميونسٽ جو گهڙيل ٿو لڳي.

صاحب! هن ملڪ ۾ ڪاڌي جي ڪا به اڻاٺ ناهي. هتي هر قسم جي خوراڪ ملي ٿي. مون کي ئي ڪٽي ڏسو. آئون ڪڪڙ، تتر، پلاءُ، قورمو، ڪباب هر شئي کائيندو آهيان. هر روز کائيندو آهيان ۽ وڏي شوق سان کائيندو آهيان. صبح شام منهنجي دسترخوان تي طرحين طرحين جا طعام رکيل هوندا آهن ۽ اجان ٽيون ڏينهن جي ڳالهه آهي، آءُ خوراڪ جي وزير جي کوٺ تي ويو هوس. اُتي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڪاڌن جا قسم ٽيبل تي سجايل هئا ۽ هر قسم جا ميوا پڻ رکيل هئا. ايڏا وڏا سون رنگا سنگترا مون اڳ ڪٽي به ڪو نه ڏٺا هئا. اسان جي ناگپور جا گدرا ته اُنهن جي سامهون بلڪل حبشي لڳا ٿي. خوراڪ جي وزير کان پڇڻ تي پتو پيو ته هي سنگترا خاص طور تي ڪئليفورنيا مان گهرايا ويا آهن. اُتي جون به شيون تمام گهڻيون مشهور آهن. هڪ ته سنگترا ۽ ٻيون هالي ووڊ جون اداڪارائون. اجان ته فقط سنگترا آيا آهن. پر جڏهن هندستان ۾ مارشل پلان نافذ ٿيندو ته هالي ووڊ جون اداڪارائون به انڊيون ۽ ملڪ جي صنعت ۽ حرفت کي وڏيڪ ترقي ملندي.

خير! ڳالهه خوراڪ جي ٿي رهي هئي ۽ ڪٿان جو ڪٿي پهچي ويس. اُن ڏينهن جي ڳالهه آهي، مون کي گورنمينٽ هائوس ۾ دعوت ڏيئي گهرايو ويو هو. اُتي به مون ڪاڌي پيتي جي ڪا به کوٽ نه ڏٺي. ڪٿين پيرا مون پنهنجي دوست ميمبر چور داس وٽ دعوتون کاڌيون آهن، اُتي به سڀ دوست کائيندي پيئندي خوش و خورم نظر آيا. سمجهه ۾ نٿو اچي ته اخبارن ۾ ڏهاڙي اها خبر ڇوٿي اچي ته ملڪ ۾ ڪاڌي جي اڻاٺ آهي.

صاحب! آئون سچ پيو چوان ته ملڪ ۾ ڪاڌي جي بنهه اڻاٺ ناهي ۽ جي ڪٿي آهي ته اُها به ڪميونسٽن جي پيدا ڪيل آهي. توهان اُنهن کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو. ڪاڌي جي اڻاٺ خود به خود ختم ٿي ويندي، ڪميونسٽ وڏا بدمعاش ٿيندا آهن.

صاحب! آئون اوهان کي پنهنجو مثال ٻڌايان ٿو ته هڪ لڳان هيئن ٿيو جو مون پنهنجي ڊرائيور کي ٽن مهينن تائين پگهار ڪو نه ڏني. اهو رڳو هڪ اتفاق هو نه ته، آئون پنهنجن نوڪرن چاڪرن جو تمام گهڻو خيال رکندو آهيان.

صاحب! هو لُڙ ڪرڻ لڳو. جڏهن مون ان کي چنبڙ پٽي ته سرخ ٽوپيءَ وارن کي پاڻ سان وٺي آيو ۽ پرپاسي جي بنگلن ۾ به لُڙ مچي ويو ته پهريئن بنگلي واري صاحب ڊرائيور کي ٽن مهينن کان پگهار ناهي ڏني.

صاحب! انهن سرخ ٽوپيءَ وارن ڊرائيور کي ٽن مهينن جي پگهار به ڏياري ۽ هڪ مهيني جو بونس به. اُهي ڏاڍا مٿي ڦريل آهن. انهن کي اسان جي سرڪار جيترو جلدي ڇيپاٽي اوترو ڀلو. اسان

آزادي ان لاءِ نہ ورتي هئي تہ ڊرائيورن کي بونس ڏيندا وتون ۽ مزدورن کي مهانگائي الائونس بہ ڏيون. انهن غريبن کي جي مٽي تي چاڙهبو تہ پوءِ حڪومت بہ هلي.

ها! پيو پيگ ناهہ پر ٿورڙو مڙئي سوايو ناهہ. الاجي ڇو اڄ براندڊ مان مزو ئي نہ ٿو اچي. هي مکڻ ۾ تريل مڇر ۽ پٽاٽن جي چپس بہ جڻ رک ۾ تريل پئي لڳي. شايد هوٽل واري بورچي مٿائي چڙيو آهي. پراڻو بورچي ڪيڏانهن ويو؟ سٺ رپيا پگهار گهريئين ٿي؟ اڙي ميان هي ماڻهو سٺ رپيا تہ ڇا سئو ۾ بہ خوش نہ ٿيندا. اڄ ڪلهہ تہ هوا ئي اهڙي پئي گهلي. جنهن کي ڏسو مٽي تي چڙهي پيو ڳالهائي. ڇو ٿا مهانگائي الائونس ڏيو. ٻڌايو پهرين ڪيئن گذر ڪندا هئا؟ مان ڇوان ٿو پوري زماني کي جڻ باهہ لڳي رهي آهي. چين ۾ ڏسو ڇا پيو ٿئي. ملائيشيا ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ برما ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ هي اسان جي حڪومت ڇو ستي پيئي آهي؟ چين ۾ فوجون ڇو نٿي موڪلي؟ ان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اڙي ميان مون پنهنجي زال جا زيور بہ سئيزرلينڊ موڪلي ڇڏيا آهن. تو ڪيڏانهن موڪليا آهن؟ ڏکڻ آمريڪا؟ ها ميان مون ٻڌو آهي تہ برازيل بہ اڄڪلهہ محفوظ جڳهہ آهي. اُتي ڪو بہ ڪميونسٽ پير ڪوڙي نٿو سگهي. پر ميان! منهنجي ويجهو اچ توکي ڪن ۾ ڳالهہ ٻڌايان! انهن ماڻهن تي ڪو ڀروسو ناهي. نہ ڄاڻ ڪڏهن اُٿي کڙا ٿين. ڊرائيور تہ اُتي بہ هوندا ۽ مزدور بہ هوندا. بس هي ماڻهو تہ پوءِ اُتي بہ پهچي ويندا.

ها ڀائو آءٌ ڪاڏي جي ڳالهہ ڪري رهيو هوس. هندستان ۾ ڪاڏي جي کهڙي کوٽ آهي؟ اڙي ميان! هي تہ سون جي جهرڪي آهي سون جي جهرڪي. هتي جي تہ مٽي بہ سون پيدا ڪري ٿي. هڪ ڀيري اسان جي ڀنگي کي ڪچري جي ڍير مان سون جو والو مليو. هڪ ڏينهن مون ڏٺو تہ ڀنگي جي زال کي منهنجي زال جهڙو والو پاتل هو. اسان جي ڀنگي جي زال ڏاڍي خوبصورت آهي. ڪٽي جو ڏسوس تہ دل ڏيئي ويهو. هڪڙي ڏينهن اچ تہ توکي ان جو ديدار ڪرايان. هاهاها...

مون هن کان پڇيو: "تو هي والو ڪٿان آندو؟"

چيائين: "مڙس ڏنو آهي."

مون ڀنگي کان پڇيو تہ ان چيو "گند جي ڍير مان مليو آهي."

هي آهي هندستان جي مٽي، آئون توکي پنهنجو مثال ٻڌايان ٿو. جڏهن آئون ننڍو هوس. مون ڀنگي جي پٽ، يعني اهو جيڪو هن وقت اسان جو ڀنگي آهي ان سان گڏجي ڪچري جي ڍِڳ کي ڦلورڻ شروع ڪيو تہ اُن مان چار آني جو سڪو مليو بہ گدرا، هڪ زيتون ۽ هڪ ڪتاب جو پنو مليو جنهن تي لکيل هو "حسن جو سينگار" ۽ اُن کان سواءِ هڪ زنانو چپل، جنهن سان پوءِ امان مون کي ڏاڍو ڪٽيو ۽ هڪ ڪيڪ جو ٽڪرو جنهن تي مکڻ لڳل هو. ڪوڙساري برياني ۽ چار مانيون بہ. هاڻي هي تہ هڪڙي بنگلي جي ڪچري جو احوال آهي. پاڻ ڳڻيو. پرپاسي جا سوين بنگلا، هي غريب ماڻهو جيڪي انهن گند جي ڍيرن کي ڦلورين ٿا ڏاڍو مزو وٺن ٿا. ڪلڪتي، بمبئي ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ اهڙا لکين گند جا ڍير لڳا پيا آهن. غريب ماڻهو اُن مان فائدو وٺن ٿا ۽ اسان کي ۽ توهان کي ان مان ڪو فائدو نہ ٿو ٿئي. توڻي جو اِهي سڀ شيون اسان جي ئي گهرن مان وڃن ٿيون. آئون تہ ڇوان ٿو تہ سرڪار کي ان گند تي بہ ٽيڪس لڳائڻ گهرجي؟

هٿ ملائي يار ڪهڙي نه پلي ڳالهه ڪئي اٿئي. ان ڳالهه تي ته سرڪار کي اسان کي وزير بڻائڻ گهرجي. ڪروڙن جي آمدني ان ٽيڪس مان به ٿي سگهي ٿي. آئون توکي صحيح ٿو چوان ته هي ماڻهو ڪچري جي ڍير مان ڪاڏو نه پر ٻيون شيون ڳولين ٿا. اها ڪميونسٽن جي چال آهي آئون سڀ ڄاڻان ٿو. انهن سڀني تي ٽيڪس لڳائڻ گهرجي. ڇا خيال آهي حڪومت کي خط لکان؟

هي ڪاڏي جي پيداوار وڌائڻ جي خيال تي حڪومت به هربرو پريشان ٿي رهي آهي. هندستان ۾ ڇا نٿو ٿئي؟ ڪڻڪ ٿئي ٿي، ٻاجهر ٿئي ٿي، مڪئي ٿئي ٿي، ڪمند ٿئي ٿي ٿو سڻي ٿئي ٿي، گلاب جا گل ٿين ٿا.

۽ ڪڪڙ جي ران ٿئي ٿي جنهن جو مٽ سڄي دنيا ۾ ناهي. ڪيئن؟ سچ ٻڌاءِ. ڪڪڙ جي رانَ جو ڪومٽ دنيا ۾ آهي؟ سچ ٿو چئين دوست، ڪيڏي نه مزي جي ڳالهه ڪئي اٿئي! ۽ هي ماڻهو ان اُپائڻ جو روئڻو روئي رهيا آهن. اڙي يار، آئون توکي پنهنجون مثال ٻڌايان ٿو. مون وٽ ڇئن درجنن ڪان مٿي ٽوپيون هونديون ۽ هر هڪ ٽوپي جو وارو ٻئي يا ٽئين مهيني ئي ايندو آهي. هڪڙي ڏينهن آئون آمريڪن ٽوپي پائڻ لڳس ڇاڪاڻ جو اُن ڏينهن مان آمريڪن سوٽ پائي رهيو هوس، جو ڪٽي ڏسان ته ٽوپي جي مٿان هڪ گل تڙيو بينو آهي! ايئن ڪيئن ٿيو؟ ڏٺم ته ٽوپي جي مٿان هڪ مٿي جو لپو پيو آهي، شايد راهه ويندي اُن تي ڪريو هوندو ۽ شايد اُن کي ڪتان پاڻي به اچي لڳو هوندو. هاڻ هن لپ مٿي مان گل تڙي پيو. ته جناب هي آهي هندستان جي مٽي. آئون سوچيان ٿو ته جيڪڏهن هر هندستاني پنهنجي پنهنجي ٽوپي تي پوک ڪرڻ لڳي ته ڪيئن رهندو؟ ٽوپيءَ جي مٿين ايراضي 52 اسڪوائر انچ آهي ۽ هندستان جا سڀ ماڻهو فقط پنهنجين ٽوپين تي پوک ڪرڻ شروع ڪن ته ڪڏهن به ڏڪار ئي نه ٿئي. ڇا ٿو چوين اگهاڙي مٿي وارا ايئن ڪندا؟

اڙي يار! اُنهن جي مٿن لاءِ قانون پاس ڪري ٽوپيون نه پرننديون نديون مٿي جون پريل ٿوڪريون رکايون وڃن ۽ ان ڪم لاءِ گانڌي ٽوپي وڏيڪ ڪارائتي رهندي. ڇا خيال آهي؟ منهنجي خيال ۾ هي هندستان جو سڀ کان وڏو منصوبو بڻجي سگهي ٿو. ٽوپي منصوبو! منهنجي خيال ۾ ان کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ آمريڪا کان ماهر سائنسدانن، انجنيئرن ۽ بينڪرس کان مدد ورتي وڃي ۽ ان ڪم جي شروعات به وزارتي ڪابينا جي ميمبرن کان ٿئي ته، جيئن ڪجهه ئي عرصي ۾ خبر پئجي وڃي ته، هي جو پنهنجي سر تي پوک پوکي اچي رهيو آهي اهو جيرامداس دولت رام آهي ۽ جنهن جي مٿي تي مگن جي دال پوکيل آهي اُهو سردار پٽيل آهي. هي جوئر جي پوک پنڊت نهرو جي آهي ۽ جنهن جي سر تي گوبي جو گل قتل آهي اُهو مولانا ابوالڪلام آزاد آهي! هاهاها! ڪيڏو نه مزو ايندو. هن وقت ڇا ته منهنجو دماغ ڪم ڪري رهيو آهي. هاڻي فرينچ براند سيف جو پيگ ٿاهي ڏي جو مون کي ڪم ڪرڻو آهي..... ٺيڪ آهي هاڻي جڏهن به پيئنداسين هتي نه پيئنداسين، گويا هلي پيئنداسين. مون ته پنهنجو بينڪ اڪائونٽ به گووا شفٽ ڪري ڇڏيو آهي. نه ڄاڻ سياڻي ڇا مان ڇا ٿي وڃي. ڪير ڪنهن تي اعتبار ڪري؟ تون به ائين ڪر، منهنجا يار ٻه چار لک هتي رهڻ ڏي باقي ٻاهر موڪلي ڇڏ.

اڙي يار! هي ٻي ڳالهه ٻڌ. پاڻ وٽ چون ٿا ته ڪاڏي جي کوٽ آهي. ته هي ماڻهو ڪتا، ڪوئا ۽

ٻليون چو ڻتا کائن؟ اڙي يار ٻين مشرقي ملڪن ۾ ٻہ تہ ماڻھو اُنھن کي وڏي شوق سان کائيندا آھن. ڪتا ٻليون تہ ڇا اھي نانگن کي بہ رڌي کائي وڃن ٿا. پوءِ ھتي چو ڻتا کائن؟ ھتي تہ ڪتا ٻليون ۽ ڪوئا ايڏي انگ ۾ آھن جو ڇا ٻڌايان؟ منھنجي پنھنجي بنگلي ۾ ئي ايڏي وڏي انگ ۾ آھن جو اُن مان چڱي ڀلي چائينيز ھوٽل کلي سگھي ٿي. پر ڪنھن ۾ ايترو عقل ئي ڪٿي آ. جو انھن غريبن کي اھي شيون کائڻ جو چوي. ھرو ڀرو ھر ھفتي راشن ۾ ڪٽڪ، ٻاجھر ۽ چانور ڏيئي انھن ماڻھن جو مٿو خراب ڪري رھيا آھن. آءٌ تہ چوان ٿو تہ راشن ھڪ ئي ڌڪ سان بند ڪرڻ گھرجي، تڏھن ئي وڃي ھي ماڻھو سڌرندا. اڙي يار! جڏھن آئون پيرس ۾ ھئس تہ مون کي ھڪ ڪينيڊين ڪمانڊر ٻڌايو تہ ھڪ دفعي ھو اھڙي علائقي ۾ ھليو ويو جو ھن کي اُتي ٻن ھفتن تائين گاھہ اُٻاري کائڻو پيو. ڏس جڏھن ھڪ ڪينيڊين ڪمانڊر گاھہ اُٻاري کائي سگھي ٿو، ھاڻي ٻڌاءِ! جي جنگ جي ڏينھن ۾ ڪينيڊا جا يورپي ماڻھو گاھہ کائي سگھن ٿا، تہ ڏڪر ۾ ھندستان جا ماڻھو گاھہ چو ڻتا کائي سگھن؟

”ڇا ڇيئي! بيڇاپور ۾ ماڻھو گاھہ کائي رھيا آھن.“

” گجرات ۾ بہ ايئن آھي.“

” ھا انھن چرين سان اھو ئي ٿيڻ گھرجي.“

”چريا آھن ھي ماڻھو؟“

”تو ڇا چيو؟“

” چريا نہ ھجن ھا تہ گند جي ڍيرن مان ڪاڏو چو ڳولھن ھا؟ ۽ سرمائيدارن مان محبت جي آس چو رکن ھا...؟ “

” تون ڪير آھين جو اسان ٻن شريفن جي وچ ۾ پيو ڳالھائين؟ اڙي تون تہ ھوٽل جو بيرو آھين! ھتي بيھہ تون اسان جون ڳالھيون ٿو ٻڌين؟ تون بہ مون کي ڪميونسٽ لڳين ٿو. آئون ھاڻي ئي تنھنجي مئنيجر وٽ شڪايت ڪريان ٿو...“

”نہ يار نہ. ھاڻي آئون وڌيڪ نہ پيئندس. ھن مان تہ نشو ئي نٿو ٿئي!

❋❋❋

# پوَن سنڌيءَ جا ڇپيل ڪتاب

(ست ئي ڪتاب
ست سئو رپين ۾ گھر ويٺي
پوسٽ ذريعي گھرايو)

| | |
|---|---|
| گوري گھاگھر ۾ گوندر (پرڏيهي ڪهاڻيون) | ملهہ: 150 رپيا |
| سندري سپنا ۾ صليب (شاعري) | ختم ٿيل |
| ستارن پويا ٻوڙندڙ شخص (پرڏيهي ڪهاڻيون) | ملهہ: 150 رپيا |
| درد ٻڌيو دلربا (پرڏيهي ڪهاڻيون) | ملهہ: 150 رپيا |
| محبت ماريا ماڻهو (پرڏيهي ڪهاڻيون) | ملهہ: 150 رپيا |
| پراڻو قرض (ڪهاڻيون) ڪرشن چندر / پوَن سنڌي | ملهہ: 200 رپيا |
| اگھاڙپ جو فلسفو (ڪهاڻيون) ڪرشن چندر / پوَن سنڌي | ملهہ: 200 رپيا |

# جلد ايندڙ ڪتاب

خاڪن جو ڪتاب
ڊائريءَ جا ورق ڪتاب
شاعريءَ جو ڪتاب

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ٻولي جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻولي جي بقاء خاطر سنڌي ٻولي ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

